
شيخ اياز

جڳ مڙيوئي سپنو

A-3 (66)

000043

شيخ اياز

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر - ٣

ڪتاب بابت ....

اَڄ مان سنڌيءَ جي عظيم شاعر شيخ اياز جي ڪتاب ”جڳ مڙيوئي سپنو“ بابت ڪجهه چئي رهيو آهيان. سنڌي نائيمس پبليڪيشن طرفان هن کان اڳ شيخ اياز جي ڊائريءَ جا ڪجهه ورق ڇاپيا هئاسين ”شاعر جي نوٽبوڪ تان“ جي نالي سان ۽ هاڻ سندس آر. ڪتا جا ڪجهه ورق ڏئي رهيا آهيون.

آر. ڪتا. انهن چوڻ ڪانوڻي اَڄ سوڌو، يعني الف ب وار تفصيل ڪونه آهن. پر انهن زندگيءَ جي ڪتاب مان ڪجهه ورق آهن، سي به سلسليوار ڪونه آهن. پر جيئن جيئن ياد جي پکيءَ تي اچي ٽونه اهو ڪجهه ڏنو ويو آهي.

شيخ اياز، شاعر طور پرسڌ آهي، پر هن جو نثر به ڀرپور مت پاڻ آهي. شروعاتي دؤر يعني سال ۱۹۴۷ ڌاري شيخ اياز ڪجهه ڪهاڻيون لکيون هيون، سي تنهن ئي ”سفيد وحشي“ جي نالي هيٺ ڪتابي صورت ۾ آيون هيون. ان بعد اهي ۽ ڪي ٻيون ڪهاڻيون ”پنهل ڪانپوءِ“ جي نالي سان مجموعي جي روپ ۾ ظاهر ٿيون.

پر سندس نثر جو پهريون ڪتاب ”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ سال ۱۹۶۳ ۾ ظاهر ٿيو جنهن پڙهندڙن ۽ نقادن جو ڌيان ڇڪايو ۽ سڀني اقرار ڪيو ته شيخ اياز نظم سان گڏ نثر به واه جو ٿو لکي. ان بعد ته سندس نثر جا ٻيا به ڪتاب ”ساهيوال جي ڊائري“، ”خط تقريرون، ۽ انٽرويو“ به ظاهر ٿيو ته تازو ”ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون“ به پڙهندڙن وٽ پهچي ويو آهي. ۽ هاڻ هي ڪتاب ”جڳ مڙيوئي سپنو“ هي سڀ ڪتاب شيخ اياز جي آر. ڪتا جا روپ آهن. جيئن جيئن کيس ڪي واقعا ياد ٿا اچن، اهي هن قلمبند ڪيا آهن.

شيخ اياز جا ڇپيل ڪتاب

١- سفيد وحشي (ڪهاڻيون) ١٩٤٧
٢- پنهل کان پوءِ (ڪهاڻيون) ١٩٥١
٣- ڀونر ڀري آڪاس (شاعري) ١٩٦٢
٤- ڪلهي پاتم ڪينرو (شاعري) ١٩٦٣
٥- ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي (خط) ١٩٦٤
٦- ڪي جو ٻڌل ٻوليو (شاعري) ١٩٧٠
٧- وڄون وسڻ آئيون (شاعري) ١٩٧٢
٨- ڪپر ٿو ڪن ڪري (شاعري) ١٩٧٥
٩- لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري) ١٩٨٠
١٠- پتڻ ٿو پُور ڪري (نثري نظم) ١٩٨٢
١١- ڪِرا ڪنڊل صليب جا (نثري نظم) ١٩٨٤
١٢- ٽن چنڊ پچاڪا (هائيڪو) ١٩٨٥
١٣- جڳ مڙئي سپنو (آتم - ڪهاڻي) ١٩٨٥
١٤- واٽون ڦلن ڇانئيون (شاعري) ١٩٨٥
١٥- چنڊ چنبيلي وَل (شاعري) ١٩٨٥
١٦- رڻ تي رم جهم (شاعري) ١٩٨٦
١٧- ساهيوال جيل جي (جيل ڊائري) ١٩٨٦
١٨- ڀڳت سنگهه کي ڦاسي (ڊرامو) ١٩٨٦
١٩- راج گهاٽ تي چنڊ (شاعري) ١٩٨٧
٢٠- خط، انٽرويو ۽ تقريرون ١٩٨٧
٢١- ڀڄ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي (شاعري) ١٩٨٨
٢٢- اَڪن نيرا ڦليا (شاعري) ١٩٨٨
٢٣- ڪراچيءَ جا ڏينهن راتيون (ڊائري) ١٩٨٩
٢٤- جهڙ نيڻان نه لهي (شاعري) ١٩٨٩
٢٥- سر ناراين شيام (شاعري) ١٩٨٩
٢٦- اُڀر چنڊ، پس پرين (شاعري) ١٩٩٠
٢٧- الوداعي گيت (شاعري) ١٩٩٠

"... مطالعي (اڀياس) جي ذوق رکڻ وارا ڪافي آهن، پر اياز جيان "وڏا جي عميق ۾ ٻڏهن ڪانءُ ڏيئي" ٿورا آهن. هن جي من ۾ هڪڙي جستجو، طلب، علم جي اُڃ ۽ اساس آهي. جا کيس وڌ کان وڌ ڪتاب پڙهڻ لاءِ اڪسائيندي رهي ٿي.

ڏسجي ائين ٿو ته مطالعو هن لاءِ جڳن جو جادو آهي جنهن سان گهري هم آهنگي ۽ وابستگي هن زمان ۽ مڪان جا فاصلا مٽائي ڇڏيا آهن، هو نيڻن جي مشعلن سان ڪائنات جي انڌارن کي دور ڪندو رهي ٿو..."

هڪ هنڌ خوشونت سنگهه، رجنيش جي سلسلي ۾ لکيو آهي ته: سڄي دنيا ۾ اهڙا ڪي ٿورا شخص آهن، جن ايترو ۽ ايڏو اڀياس ڪيو آهي. ۽ ان کي پنهنجي نموني ۾ پيش ڪيو آهي.

مان جيڪر اهي ئي لفظ هن نموني ڪم آڻيان ته،
"... سنڌيءَ جا ڪي ٿورا شخص آهن، جن اياز جيترو، جهڙو اڀياس ڪيو آهي. ۽ ان اڀياس کي پنهنجي نموني انوکي طور پيش ڪيو آهي..."

اياز جو ڪهڙو به ڪتاب کڻو خاص طور نثر ۾ لکيل، پوءِ اهو "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" هجي يا "ساهيوال جيل جي ڊائري" يا "خط، تقريرون ۽ انٽرويو" يا "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" يا هي مجموعو "جڳ مڙئي سپنو" هر صفحي تي دنيا جي جدا جدا ٻولين جي ادب جا حوالا آهن. انهن جي ليکڪن جا حوالا آهن، پوءِ ادب هجي يا سياست.

اياز نه فقط پڙهيو آهي، پر ان کي سمجهيو به آهي ۽ اهو اُڃ جي حوالن ۾ ٻڌائي به ٿو.

تازو اياز جڏهين هت هندستان ۾ آيو هو ته هن رجنيش جا ڪتاب ورتي ويو جيئن هو ان جي ويچارن کان گهري طرح واقف ٿي سگهي.

ان ڪري انهن ورقن جو ڪو سلسلو ڪو نه آهي. پر اهي ڪڙيون ڳنڍي سنڌ س زندگيءَ جون ڪافي جهلڪون ملن ٿيون. هن ٿي ڪتاب بابت خود پاڻ لکي ٿو ته:-

"مان ڀانيان ٿو ته، مان پنهنجي شخصيت
جي پوري عڪاسي ڪنهن "ڊاڪٽر زواگو"
جهڙي ناول ۾ ٿي ڪري سگهان ٿو.
هيءَ آتم ڪهاڻي، هڪ ڦرندڙ سٽراپن وانگر آهي.
جنهن جا رنگا رنگ شيشا منتشر رنگ ۽ نقش ته
ٺاهي رهيا آهن، پر انهن ۾ ڪوئي تسلسل نه آهي..."

اهڙا هن ڪتاب "جڳ مڙيو ئي سپنو"، "ساهيوال جي ڊائري"، "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" ۾ منتشر رنگ ۽ نقش ته آهن، پر انهن ۾ ڪوئي تسلسل ڪو نه آهي.

جن هت وجيه لکشمي پنڊت جون يادگيريون

"The scope of Happiness"

يا ڪملا ديو چٽوپاڌيا جو

"Inner Recesess outer spaces"

يا نيرد چوڌريءَ جو

"Thy Hand Great Anarch"

پڙهيا هوندا، اهي شيخ اياز جي هنن ڊائرين (زندگيءَ جون ڪي يادگيريون) پڙهي ڄاڻندا ته شيخ اياز ڪهڙي ٿو لکي ۽ ڇا ٿو لکي.

سنڌيءَ ۾ ان قسم جو ڪتاب هري دلگير جو "چولو منهنجي چڪ ۾" ظاهر ٿيل آهي.

شيخ اياز جي هنن ڊائرين (مجموعن) پڙهڻ سان اياز جي احساس ۽ ڄاڻ جي اندروني طور معلومات ٿئي ٿي. ان بابت سنڌيءَ جي مشهور ليکڪا مهتاب محبوب "ساهيوال جيل جي ڊائري" جي مهاڳ ۾ به ذڪر ڪيو آهي.

جڳ مڙيوئي سپنو

اسان جي پاڙي ۾ هڪ برهمو سماجي رهندو هو. هن جي گهر ۾ گئلري هوندي هئي جنهن ۾ دنيا جي ڪيترن ئي اهم ماڻهن جهڙوڪ شيڪسپيئر، ٽالسٽاءِ، ٽئگور، ايمرسن، برنارڊ شا ۽ گانڌيءَ وغيره جون مڙهيل تصويرون يا فوٽو گراف ٽنگيل هوندا هئا ۽ انهن سڀني جي وچ ۾ برهمو سماج جي بانيءَ راجا رام موهن راءِ ۽ هن جي پياري پوئلڳ ڪيشب چندرسين جا فوٽو گراف ٽنگيل هوندا هئا. انهيءَ برهمو سماجيءَ نه رڳو اسان جي ننڍيءَ عمر ۾ ئي دنيا جي اهم ماڻهن سان واقفيت ڪرائي هئي پر اهو به ٻڌايو هو ته هندو ڌرم ۾ گهڻا فرقا هئا ۽ انهن مان برهمو سماج اسلام جي قريب هو، ڇو ته برهمو سماج ۾ خدا جي وحدانيت جو تصور موجود هو ۽ بت پرستي جائز نه هئي. هن مون کي ڪيشب چندرسين جا ڪتاب سنڌي، اردو ۽ انگريزي ترجمي ۾ ڏنا هئا. انهن ڪتابن ۾ مون پڙهيو هو ته ڪيشب چندرسين هن ڪائنات جي ازلي حقيقت کي ”ماتا“ ئي ڪوٺيو ۽ وڻن ٽڻن، گلن ٻوٽن، ماڻهن مرن، مطلب ته ساري سنسار جي هر ساهيءَ ۽ هر سهڻي کي ”ماتا“ جي ذاتي ۾ سمائي، وارون وار پئي پڪاريو، ”ماتا!“ ”ماتا!“ ”ماتا!“ : اهو آواز اڄ تائين منهنجن ڪنن ۾ گونجندو رهيو آهي. ڌرتي ته منهنجي ماتا آهي ئي جا امر آهي، پر منهنجي هڪ ٻي ماتا به هئي جنهن مون کي ڪک مان جنم ڏنو هو ۽ جا مري چڪي آهي. جڏهن رات جو طوفان لڳندو هو ۽ دريائن جا ناڪ ملڪ الموت جي هٿن وانگر تاڙيون وڄائيندا هئا ۽ مون کي خوف ٿيندو هو، تڏهن هوءَ مون کي ڇڪي

اياز پڙهي ٿو، لکي ٿو، ڏسي ٿو وائسي ٿو. ڪن نقادن اياز بابت لکيو آهي ته هو فقط لکي ٿو، پر انهن سان ٻيهي ڪونه ٿو. يعني عوام سان گڏ ڪونه آهي.

اياز جي لکيل ڪتابن مان ائين نٿو لڳي.

ائين به ضروري ڪونه آهي ته، شاعر يا ليکڪ ان تحريڪ ۾ حصو وٺي جا ڪن نقادن ڪئي آهي.

پر بنڪم چندر چٽرجي "آنند مٺ" ناول لکيو ۽ ان ۾ "وندي ماترم" جو گيت ڏنل آهي. ان گيت، آزاديءَ جي تحريڪ ۾ قومي گيت جو روپ ورتو ۽ آزاديءَ جي جنگ. ان گيت ڳائيندي لڙي وئي، پر بنڪم بابو آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ سپاهي ٿي نه لڙيو. هو سرڪاري ملازم هو. ڪوي ڀيوس به آزاديءَ جي هلچل ۾ ڀاڱ والنٽيئر ٿي حصو ڪونه ورتو. پوءِ به اياز جي گيت ڳاءِ انقلاب، ڳائيندي آزاديءَ جي لڙائي لڙي وئي آهي ته اهو به هڪ قسم جو لڙائيءَ ۾ ڀاڱو حصو وٺڻ جي برابر آهي، ۽ اهو ضروري ڪونه آهي ته اياز انهن سرگرمين، سڀني ۾ ڀاڱ اچي حصو وٺي. جيتوڻيڪ هن ون يونٽ واري تحريڪ ۾ ان قسم جو به حصو ورتو هو. جيئن ساري ٻهڪي ۽ پهارن واري اخبار جو وڪرو ڏهڪين ۾، رستن تي هاڪر ٿي وڪرو ڪيو هو. اياز به ان نموني حصو ورتو آهي ان ڪري ائين ڪونه چئبو ته هو ٻڌي ويو آهي. يا پاسو وٺي ويٺو آهي. ڪيئن به اياز جون هي لکڻيون، تصنيفون به آزاديءَ لاءِ انسان پيدا ڪن ٿيون.

اميد ته هي ورق "جڳ مڙئي سپنو" پڙهندڙن کي پسند پوندو.

- نارائڻ ڀارتي

مکيه سمپادڪ

پهرين جنوري ١٩٩١

سنڌي ٽائيمس آفيس،

لکمي مارڪيٽ، الهاسنگر-٣.

منهنجا سڀئي مائٽ مسلم ليگي هئا ۽ هو مهاتما گانڌيءَ کي "مهاطمع" گانڌي ڪوٺيندا هئا. منهنجو وڏو عزيز مرحوم واجد علي شيخ شڪارپور مسلم ليگ جو پريزيڊنٽ ۽ مسجد منزل گاهه تحريڪ جو ليڊر هو ۽ جي اها تحريڪ پيدا نه ٿئي ها ته، مرحوم الله بخش سومرو شهيد نه ٿئي ها ۽ جيڪي الله بخش سومرو شهيد نه ٿئي ها، ته سنڌ اسيمبلي پاڪستان جو ٺهراءُ پاس نه ڪري سگهي ها. ان ڪري پاڪستان ڪانپوءِ شڪارپور جا مسلم ليگي شيخ شهر تي حاوي هئا ۽ پاڻ کي قانون جي گرفت کان آجو سمجهندا هئا.

شڪارپور ۾ مارچ ١٩٤٧ع کان اڳ ئي اڌ پلاڻ شروع ٿي وئي هئي ۽ هندو پنهنجا ماڳ مڪان ڇڏي، گهرن کي تالا ڏيئي، ڀارت وڃي رهيا هئا.

مان انهن ڏينهن ۾ ايل. ايل. بي. جي پوئين امتحان جي تياريءَ لاءِ شڪارپور ۾ آيل هئس. (مان ڇا لاءِ ڄاڻي واڻي ايل. ايل. بي. جي پوئين ساليانيءَ امتحان ۾ نه ويٺو هئس ۽ سپليمينٽريءَ لاءِ تياري ڪري رهيو هئس، اهو منهنجي رومانوي زندگيءَ سان تعلق رکي ٿو جنهن جو ذڪر مان اڳتي ڪنهن هنڌ ڪندس).

ڪراچيءَ ۾ مان ميٺارام هاسٽل جي پرسان آڪاڙيءَ ۾ طرح طرح جون ورزشون ڪندو هئس ۽ نيٽي جيٽيءَ جي ڏاڪڻ وٽان سمنڊ ۾ لهي اونهاري سياري ترندو هئس. (مون ساورڪر جي جيونيءَ ۾ پڙهيو هو ته انگريز هن کي گرفتاريءَ هيٺ پاڻيءَ جي جهاز ۾ وٺي وڃي رهيا هئا ته هو سنيزواهه ۾ ٽپو ڏيئي، تري، ڪناري تي پهتو هو ۽ قاهره جي گهٽين ۾ گم ٿي ويو هو ۽ نيٺ وڃي پئرس پهتو هو، جتي هن ١٨٥٧ع جي بغاوت تي

ڇاتيءَ سان لائيندي هئي ۽ جڏهن ڇاهه لي لٽل لڳو مدهجي
ڇتيءَ اڪ لي ڪلندو هو، تڏهن هوءَ ڳڻيون ڏاهي مون کي
مٿهن ۾ ڏيندي هئي ۽ جڏهن ڏيهن جو مون کي ننڊ نه
ايندي هئي، تڏهن هوءَ مون کي ٻيڪهي ۾ لوڏو ڏيئي، لولي
ڏيندي هئي ۽ جڏهن ابي جي راس ۾ ٻت مون کي اڄ ڇڏن
ڪندي هئي تڏهن هوءَ ڏاهي سر ۾ لوڪ گيت ڳائيندي هئي
"گهل ڏڪڙ اڙي، نيڻا ننڊ گهرن!" ۽ جڏهن مدهجي
اها ماڻا، اها امان، سڀ جي ڏاڍي - امان ڏڙيءَ جي گود ۾
هلي وئي هئي، ننڍڙي ئي وئي هئي، اڄڙي ٻڪڙي ئي
وئي هئي، جو ڏاڍيءَ امان جي ڪڪ ۾ سمائجي وئي هئي،
تڏهن مون کي انهيءَ اڌوري سماجيءَ جي پڪار ياد آئي هئي
"ماڻا! ماڻا! ماڻا!" ●

مون ڪجهه سوچي، هن کي چيو، ”اڄ رات مان به اوهان سان هلندس.“

جڏهن رات جو هڪو مڪو ٿيو، تڏهن اسان چار ڄڻا نڪتاسين. اسان جي ٻاڙي جي ٻنيان گهگهراٽين جو ٻاڙو هوندو هو. اسان ان ٻاڙي ۾ ڪنهن سيٺ جي وڏي مڪان وٽ پهتاسين. ٻاهرئين دروازي کي لوهي تالو لڳل هو، جنهن ۾ مهنجي هڪ مائٽ ٻاٽيءَ ۾ پيل انگوٺو ٻڌو چوٿو ڪري رکيو ۽ پوءِ ان تي واهولي جا چار پيچ ڏڪ هڻيائين، ته پڻا ڪنهن آواز جي تالو پٽجي پيو. تالو پٽجي اسان اندر وياسين ته ڏٺوسين ته ايوان سان لڳ ٽي ڪمرا هئا جن مان ٻن کي تالا لڳل هئا ۽ هڪڙو ڪمرو اندران بند هو، جنهن جو روشندان کليل هو. مهنجي مائٽ اهي تالا پٽڻ ٿي چاهيا ته مون هن کي روڪي چيو، ”آءٌ ٿو اندران وڃي ڪمرو کوليان.“ پوءِ ٽپو ڏيئي، مون ٻئي هٿ روشندان ۾ لڳل لوهي شيخ ۾ وڌا، ۽ ٻانهن جي زور تي بدن مٿي چڪي، روشندان مان هڪ ٽانگ وانگر نڪري، هيٺ ٽپو ڏنم. پوءِ مون ماچيس جي تيلي ٻاري، بتيءَ جو بٽڻ ڳولي لڌو ۽ بتي ٻاري. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ته، ڪجهه ڏينهن اڳ ڪمرو بند ڪري ڪو ٻاهر ويو هو. الماڙين ۾ ڪجهه ڪپڙا ۽ ٿالهه ٿيا رکيا هئا، پيوسان پر، ٽي لوهي ٽرنڪون تالن سان بند ٿيل رکيون هيون ۽ انهن جي پرسان پٽ تي ڪپڙي مان ٺهيل هڪ گڏي پئي هئي، جنهن کي هڪ چوٽي هئي ۽ چالي سي ڪپڙي مان ٺهيل به اوڍهه هئا، ۽ جنهن جو سارو سرير ننگو هو. مان چئي نٿو سگهان ته گڏي هندو هئي يا مسلمان. گڏي هٿ ۾ کڻي، مان ان کي ڏسندو رهيس، ۽ ان جي ننڍڙيءَ مالڪياڻيءَ جو تصور ڪندو رهيس،

پنهنجو مشهور انقلابي ڪتاب لکي شايع ڪيو هو.) ايتري ورزش مون کي لٺ جي آلي لڪڻ وانگر اڏول ۽ لچڪيدار بڻائي ڇڏيو هو، جو مان روشندانن مان سرڪي، ڪمري ۾ لهي ويندو هئس.

1947ع جي لڏپلاڻ ۾ هزارين شڪارپوري هندو پنهنجو سامان سڙو ڇڏي، گهرن کي تالا هڻي، انهيءَ اميد سان هندستان هليا ويا هئا ته فساد جلد ئي ختم ٿي ويندا، ٿوري وقت ۾ امن امان بحال ٿي ويندو ۽ هو پنهنجن گهرن ۾ موٽي ايندا. ان لڏپلاڻ سبب پاڙن جا پاڙا ويران ٿي ويا هئا. اسان جي پاڙي کي هڪ پاسي ٽيٽن پور هٽي جتي شيخ ۽ پٺا رهندا هئا، جن جي ڀرسان شاهي باغ هو، ٻئي پاسي راڄي پور واري پير صالح شاه جو اوتارو هو جنهن جي ڀرسان ڪوري ۽ ٻه ڪٽ رهندا هئا، ۽ باقي ٻن پاسن کان هندن جا گهر ۽ حويليون هيون. انهن گهرن جي وچ ۾ رڳو ٻه ٽي گهر شيخن ۽ ڪمهارن جا هوندا هئا.

لڏپلاڻ کانپوءِ رات جي وقت منهنجا ٻه ٽي مائٽ چوريءَ تي نڪرندا هئا ۽ هندن جي گهرن جا تالا ڀڃي انهن جو سڙو سامان ڪڍي ايندا هئا. هڪ ڀيري هو پنهنجي چوريءَ جي باري ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته مون هنن کي چيو، ”اوهان پڙهيل ڳڙهيل آهيو، سڄي رات چوري ڪندي پڪڙيا وڃو ته ڇا ڪندءِ!“

انهن مان هڪ جواب ڏنو، ”پڪڙجڻ جو ڪو سوال ئي نه ٿو اٿي. پهريون ته رات جو چوڪيداري سڀ ۽ سنڌي آهي، اصل ڪڪڙن ڪون لڳي پئي هوندي آهي، ۽ ٻيو ته اسان پٺيءَ ۾ پيتل ڪڙو ڪلف لڳي رکي مٿان واهولي جا ڌڪ هڻندا آهيون ته ڪلف پٽجي پوندو آهي ۽ ڪو آواز به نه ٿيندو آهي ۽ اسان ماٺ ڪري سامان ڍور ڪڍي ايندا آهيون.“

سال ١٩٤٧ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وڪٽوريا روڊ تي پئراڊائيز هوٽل ۾ اردوءَ جي ترقي پسند مصنفين جي پهرين گڏجاڻي ٿي هئي، جنهن ۾ سجاد ظهير تقرير ڪري رهيو هو. هُو تقرير ۾ بار بار ترقي پسند ۽ رجعت پسند لفظ ڪم آڻي رهيو هو. تقرير هلندي، منجهان هڪ شخص اُٿي هن کان اردوءَ ۾ پڇيو، "ڇا، ترقي پسند سان اوهان جي مراد اشتراڪي آهي؟"

سجاد ظهير ٿورو گهٻرائجي ويو ۽ چيائين ته "نه، ائين ته نه آهي."

اُن تي ساڳئي شخص بلند آواز سان وري سجاد ظهير کان پڇيو، "ڇا، اوهان جي نظر ۾ اهو هرڪو اديب ترقي-پسند آهي جنهن جو آزاديءَ جي جدوجهد ۾ انگريز دشمن ڪردار رهيو آهي؟"

سجاد ظهير جواب ڏنو، "مان ڀانيان ٿو ته آزاديءَ جي جدوجهد ۾ اهو اديب يا ٻيو ڪوئي شخص جنهن جو ڪردار انگريز دشمن رهيو آهي، ترقي پسند آهي."

ان تي سوال ڪندڙ شخص چيو، "پوءِ ٻڌو! مان فاشي قوم پرست (نيشنل فاشسٽ) آهيان. مون کي انگريز جي حڪومت لاءِ بي حد نفرت هئي ۽ ان ڪري ٻيءَ جنگ عظيم وقت مان جرمن جو ايجنٽ هوس ۽ ان کي خفيه خبرون پهچائيندو هوس. جڏهن اها ڳالهه فاش ٿي، مون کي انگريز جي حڪومت پنج سال قيد ۾ رکيو. ڇا، مان اوهان جي نظر ۾ ترقي پسند آهيان؟ جي هر آزادي پسند ترقي پسند آهي ته اوهان مان مون کان وڌيڪ ترقي پسند ڪوبه نه آهي. اوهان ته انگريزن جي مخالفت رڳو اسٽالن ڪئي جيستائين جرمنيءَ

جا ڪوڪرا ٻار نوي بمبئي/مدراس/ڪلڪتي يا ٻئي ڪنهن شهر هٽين خالي وڃي ٻهٽي هٽي. مان ڪافي دير ان ڳليءَ ڪي ڏسندو رهيس ۽ مهنجا مائٽ مهنجو انتظار ڪري ٿڪجي پيا هوندا ڪسي ڏاڍا سڏ ڪيائون پر جڏهن هنن کي ڪو جواب نه مليو، تڏهن هو ڪلف ڪسي واهو لا هٽڻ لڳا. هو اڄ تائين ڪلف ڪي واهولا هٽي رهيا آهن، واهولا هٽي رهيا آهن ۽ واهولا هٽي رهيا آهن ...... ●

1947ع ۾ منهنجا ادبي دوست ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، ارجن شاد، موهن ٻدجائي، نارائڻ شيام ۽ ٻيا ڪيترائي يار، جن سان ڪراچيءَ ۾ ڪچهريون ٿينديون هيون، سرحد پار وڃي اٽڪيا هئا. ڪراچيءَ ۾ منهنجا ادبي دوست رڳو ٻه وڃي رهيا هئا. محمد ابراهيم جويو ۽ سوڀو گيانچنداڻي. منهنجو ڪلاس فيلو ۽ منهنجو ۽ نارائڻ شيام جو گهرو يار شيخ عبدالرزاق راز ڪراچي ڇڏي وڃي سکر ميونسپالٽيءَ جو چيف آفيسر ٿيو هو. ان دور جي عظيم سنڌي دانشور حشو ڪيولراماڻيءَ کي ملڪ بدر ڪيو ويو هو، ۽ مان ۽ منهنجو ٻدجائي دوست مونس حشوءَ جي ڇڏي ويل فليٽ ۾ رهندا هياسين. اها فليٽ سنڌ لا ڪاليج جي پرسان هئي ۽ ان جي پٺيان ٺهيل ماڙيءَ جي هڪ فليٽ ۾ ظهور نظر پنهنجي ماءُ سان گڏ رهندو هو ۽ هن وٽ هن جو دوست جاويد قمر به اڪثر رهيو پيو هوندو هو. ٻنهي سان منهنجي واقفيت مونس ڪرائي هئي. ظهور نظر ملتان جو هو ۽ ان وقت به، اردوءَ جو جوش و خروش وارو ترقي پسند شاعر هو. (ان دور ۾ اردو ادب تي ترقي پسندن جو غلبو هو ۽ مون کي ياد آهي ته ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ ڪرايل هڪ مشاعري ۾ پڙهندڙن، ترقي پسند شاعرن ڪانسواءِ، ٻئي ڪنهن به شاعر کي پڙهڻ کان انڪار ڪيو هو.) ظهور نظر مون کان ٿورو عمر ۾ وڏو هو ۽ ڇاڪاڻ جو اسان جا آدرش لڳ ڀڳ ساڳيا هوندا هئا، ٻنهي جي اردو ادب ۽ خاص ڪري اردوءَ جي ترقي پسند ادب ۾ گهري دلچسپي هوندي هئي، ۽ اسان تمام ٿوري عرصي ۾ گهرا يار ٿي ويا هياسين. انهن ئي ڏينهن ۾ ظهور نظر پنهنجي سموري موڙي تي سڀ رپيا سيڙائي، جاويد قمر سان گڏ جي هفتيوار رسالو "پيڪار" ڪڍيو، جنهن

روس تي ڪاهه نه ڪئي هئي، پر جڏهن کان اسٽالن چرچل جو اتحادي ٿيو تڏهن کان جنگ جي خاتمي تائين اوهان انگريز حڪومت جي حمايت ڪئي."

ترقي پسند مصنفين ۾ ٿاڪوڙو پئجي ويو. سجاد ظهير کي اقرار اتي ۾ ختم ڪرڻي پئي، ۽ جواني احمدت مڪ مٿي ڪري چيو، "پاڪستان اشتراڪي نه آهي ۽ نه ٿيندو." ●

۽ هن گهر ۾ اندر وڃڻ کان اڳ، منهن ورائي، اسان ڏانهن ڏسي، مرڪيو. سڀاڻي توکي هن جو گهر ڏيکاريندس.

ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ منهنجو واسطو هندو ڇوڪرن سان پيو هو، جي مون سان گڏ پڙهندا هيون يا پروفيسر پنجواڻيءَ جي ڏاهپ "سنڌي سرڪل" ۾ ايندا هون هيون ۽ ورهاڱي کانپوءِ وڃي سرحد پار نڪتيون هيون. ها، هڪ مسلمان شاعره به ڪاليج ۾ پڙهندي هئي، جا منهنجن خطن "پهرين کانپوءِ" جي هيروئن آهي، پر ان وقت هوءَ شادي ڪري چڪي هئي. منهنجي زندگيءَ ۾ جنسي تشنگي اٿري هئي، جو ظهور نظر جا افسانا جن کي مون ڪڏهن به حقيقت نه سمجهيو هو، مون کي لذت ڏيندا هئا ۽ مون ڪڏهن به هن کي ڪنهن ڪاڻ لاءِ نه ٽوڪيو هو. هڪ ڀيري مان انڪل ڏٺين اچي صبح جو هن جي گهر ويس ته هن جي ماءُ مونکي چيو ته "ظهور ۽ جاويد اڃان تائين اندرئين ڪمري ۾ ستا پيا آهن." مان هميشه وانگر صبح جو پنجين اچي سائيڪل تي ڪلفٽن ويو هوس ۽ تازيءَ هوا ۾ سمنڊ جي ڪناري تي ٻه اڍائي ڪلاڪ چڪر ڏئي موٽيو هوس ۽ پوءِ وهنجي سهنجي ناشتو ڪيو هيم. مون کي هي پنهنجي دوست - ونا ڏسي چڙ آئي ۽ مون پنهنجي کي ٻوٽ سان ٺوڪر هڻي اٿاريو. ظهور نظر ڇرڪ ڀري اٿيو ۽ اکيون مهٽيندي چيائين، "يار، اڃا هاڻي اک جهوٽي هئي ته اچي ننڊ ڦٽائي اٿئي." پوءِ مون کي پاڻهن کان ڇڪي اشارو ڪيائين ته مان فرش تي هن جي ڀرسان ويهان. مان ويٺس ته هن رازدارانه انداز ۾ چيو، "ڪجهه ڏينهن کان عصمت چغتائيءَ جي ڀيڻ پروازي فلئٽ ۾ اچي رهي آهي. رات هن سان دير تائين ادبي گفتگو ٿيندي رهي، ان ڪري دير سان ننڊ آئي هئي."

جي سرورق لئي هن ۽ جاويد قمر پنهنجو گڏ نڪتل فوٽو ڇاپيو. جڏهن ادبي حلقن ۾ هن جي شهرت ڦهلائي ("پيڪار" جو فقط هڪ شمارو نڪتو جو ظهور نظر ڪيئي مهينا ۽ ڪڍندو/ ورهائيندو وتيو.) هڪ ڀيري ظهور نظر ۽ منهنجي ٻئي دوست شاعر اشرف (جو اردوءَ جو نقاد هو ۽ ٻٽول خود فيض احمد فيض کي ٻه ڪوڪا ڏچ اهڙ جا ۽ جوش مليح آباديءَ کي هڪ ڪوڪو اسڪاچ وسڪيءَ جو هندستان ۾ پيئارڻو هئائين ۽ سجاد ظهير جي ڀاءُ ۽ اردوءَ جي مشهور ترقي پسند شاعر مجاز لکنويءَ جو گهرو يار هو ۽ مجاز کـي ٽـري جون ڪيئي بوتلون پيئارڻ ڪانپوءِ مثاني جي ديوار سان سر ٽڪرائيندو ۽ پنهنجو نظم پڙهندو ڏٺو هئائين.) ٻاٽ ۾ علاج ڪري، انجمن ترقي پسند مصنفين ڪراچيءَ جو بنياد رکيو، ۽ ظهور نظر کي ان جو سيڪريٽري بڻايو ويو. جي مون پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي، ته اشرف ۽ ظهور نظر جي باري ۾ ڪيئي صفحا لکندس، ڇو ته ٻنهي جو اردو ادب ۾ پنهنجو مقام آهي: پر هن وقت جڏهن واقعي جو مان ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو، ان کـي مد نظر رکـي، مان هنن جي ڪردار، گفتار ۽ ٻاٽ سان گڏ گذاريل وقت جـو ذڪر فقط اهڙوئي موزون سمجهان ٿـو جيترو ان واقعي سان تعلق رکي ٿو.

ان وقت ظهور نظر، جاويد قمر ۽ مان ٽيئي ڪنوارا هياسين. ظهور نظر جي ڇهج ساٿي تصور ۾ ڪيئي طوطيون اڏامنديون هيون. هو روز مون کي نوان نالا وٺي ساڳي ڪهاڻي ٻڌائيندو هو ته فلاڻي ڇوڪريءَ جي هٿ ۾ "پيڪار" جو شمارو هيو ۽ جڏهن مان ۽ جاويد قمر هن جي ڀر سان لنگهياسين ته هن ساهيڙيءَ کي اشارو ڪري چيو "اهي ٿا وڃن ٽـي پيڪار جا مدير!" ۽ پوءِ اسان هن جي گهر تائين هن جي ڪلهه وياسين

ياد ڪندا ن، عصمت چغتائيءَ جي پٽ توکي چانهه پيئاري آهي.“

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ اردوءَ جو مشهور ترقي پسند شاعر سردار جعفري هندستان مان ڪراچيءَ جي مختصر دوري تي آيو. انجمن ترقي پسند مصنفين هن جو شاندار استقبال ڪيو ۽ بوٽس گارڊن ۾ هڪ ادبي نشست رکي جنهن ۾ ڪيترائي اردوءَ جا اديب ۽ شاعر آيا. نشست کان اڳ ڪامريڊ اشرف مدهجو، ظهور نظر جو ۽ ٻين ڪيترن ئي اديبن ۽ شاعرن جو سردار جعفريءَ سان تعارف ڪرايو. سردار جعفري شڪل صورت جو وجيهه ۽ با اثر شخصيت جو مالڪ نظر آيو. تقرير ڪندي هن علامه اقبال تي به ڳالهايو ۽ هن جي شاعريءَ تي هيگل، نٽشي، فشتي (Fishte) وغيره جي جرمن فلسفي جي اثر جو ذڪر ڪجهه اهڙيءَ ريت ڪيو، جو سامعين مان هڪ شخص، جو علامه اقبال ۽ سردار جعفريءَ ٻنهي جو مداح ٿي نظر آيو، هن جو ڌيان علامه اقبال جي ڪارل مارڪس تي لکيل سٽ ”نيست پيغمبر وليڪن در بغل دارد ڪتاب“ ۽ لينن جي ترانئي ”اُٺو ميري دنيا ڪي غريبون ڪو جگادو،“ ڏانهن ڇڪايو ۽ پنهنجيءَ راءِ ڏي ٽيڪ ڏهاڙا اڳ فيض احمد فيض جو علامه اقبال تي لکيل نظم پڙهي ٻڌايو جو ”نقش فريادي“ ۾ شايع ٿي چڪو هو. سردار جعفريءَ هن سان اتفاق نه ڪيو، جنهن تي هوُ رنج سان سردار جعفريءَ کي ڏسي خاموش ٿي ويو. مون کي ائين نظر آيو ته ڄڻ ته سردار جعفري پاڪستان جي حقيقت نه سمجهي سگهيو هو يا ڄاڻي واڻي ان کي سمجهڻ کان انڪار ٿي ڪيائين.

نشست ختم ٿي ته ظهور نظر سردار جعفريءَ کي چيو ته عصمت چغتائيءَ جي پٽ هن کي چانهه تي مدعو ڪيو آهي.

"هٿ ڀيري ڪي"، مون ڪاوڙجي، ٻاهران ٻيهر هن کي ٿو ڪيو، "سڀاڻي چوندين نه، عصمت چغتائي پاڻ اچي ٻڌر واريءَ فلئٽ ۾ رهي آهي، ورجينا وولف اچي رهي آهي، ايملي برانٽ اچي رهي آهي ۽ پنهنجو ناول "ودرنگ هائيٽس" (Wuthering Heights) لکي رهي آهي!" ظهور نظر مون ڏانهن حيرت مان ڏسي چيو، "اڙي، توکي اعتبار نه ٿو اچي. چڱو هل نه، توکي هن وقت وٺي هلان ۽ چانهه به هن وقت ئي اتي پيئون."

پوءِ جاويد قمر کي اتي ڇڏي، ظهور نظر مون کي سامهون واريءَ فلئٽ وٺي آيو ۽ ان جو در کڙڪايائين. در کليو، نه مون ڏٺو نه در جي ٻاهران پنيان لٽڪيل پردو لڏي رهيو هو. اسان اندر وياسين نه ڪمري ۾ ڪوبه ڪونه هو. ظهور ان ڪمري سان لڳل ٻئي ڪمري ۾ ويو ۽ ٿوريءَ دير کانپوءِ موٽي آيو ۽ چيائين، "ويهه چانهه اچي ٿي."

"عصمت اماڻيءَ ۾ ڏاڍي خوش آهي، شاهد لطيف سان شادي ڪئي اٿائين"، ظهور نظر اهڙيءَ بي تڪلفيءَ سان چيو جڻ عصمت چغتائيءَ يا شاهد لطيف جي خاندان سان هن جي خاندان جا سٺن پيڙهين کان تعلقات هجن. ڪجهه دير کانپوءِ هو ٻئي واري ڪمري ۾ ويو ۽ ڪاٺ جي ٽري ۾ چانهه جي ڪٽلي ۽ ٻه ڪوپ کڻي آيو. اسان چانهه پيتي نه پوءِ هن چيو نه "هل نه هلون" ۽ پوءِ پر واري ڪمري ڏانهن ڏسي چيائين، "چڱو اسان وڃون ٿا. جي عصمت ڏانهن خط لکين نه هن کي منهنجا سلام لکجانءِ. مان پاڻيان ٿو نه هن وقت "پيڪار" جو شمارو ڇپجي ويو هوندو."

اندران ڪوئي جواب نه آيو.

ٻاهر نڪري، مون کي ظهور نظر چيو، "پيتا، تون به چا

ڪجهه دير ڪانپوءِ ظهور نظر اندر ويو ۽ ساڳيءَ ڪاٺ جي ٽري تي چانهه جي ڪيتلي ۽ ڪوپ کڻي آيو ۽ چانهه ٺاهڻ لڳو.

اوچتو سردار جعفريءَ چيو، "ڀيڻ، ٻاهر اَچ! اسان ڪي غير ته نه آهيون، اَچ پاڻ اچي چانهه ٺاهه!"

اندران ڪو به جواب نه آيو. مون ماحول جي ٻي ڇسائيءَ ٽارڻ لاءِ سردار جعفريءَ کي چيو، "سردار صاحب! جي هن کي ٿڌهجي مٿهن پوڙو هجي ها ته پاڪستان ڇو اچي ها!" ان تي هوُ کلي ويٺو. ٻيا به کليا. مون سمجهيو ته اندران به ڪو ٽهڪ ايندو پر ڪوئي ٽهڪ نه آيو.

مون کي اَج ڏائين پڪ نه آهي ته ان فلئٽ ۾ عصمت چغتائيءَ جي ڀيڻ رهندي هئي يا ٻي ڪائي عورت رهندي هئي. ڪٿي ائين ته نه آهي ته اها فلئٽ خالي هئي ۽ ان جو اندريون دروازو ظهور نظر جي فلئٽ ۾ کلندو هو ۽ ظهور نظر کي چانهه هن جي ماءُ ٺاهي ڏيندي هئي ۽ عصمت چغتائيءَ جي ڀيڻ واريءَ فلئٽ جو دروازو جاويد قمر کولي لڪي ويندو هو! ●

پوءِ ظهور نظر مون کي اشرف، ۽ هڪڙي ٻئي اديب کي به چانهه جي دعوت ڏني، جنهن جو نالو مون کان وسري ويو آهي. ان تي سردار جعفريءَ هن کي باقي رهيل اديبن کي به دعوت ڏيڻ لاءِ چيو. پر ظهور نظر ائين ڪرڻ کان اهو چئي مجبوري ڏيکاري ته "فليٽ ۾ ايترن ماڻهن کي ويهارڻ لاءِ ڪافي جاءِ نه آهي." اهو ٻڌي ڪيترائي ترقي پسند اديب، جي سردار جعفريءَ جا مداح ٿي ڏٺا، مايوس ٿي، هن کان موڪلائي هليا ويا. پوءِ اسان سڀئي ڳالهائيندا فليٽ تي پهتاسين. ظهور نظر فليٽ جي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪئي، در کليو، در جي پٺيان ٽنگيل پردو لڏيو ۽ اسان ڪمري ۾ اندر وياسين ته ڪمري ۾ ڪوئي نظر نه آيو. ظهور نظر اسان کي ڪمري ۾ وڇايل دريءَ تي ويهڻ لاءِ چيو. دريءَ تي ويهي سردار جعفريءَ ظهور نظر کان پڇيو، "ڀاڀي، عصمت جي ڀيڻ ڪٿي آهي؟" ظهور نظر جواب ڏنو، "هوءَ ٻي واري ڪمري ۾ اوهان لاءِ چانهه ٺاهي رهي آهي." ان تي سردار جعفريءَ چيو، "ڀاڀي، هن کي چئو ته ٻاهر مهمانن سان ملي، چانهه ڀلي پوءِ ٺاهي." ظهور نظر ٻئي ڪمري ۾ ويو، ڪجهه دير کانپوءِ موٽي آيو ۽ چيائين ته "هن معذرت پيش ڪئي آهي. دراصل هوءَ پردو ڪندي آهي ۽ غير مرد جي سامهون نه ايندي آهي." ان تي سردار جعفريءَ چيو ته پوءِ بهتر ٿيندو ته مان هتان هليو وڃان." ۽ ائين چئي هو اٿڻ لڳو ته ظهور نظر هن جي ڪلهن تي ٻنهي هٿن سان زور ڏئي هن کي فرش تي ويهاري ڇڏيو ۽ چيو ته "چانهه پي وڃو." مجبور ٿي، سردار جعفري ويهي رهيو. خاموشي جيئن پوءِ تيئن ڀاري ٿيندي وئي ۽ ٻوسات کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ سردار جعفريءَ چيو، "حيرت آهي "لحاف" جي مصنفه جي ڀيڻ پردو ڪندي آهي!"

سال ١٩٦٣ع ۾ مان دهليءَ ۾ ڪنهن هوٽل ۾ ترسيل هوس. هڪ ڏينهن مان پنهنجن ڪجهه دوستن سان تاج محل گهمي، موٽي دهليءَ ۾ آيس، ته هوٽل جي ڪمري ۾ ميز تي سجاد ظهير جو ڪارڊ رکيو هو ۽ ان جي پرسان سنڌو سماج جي سيڪريٽريءَ شيام ڀاڳيا جي چٺي رکي هئي. شيام ڀاڳيا لکيو هو ته، سجاد ظهير مون سان ملڻ آيو هو ۽ مهنجي نه هجڻ سبب موٽي ويو هو ۽ شيام کي چئي ويو هو ته، هوُ مون کان ملاقات لاءِ وقت وٺي، ڪيس اطلاع ڏئي. ساڳئي ڏينهن شيام ڀاڳيا مون وٽ آيو ۽ ساڳي ڳالهه ڪيائين، جا هن چٺيءَ ۾ لکي هئي. مون شيام کي چيو، "اهائي وڏي ڳالهه آهي ته سجاد ظهير پاڻ مون وٽ آيو هو. بهتر هن کي تڪليف ڏيڻ مناسب نه آهي. مان پاڻ هن وٽ هلندس. اوهان هن کان ملاقات لاءِ وقت وٺو."

شيام ڀاڳيا سجاد ظهير سان وقت طئه ڪري، مون کي ۽ رشيد ڀٽيءَ کي سجاد ظهير جي پاٽ جي بنگلي تي وٺي هليو، جو غالبا اُن وقت نهرو ڪئبينيٽ ۾ هو. بنگلي جي لان تي سجاد ظهير، رضيه سجاد ظهير ۽ مشهور هندستاني اديب ملڪ-راج آنند ويٺا هئا. اڃا سجاد ظهير مهنجو پنهنجيءَ رفيقه حيات رضيه ۽ ملڪ راج آنند سان تعارف مس ڪرايو ته ملڪ راج آنند مون کان پڇيو، "اوهان بمبئيءَ مان ٿا اچو؟"

مون جواب ڏنو، "هائو."

ان تي ملڪ راج آنند وري پڇيو، "ڪيرت ٻاٻاڻي اوهانجو دوست هوندو؟"

"هائو، مهنجو پراڻو دوست آهي،" مون جواب ڏنو.

ان تي هن چيو، "ته هوُ مون کي رائلٽي ڇو نه ٿو ڏئي؟

هڪ ڀيري ڪراچيءَ جي ايڪسيلشر هوٽل ۾ آل پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي ميٽنگ جي صدارت ڪري، هال مان ٻاهر نڪتو هوس، ته مس قرة العين حيدر سان ملاقات ٿي، جا به ميٽنگ ۾ موجود رهي هئي. نه ڄاڻان مون کي ڪهڙيءَ ڪٽيءَ ڪنيو جو مون هن کي چيو، "قرة العين مان چاهيان ٿو ته اوهانجي ناولٽ "سيتا هرن" جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪيو وڃي؛ اهو پهريون اردوءَ جو ناول آهي جنهن کي سنڌ جو پس منظر آهي."

"گهڻا پئسا ڏيندين؟ گهڻا پئسا ڏيندين؟" هن پنهنجي هٿ سان اشارو ڪندي اردوءَ ۾ چيو.

مون هن ڏانهن ڏٺو ۽ پاڻواڻي ڪاٺي، قطب مينار تان ڌڪو ڏني هيٺ ڪيرايس!

هٻڪندي، مون هن کي جواب ڏنو، "قرة العين! مان "آڳ ڪا دريا" جي مصنف جي قيمت ته ڪٿي نه ٿو سگهان، تون پنهنجي قيمت پاڻ ٻڌاءِ، مان ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

"وري شرارت!" هن هلڪڙائيءَ سان چيو.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ مون چرو چاليهه مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ قرة العين کي شڪ جو فائدو ڏنو. اسان رائيٽرس گلڊ جي ميٽنگن ۾ "ڪاپي رائيٽ قانون" تي ڪافي بحث ڪري، گورنمينٽ کي موڪلڻ لاءِ مسودو ٺاهيو هو، ۽ بحث جي دوران اديبن بار بار شڪايت ڪئي هئي ته ناشر هنن جو معاوضو کائي ٿا وڃن. شايد ان بحث جو اثر اڃا قرة العين تي هو، جڏهن مون هن کي "سيتا هرن" جي ترجمي لاءِ چيو هو!

سال ۱۹۶۴ع ۾ مان، ابراهيم جويو، جمال ابڙو ۽ رشيد ڀٽي جيپ ۾ نگرپارڪر کان ڪجهه ميل ٿي ٿان - ڇڪي ڏسڻ لئي وياسين. رستي تي هڪ وڏي اڳيان ڊرائيور جيپ بيهاري، ته، اوڏهين جي ڳليءَ مان هڪ رباڙڻ نڪري آئي. پورو ولائتي ون، ڳچ هيٺان گورو پيٽ، ٿو نٿ ٻانهين عاج جي چڪي، ڳوڙا ڏورا، ڪن ۾ ڏرگلا، مٿي ۾ جهمرڪا، ڇم ڇم ڪندي وڄ وانگر وراڪو ڏنائين. ڊرائيور هن کي نياپو ڏئي جيپ اڳتي هلائي. منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيتري خوبصورت عورتون آيون هيون پر اهڙي ڪا به نه آئي هئي، جا اوچتي هوندي به ڪن پل ۾ انهن دل تي نقش ٿي وئي هجي.

ان کي ڪيتري سال گذري ويا، پر هن جي ياد منهنجي دل ۾ تازه رهي.

ڪافي وقت پوءِ، مان ابڙا سان ماسڪو جي پيڪنگ هوٽل جي ڪمري ۾ روسي شئمپين پي رهيو هوس ۽ هن کي ڇتائي ڏسي رهيو هوس - ساڳيو نڪ سڪ، ساڳيون ون واس، گوريون ٻانهون، گوريون پيرون، گوري ڳچي جڏهن مان جڻ شئمپين نظر ٿي آيو، ۽ فراڪ، جڏهن جي هيٺان جو ٿورو ڪپڙا سڪڙ هئا جن کي ٿر ۾ "آيو" چيو ويندو آهي!

مون هن کي ٿر جو مٿيون حادثو ٻڌائيندي چيو، "تون مون کي ملڻي هئين، نه ته منهنجي هڪ جهلڪ منهنجي من ۾ ايترا سال اٽڪي نه پهچي ها."

"او هان مشرقي سڀ وهمي آهيو،" ابڙا مرڪندي وراڻيو، "آخر تون به ته مون کي مليو آهين. مون ته منهنجي جهلڪ ڪٿي نه ڏٺي هئي!" ●

اوهان ڏٺو هوندو ته هن منهنجو ڪتاب "ڪولي" سنڌيءَ ۾ منهنجيءَ اجازت کانسواءِ ترجمو ڪري ڇاپيو آهي. بهتر آهي ته اوهان هن کي اطلاع ڏيو ته مون کي يڪدم رائلٽي ادا ڪري، نه ته ان لاءِ مون کي عدالت جو در کڙڪائڻو پوندو."

مان پهريان ته هڪو ٻڪو ٿي ويس پر پوءِ ڪاوڙ آئي ۽ دل ۾ چيم، "ڪيترو نه ڏاڍو پڙهيل ماڻهو آهي. هن دنيا ۾ جي ترقي پسند ادب جو مطالعو ڪيو آهي. نه جاڻان هن ٻيا هزارين ناول ڇڏي، "ڪوليءَ" جو ترجمو ڇا لاءِ ڪيو!"

مون سجاد ظهير ڏانهن ڏٺو. هو پيلو ٿي ويو هو. جواب ۾ مون ملڪ راج آنند کي چيو، "ممبئيءَ موٽي ويندس ته هن کي چوندس."

جڏهن هن کان موڪلائي، اسان موٽي رهيا هئاسين، مون رشيد ڀٽيءَ کي چيو، "ڀٽي! ڏک جي ڳالهه آهي. سنڌي اديبن کي ڪتاب ڇپائڻ لاءِ پيٽ تي پٽي ٻڌڻي پوي ٿي. ڇا اهو ڪافي نه آهي، جو هي انهن کان رائلٽي طلب ڪري رهيو آهي. ●

ويو آهي. آخر ٿاڻي جا عملدار آيا آهن، آجيان ڪيو. الهاڻون!
ڪيڪر، ڪنگهڪار، آئي وئي جو آڌرڀاءُ، ٻهڪندو پوُ، آفيسر
جو ڪڙ - هر ڪو ڪنهن اٿين مڙي آيو آهي ڄڻ ڪنهن کي ڪا
موتيءَ فوتيءَ جو ڪوئي خيال ئي نه آهي. سڀنهن جي ڇاتي ۾
جمعدار فوتيءَ جي ڏکڻ جو مشهور نامو ٺاهي رهيو آهي ۽
صوبيدار سوچي رهيو آهي ته "جوابدار سڀئي آسامي آهن،
وٺ ٿيڻ هزار وهي ويندا ۽ اڳئين خون ۾ ا. ب ي. ايس. پي.
پاڻ ئي ويو هو ته حساب پورو نه مليو آهي. هن ڀيري ته وڏن
جون ٿيون ڏسي ٿي پوندو."

ٿوريءَ دير ڪانپوءِ ماني اچي ٿي. ڪٽ تي بافتي جا چرپال
دسترخوان وڇايا ويا. جن تي الله ۽ محمد جا نالا لکيل
آهن ۽ ان تي صوبيدار لاءِ اڌارٻون آنڊل ڇيڙيءَ جون ٻليٽون
۽ ٻين لاءِ جسٽ جا ونا ۽ ٻيس جون پڊٻون رکيون ويون ٿيون
۽ هر ڪنهن کي حيثيت آهر ڳڙهن ۽ راهو ڏنو ويو ٿو. رڪ
ڳڙنديون آڱريون گيهه ڳڙنديون مانيون ڀڃائي موڪلين ٿيون ۽
هر اوڳرائيءَ تي بسم الله جي صدا ٻڌڻ ٿئي ٿي. آخر اهو ئي
ته آهي جنهن روز ازل کان هر ڪنهن جو مقسوم لکيو آهي،
هر ڪنهن جي رزق جو ذمو کنيو آهي! هو ڀرواڙو ٿريءَ جي
مک کي ڇنڊڪو ڏئي ڪڍي رهيو آهي ۽ ان کي زور سان
چوسي شڪر الحمد الله چئي رهيو آهي.

ماني پوري ٿئي ٿي، ته هر ڪوئي لسيءَ جا ٻه گلاس پئي
ٿو. پاڻي پيئي ٿو، لسيءَ جي ڳوڙاٽ ننڊ کي نيندي ڏئي ٿي،
۽ هر ڪو اوٻاسيون ڏئي، ڇوري هيٺان سمهي پوي ٿو. فقط
هڪڙو سپاهي، ابل گاڏيءَ تي لاش رکائي، صوبيدار کان
ليٽر وٺي، فوتيءَ جي پاڙ سان گڏ اسپتال ڏانهن روانو
ٿيو آهي.

تون چوين ٿو ته وڪالت جو ادب سان ڇا؟
علامه اقبال بئرسٽر هو پر وڪالت نه ڪيائين.
فاني بدايوني به ڪي وڪالت راس نه آئي ۽
ڍڳو هن جي مفلسي به هن جي شاعري کي
ياس آميز بڻايو. تون ته ڪامياب وڪيل آهين،
وڪالت تنهنجي ادبي تخليق لاءِ ڪارآمد
ڪيئن ٿيندي؟

مان جواب ۾ پنهنجي ذاتي ڊائري مان هيٺيون
نوٽ پيش ڪيان ٿو. منهنجي ڊائري ۾ اهڙا
ڪيئي نوٽ آهن:-

هن کي خاڪي وردي ڪفن ڪان وڌيڪ ڪنبائيندي آهي. ٽاٽو ڏهاڙو آهي، جو پوئين رات ڦڙي چوسي ڇڏو وئي. پوليس ان لاءِ نه آهي ته پوري جاچ ڪري ۽ انصاف لاءِ پاڻ پتوڙي. خون ٿيو، ڌاڙو لڳو، رن ڀڄي يا زوري کڻي وئي، ڪنهن جي پونجي کي باهه ڏني وئي يا مال جي چوري ڪئي وئي - فرياد پوءِ لکي وٺندي، پهريان ٽاٽي منشي / جمعدار / صوبيدار کي رشوت ڏيڻي پوندي. فرياد ٽوڙي سڄي هڏي، فريادي کي ڳنڍ ۾ ڪجهه هجي نه هجي، ڳهه ڳٺو وڪڻي، پاڙه اوڌر ڏيئي، قرض پڪو ڪڻي، ڪٿان به آڻي، پر ڏيڻي ڏني ضرور. پوءِ پوليس واردات لئي ايندي ته ڳوٺ ۾ ٺاڪوڙو پوندو. اڇا دانسته ناموني نه ٿيندو ۽ لاش لڌي لڳي ٿي پيو هوندو، ته همراهه ڇيلو پائيندا. آخر ڪامورو ڪڙو، مشير مڙو ايندو ته پوڙ ماني ته کائيندو، انگهڙ کي ڪاروائون ته ته ڪيون وينديون آهن! نه رني جا ڳوڙها سڪا، نه چوري پار کي آنت ڏني وئي، هر ڪوئي اوطاق جي چڱ ڦوڪ ۾ لڳي

نانگ. پٽجي وڃي ٿو ۽ هوا ۾ ٽنگيو ڏئي ڦاسيءَ جي ڦندي ۾ پلجي وڃي ٿو ۽ ڦندي ۾ هن جو مڙس لڙڪي رهيو آهي ، جنهن جي ڪلهي هن رت لڳل کهاڙي لاتي هئي ؛ جنهن کي مار ڪٽ ڪري هن مئجسٽريٽ وٽ پاس ڏياري هئي. هو، جو بي قصور هو، تنهن ڦاسيءَ جي سزا کاڌي هئي. هن رشوت کاڌي هئي، هن ڦاسي کاڌي هئي! عجيب کاڌو آهي هن ديس جو! پر هو ڪير هو؟ ڪير؟ ڪيئي ڦاسي کائي ويا، ڪيئن چئجي، هو ڪير هو! هن لاءِ انسان انسان نه آهي، فرهادي آهي يا جوابدار آهي، سڌي آسامي آهي يا اٽي ، ڏنيرو آهي ، جهيڙگو آهي ، ڪيڪڙو آهي جو هن جي ڪڪيءَ جي ڪاريءَ ۾ پڦڙجا ڇلر ڇڏي وڃي ٿو. هو ڪير هوندو آهي، جو عدالت جي پڃري ۾ چپ وانگر هوندو آهي ؛ جنهن کي سرڪاري وڪيل ڪارو جبو پائي ڪنهن پوليس وانگر ڏسندو آهي ؛ جنهن جي سنڌول سرپار کي هو پٽولپمڪٽو جنج پڦڙجي او ڇيءَ ڪرسيءَ تان ڪريب سان ڏسندو آهي؟ هو اسي ڏوهه آهي پر پوءِ پ. پ. ڪ جي قلم ٣٠٢ جو ڏوهي آهي ؛ ڦاسيءَ جي ڦندي ۾ لڙڪي پيو آهي .

ننڍ ۾ صوبيدار جي اکين مان ڳوڙها ٽمڪي رهيا آهن ؛ وڇڙي جي جهلڪي لــي هن جي اکين ۾ اڌاڻ پيدا ڪري رهيا آهن .

ننڍ! تون هر ڪنهن لاءِ ساڳي نـ، آهين. لــو ڪڏي ؛ ڪانئر کي ڪڏهن ا. معاف نه ڪيو آهي. لــو وٽ هن جو جوڳو ڪيتو موجود آهــي. تنهنجو هــر سهڻو هن لاءِ ڦٽڪار آهي، ڦٽڪو آهي جو هن کي اچانيندو رهندو آهي؛ پـر هي تنهنجو پاڻ ، هي موت ٿ. سڀ کي معاف ڪيو ڇڏي !

لڙيءَ پ.. پهريءَ جو هن کي جاڳ آئي آ-ي . هو اوباسيون

مٿان اونهاري جو سج ازل جي اک وانگر ٻري رهيو آهي ۽ هيٺان ڌرتيءَ مان ٻاڦ گاڏي پگهلندي چڪندي وڃي رهي آهي ۽ ان تي هڪ ٻي ڪفن، ٻي وطن لاش آهي، جو جيتري ٻہ مٿو هو ۽ مٿي ۾ مٿو آهي - ڪٿي ڪٿي ڪنڊيءَ جي ٽڪي ڇانو هوا کي هلڪڙيون لڏون هڻي رهي آهي، نہ تہ سڄو ڏينهن اَنت ۽ اُٻس آهي. هاڻي لاش ڪنو ٿي رهيو آهي ۽ سپاهي ان جي ڀرسان کان اچڻ لاءِ منهن تي ڍڪي جو ٻلهہ ڏئي رهيو آهي. اوچتو هو فوليءَ جي ٻاڻ کي چوي ٿو، "سج ۾ سڙون ٿا اسان، خرچي ٻہ اسان کي نہ ملي." فوليءَ جو ٻاڻ اهو ٻڌي، مونن مان منهن ڪڍي ٿو ۽ ٻڳہ جي ٻلو مان ڪجهہ رپيا ڇوڙي هن کي ڏئي ٿو. سپاهيءَ کي الٽ گهڻي نظر اچي ٿي. نيٺ استعمال ٿا اچي ٿي. ڪمانڊر چار ڏوڪڙ وٺي، اسٽريچر تي کٽائي، حادثاتي وارڊ ڏانهن نئي ٿو. ٻوءِ ڪمانڊر ۽ سپاهيءَ جي وچ ۾ سس پس ٿئي ٿي. لاش ڇيراو نہ گرميءَ ۾ رڃهي وڃدو. وڌ ڪپ نہ ڪٿي وڃي ۽ پوسٽ مارٽم وارو فارم انهن تي ڀرڻو وڃي. قانون، اخلاق ۽ ذميداريءَ تي بحث ٿئي ٿو ۽ نيٺ ڪجهہ ڊاڪٽر، ڪجهہ ڪمانڊر کي رشوت ڏني وڃي ٿي ۽ لاش نئون سڄون مون ٿي ملي ٿو ۽ پڌا پوسٽ مارٽم جي پوسٽ مارٽم نوٽ ڏاهيا وڃن ٿا.

هوڏانهن صوبيدار لانديءَ جي ڇانو ۾ ٻاسا ورائــي رهيو آهي ۽ فريادي هن کي وچٽو هٽي رهيو آهي. هن جو مٿو وهاڻي جي گرميءَ ۾ پگهر جي وڄ آهي ۽ هن جي تن ۾ اداڻ آهي. هو ندب ۾ ان جو ڪوٽيءَ جهڙو منهن ڏسي رهيو آهي، جنهن جي مڙس کي خون ۾ جهليو هٿانين ۽ جا ڏاڙي تي سڌڪا ٻري رٺي هئي. اوچتو سوسيءَ جي شلوار جو اڳٺ ڇڙي

جڏهن جي ڳالهه آهي ته ڏهن آرتوار موڪل جو ڏينهن هوندو هو ۽ ان ڪري ڇنڇر شام جو سکر جا وڪيل گهڻو ڪري آفيس بند رکندا هئا. انهن مان ڪي شام جو سئنيما ڏي ويندا هئا ۽ ڪي جيمخانه ڪلب ۾ وسڪي پيئندا هئا يا رمي يا برج کيڏندا هئا. سياري ۾ مان به بهريءَ جي ماني کائي، ڪار ۾ باگڙجيءَ هليو ويندو هوس. باگڙجي سکر کان اٺ ميل پري آهي ۽ ان جي پٺ ۾ پيلو آهي. ڪار بند ڪري روڪي مان پيلي ۾ گهمڻ هليو ويندو هوس. پيلي ۾ مون کي عجيب سڪون ملندو آهي ۽ ٻڪي ٻڪڻ، وڻ ٽڻ، پوري ڌاري سان قربت جو احساس ٿيندو آهي. مون سدائين محسوس ڪيو آهي ته مون کي مارڪس کان ٿارو وڌيڪ ويجهو رهيو آهي، ۽ انقلاب، خونريزي ۽ طبقاتي جهاد لاءِ رغبت جا مون ۾ پنهنجي ماحول سان نفرت پيدا ڪئي آهي، دراصل منهنجي فطرت سان عين مطابقت نه ٿي رکي. مان ڪڏهن وڻ کي ايتريءَ سڪ سان ڀاڪر پائيندو آهيان جيتريءَ سڪ سان ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سان ڪراچي جيل ۾ پاتو هيم، ۽ پيلي ۾ ڪاٺ ڪٽي ڪي پير جو ڏار ٽڪيندو ڏسندو آهيان ته مون کي نارائڻ شيام "هيڪو" لکندو نظر ايندو آهي. جديد ٽيڪنالاجيءَ جي پيداوار مون لاءِ ڪوئي جادوءَ جو اثر نه ڪندي آهي ۽ مان صنعتي ترقيءَ کي "جديد سولائيزيشن" ڪوني نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهيان. ناظم حڪمت سان محبت جي باوجود، هن ۾ ۽ مون ۾ اهو فرق آهي ته هيءَ پراسرار ڪائنات مون لاءِ ڪڏهن به شپ يارڊ يا اسٽيل مل کان وڌيڪ پرڪشش ۽ بامعنيٰ هوندي آهي، ۽ مان ان جي ڪڏهن به راز کي افشا ڪرڻ جي نه ڪوشش ڪندو آهيان ۽ نه ٻاڻ ۾ اهڙي

ڏٺي اٿي ٿيو. اڄا لڪ لڳي رهي آهي. ڪانٺو ڪانگيرن مان ٻـاهر نـه نڪتا آهن. لانڍيءَ ۾ هڪ ڪڇاڙيءَ هاڻو، ڪنگيءَ ولو ڪٺو ٻهڪجن ڇوڙن نـي گرڪـي رهيو آهي. ڪڇيءَ جي ڇونـيءَ مٿان هڪ هل ڪيڪرانيون ڪري رهي آهي. هوءَ ڪٺي ڪي "هل" چئي، ڪٽ ڏان اٿي ٿيو؛ ٻوسان وڪيل نڪر جي ڪوٺري مان مٿهن ٿي ڇنڊا هڻي لو. صاحب ڪي سنڀرندو ڏسي، عملو ۽ تيار ٿئي ٿو. رات جوابدارن جي ڳوٺ ۾ داخلو ڪرڻو آهي. ●

تي پيار ڪندو هو. لڳڀڳ ڀڪيءَ تي اهو نالو ان ڪري پيو هو، جو هو اُٺ مهل ڍهل وانگر ”ڍب ڍب“ ڪندو آهي. ڍڳوش ڳاڙهي رنگ جو وڏو پکي ٿئي ۽ ان کي ڏسي الا جي ڇو مون کي شولوخوف جي ياد ايندي هئي. شايد ان ڪري ته هو ٻين کان وڏو هوندو آهي، رنگ جو ڳاڙهو هوندو آهي ۽ ڍڳوش جي ڀڄاڙيءَ ۽ شولوخوف جي اڳياڙيءَ ۾ شين جو اڪر آهي. اهو سبب به ٿي سگهي ٿو ته ٻئي روسي آهن، ڍگوش سائبيريا جو ۽ شولوخوف قازقستان جو.

پکين وانگر مون کي مڇين سان به محبت هوندي آهي ۽ مهاڻن سان انهن جي باري ۾ ڳالهائيندي نه ٿڪبو آهيان؛ مان ننڍو هوندو هوس ته ٻيڙيءَ تي چڙهي، زنده پيو وٺندو هوس ۽ ميربحرن کان پڇان، ڏنڀرن ۽ ٻين مڇين جي باري ۾ پڇائون ڪندو هوس. مون کي اها ڳالهه ياد آهي ته انهن ڏينهن ۾ مون کي هڪ ميربحر ٻڌايو هو ته پلو واري ۽ ڏنڀرو ڪک کائيندو آهي ۽ جرڪا، سينگارا ۽ ڪڳا شڪاري مڇيون آهن. مان وڪيل ڇو ٿيس ۽ آمريڪي ناول نويس جان اسٽينبيڪ (John Steinbeck) وانگر بحري حياتيات (Marine Biology) جو ماهر ڇو نه ٿيس، اهو قصو ڪڏهن ٻئي وقت بيان ڪندس. سائنس سان مون کي چڙ نه آهي، دراصل مون کي ان سان بيحد محبت آهي. مون شاعريءَ ۽ سائنس ۾ اهڙو تضاد محسوس نه ڪيو آهي جيئن ليونارڊو دا ونسيءَ مصوريءَ ۽ سائنس ۾ تضاد محسوس نه ڪيو هو. ها، پر مان ليونارڊو وانگر سائنسدان نه آهيان ۽ هن جي ذاتي ڪي وچ ۾ آڻي بيجا انانيت جو مرڪب ٿيو آهيان (اها ٻي ڳالهه آهي ته مان ٻهڄا ڪي شعر مونا ليزا سان ڀيٽي سگهان ٿو.) سائنس سان محبت جي باوجود مون کي سائنس جي انهيءَ

صلاحيت پائيندو آهيان، ۽ ان کي، جيئن آ، آهي، پنهنجي حسن ۽ حيرت - آفرينيءَ سان، انهن ئي ڏسي لطف اندوز ٿيندو آهيان. مون کي مفڪر جو دماغ آهي نه پانا، پر هڪ مصور جي دل ضرور آهي.

باگڙجيءَ جي ٻيلي ۾ مان چوڙ چڪار جي پڻ ڪسان ڏولين سان پيريل رواور ڪٽي ونندو هوس. دڳ لڳي ٻيلي جي نيڪيدارن جا مقرر ڪيل چوڪيدار، جي ڪاٺين جي چوڳڙن لي ڀهرو ڏيندا هئا، مون کي سڃاڻي ويا هئا، ۽ پنهنجي طلب لي مون کي چانهه چکي ناهي ڏيندا هئا. ڪڏهن ۽ ٻيرن جي وڻن هيٺان، سياري جي لڙيءَ ۾ ڦيرائيندو ڪاٽيندڙ. سرنهن جي سڪل ڦرڙن ۽ وڻن جي ڇڻيل پنن جي وچ ۾ واهي، جڏهن چوڪيدار سڪل ڏارن کي باهه ڏئي، چانهه جي ديگڙي ان لي رکندا هئا، لڏهن باهه جون ڇڻگون هوا ۾ ڏاڍڙن وانگر اڏامنديون هيون، ۽ پوءِ ڏارن مان نڪيل اگر انهن شاعرن جي اکين وانگر دهڪندا هئا جن کان صديون مونکي جدا نه ڪري سگهيون آهن ۽ جڏهن مون سان ٻيلي ۾ گڏ هوندا هئا ۽ مان پنهنجي چانهه جي پيالي هوا ۾ مٺي ڪري، رس کان پا روحل فقير يا پئي ڪنهن پراڻي يار جي نالي ڏوست ڪري پيئندو هوس.

باگڙجي ٻيلي جي اندر هڪ وڏو ڍور آهي جو شفق جي پاڇاون ۾ مون کي انگريز مصور ڪانسٽيبل (Constable) جي تصويرن جي ياد ڏياريندو آهي. سياري ۾ ان ڍوري لي سوين پاسونهين پکي اچي لهندا آهن، آڙيون، هنجرون، نيرڳيون، ڊگوش، پڊنا، چيڪلا، پوناڙ، ڦاراوا، لڱگهه، ڏونانا وغيره. مان انهن پکين کي اڪثر سان ڏسندو هوس ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن جي نالي لي سوچي، مون کي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ وسعت

جو هڪ قطرو آهيان ۽ چوڌاري لهر بيڪران آهي جنهن ۾ ڌرتي ۽ آسمان ٻئي ٻڏي هڪ ٿي ويا آهن. مان پاڻيان ٿو ته هندستاني ويدانتيءَ سوامي رام تيرٿ به ساڳي ڪيفيت محسوس ڪئي هوندي جنهن وقت هن ”مان به لهر، مان به لهر“ چئي جمنا ۾ ٽپو ڏنو هو ۽ ان سان هڪ ٿي ويو هو.

ماڻهوءَ جو من به ڏاڍو چنچل ٿئي ٿو. پل ۾ هتي پل ۾ هتي. مون ڳالهه شروع ڪئي پاڳڙيءَ سان ۽ وڃي پهتو آهيان پاسفورس تي. سو جنهن ڏينهن جي مون ڳالهه ٿي ڪئي، ان ڏينهن مان پيلي ۾ بيوري جو ڪنارو ڏٺم، ڪافي اڳتي نڪري ويو هوس. اتفاق سان ان ڏينهن مون کي ڪانئين جي چوڪڙن تي ڪوئي چوڪيدار نظر نه آيو. چوڌاري چپ چاپ هئي. اوچتو بندوقن جا ٺڪاءُ ٿيا. مون ڏٺو ته هوا مان پنج تير جيئن ڦهڪو ڏيئي پاڻيءَ ۾ ڪرڻ ٿي. مان وڻ جو پاسو ڏيئي بيٺم ته ڪافي دور چار همراهه بندوقون جهلي بيٺا هئا. انهن مان هڪڙي بندوق پٽ تي رکي، ور مان چاقو ڪڍي ڪوليو ۽ پاڻيءَ ۾ گهڙيو. ٿوريءَ دير ۾ هو پنج ئي پکي کڻي آيو جن مان ٽي فير سان مري چڪا هئا ۽ ٻه زخمي ٿي ڦٿڪي رهيا هئا. هن انهن ٻن کي چاقوءَ سان سير ڏني. بندوق سان مئل ته هونءَ ئي حلال ليکيو ويندو آهي. بندوق جي ٺڪاءُ تي ڪيترائي پکي اڏامي ويا هئا، ۽ آسمان ۾ رڙو رڙ پئجي وئي هئي. پر ٿوري دير ڪانپوءِ پوري ٿي وئي بلڪل سانت ڇانئجي وئي. مان پاڻيان ٿو ته هابيل جي قتل کانپوءِ قابيل به چوڌاري اهڙي سانت محسوس ڪئي هوندي. وري ته گذري ته وري هڪ وار بيوري تي اڏامندو آيو. پر تي بيٺل همراهن مان ٻن ڄڻن ان تي فير ڪيا. پنج ڇهه پکي پاڻيءَ ۾ ڪري

هر مداح لئي چڱو آهي، جو دهلاريءَ وانگر ٻڌڻ کي جي چوٽ
لئي چوندو آهي ته سائنس ڪائنات جي هر اسرار کي سمجهڻ
۽ سمجهائڻ جي اهل آهي.

مان پاڻيان نشو نه، ڳالهه ڏسڻي ٿي وڃي آهي، دراصل
مون کي چوڻو اهو هو ته مذهبي فطرت جي هر مظهر سان
محبت آهي، پوءِ اهي وڻ هجن، ٻڪي هجن، پکيون پورا
درياءَ يا سمنڊ هجن يا انهن ۾ پلندڙ مڇيون ۽ پيدا ٿيندڙ گاهه
هجن. سنڌ جي پکين ۽ پوون ۾ ٿيندڙ گاهه - ڏڀر، ٽوپ،
ڪل، نڙ، ڪارائنو، پهي، پٽ، پـرڙ وغيره - جو پٽو پٽ
مون کي پيارو لڳندو آهي ۽ مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي
ته گاهه کي به پکيءَ وانگر ساهه آهي. مون ته پيشتائين محسوس
ڪيو آهي ته پاڻيءَ کي به ساهه آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اڄ
يوناني فلسفين وانگر مون پاڻيءَ کي ئي شين جي اصل حقيقت
سمجهيو آهي. هڪ ڀيري مان استنبول ۾ باسفورس سمنڊ جي
ڪناري لڳ ٿهيل شيراٽن هوٽل ۾ ترسيل هوس. هو نـل
هر ڪمري کي هڪ شيشي جي ديوار هئي جنهن مان باسفورس
جو منظر نظر پئي آيو ۽ جنهن لئي ڪيئي پاڻيءَ جا جهاز پيا هلا
هڪ ڏينهن پيهرڪي جو مون شيشي واري ديوار سان پرد
هٽايا ته سامهون باسفورس جي ڏنڌلي تصوير نظر آئي. آهستي
پاڪ ٿيندي وئي ۽ جهازن جا سڙهه ۽ نوها آسمان جي پس منظ
۾ نظر اچڻ لڳا ۽ پاڪ جا ڳاڙها شعاع پاڻيءَ تي پيا جو پوٽي
رات وچان چادر وانگر لهرائڻ لڳو. نه جاڻان نه رات ج
پيتل ترڪي شراب راڪيءَ جو اثر هو (پر مان پاڻيان نشو نـ
ائين نه هو)، مون کي ائين محسوس ٿيو ته باسفورس مان
سيلاب اڀري رهيو آهي، جو ڏاڍي پڪيءَ جو پاڻي آهي
شيراٽن هوٽل ته پاڻيءَ سان پاڻي ئي ويو آهي ۽ مان پاڻ پاڻي

مون ساڳي وقت وحشي چيخ ڪري چيو ”ظالمو!“ شڪارين مان هڪڙي رڙ ڪئي ”ڌاڙيل!“ ”ڌاڙيل!“ باقي چئن ئي رڙيون ڪيون. مون هڪ گولي ونڌڪ هلائي ته هو شڪار ڇڏي ونئي ڀڳا.

تنهن کانپوءِ مون باقي چار گوليون به هلايون ۽ هر گولي فير ڪرڻ کان اڳ، رڙ ڪري چيو ”ظالمو!“ .... ”ظالمو! ظالمو!“ جي رڙين سان جهنگ گونجي اٿيو. هو سڀئي ٻه وڏا اونده ۾ گم ٿي ويا. مون سوچيو ته مون ته هرڻ کي جيئرو ڇڏائي ڪيو آهي پر سڀني تي جيڪڏهن ڪڏهن سونهن هرڻ کي وچ هڻي هرڻ جا آنڊا ڪڍي ونڊا ٻيا هرڻ کي ڏانگ ڪاڙهو ته مون کي افسوس نه ٿيندو ڇو ته هو خوني هئا. مون افسوس سان ڀانيو جي روشنيءَ ۾ ڏٺو ته ٻندرهن مٿل ڪوڪڙات ڏٺا جن جو گوشت ڪوني به نه کائيندو آهي. پوءِ مون ڀانيو جي پرسان ڪريل ٻگوش کي ڪٽي جهول ۾ جهليو ۽ چيو ته ”شولو خوف! جي هي وري تنهنجي شڪار تي آيا ته هرڻ کي سڏو ڇاليءَ ۾ گولي هڻندس.“

پوءِ مون منهن مٿي ڪري آسمان ڏانهن ڏٺو. ان جي سيني تي چند ٽانئڪ وانگر اڙڪي رهيو هو. زندگيءَ جي تجربن منهنجيءَ سوچ ۾ گهڻي ڦيرگهير آندي هئي. جو اهو واقعو اڄ به ڪجهه سال اڳي ٿيو ها ته، مان اهو ٽانئڪ زور سان ڇڏي آسمان جي منهن ۾ هڻان ها. ●

ٿارو – آمريڪا جو فطرت پرست اديب.

جان اسٽينبڪ – آمريڪا جو نوبل انعام يافته ناول نويس.

ٻيا. چاقوءَ وارو همراهه ٻڌنديءَ سٽڻ جا ٻاچا گهڊجي، گوڏي ڀر ٻاٽيءَ ۾ گهڙيو ۽ "اوڙڪ لوڙخ" ڪندو اهي ٻڪي ٻه ٻاٽيءَ مان ڪڍي آيو. مون ڏٺو ته انهن ٻڪين ۾ هڪڙو شولوخوف هيو، جنهنجو مطلب آهي ته هڪ ٻگوش هيو. وري سانس چاڙهجي ويئي، وري ٻيا ولر آيا. وري فير ٿيا، وري ٻڪي ٻاٽيءَ ۾ ڪريا، ڪي فير سان مري ويا ۽ ڪن کي ٻڪڙي چاقوءَ سان سير ڏني ويئي. آخر ۾ هنن وڻن تي وڻل ڏٺ. ٻنڊرهن "ڪوڪڙات" ماريا جن جو گوشت لڙ وارو ٿي مزي ٿيندو آهي ۽ انهن کي ڪوئي به شوق سان کائيندو نه آهي. جڏهن رات ٿي ۽ وڻ ٽڻ اونده ۾ ٻڪجي ويا، مان وڻ جي اوٽ مان نڪري شڪارين کان انڪل ويهن قدمن تي ٻئي وڻ جي اوٽ ڏيئي ويٺس. هنن سڪل ٽاريون ميڙي مچ ٻاريو ۽ ٻه ٻڪي لوهه جي سيخ ۾ وجهي انهن کي مچ تي سڄهي ڪرڻ لڳا. هڪ همراهه وسڪيءَ جي ٻوتل کولي ۽ گلاسن ۾ هڪ هڪ پيگ وجهي پاڻي ملايو ۽ ٻنهي هر ڪنهن ٻه ٽي ٻيڪ ٻيتا. ابتري ۾ چاقوءَ واري همراهه ڪوڪڙات ڪڍي ٻري اڇلايا ۽ چيائين ته "اڄ سؤڪن ٻڪي ماريا آهن، اهي ڪافي آهن، ڪوڪڙات ڪير کائيندو! مان ٻانيان ٿو ته ڪوڪڙات جو گوشت حرام آهي." ٻئي هن سان اتفاق ڪيو. ٻيو ۽ چاقوءَ واري همراهه ٻگوش کي ٽنگن کان جهلي ابتو لٽڪايو ٿيو. جي روشنيءَ ۾ هن جو انقلابي رنگ. هونءَ ڪان ٿي، وڏيڪ ڀاڙهو نظر آيو. ٻيو هؤ ٻگوش جا ڪٻ ڪٽي هن کي چاقوءَ سان ڇلڻ لڳو.

اوچتو مون کان رهيو نه ويو. مون روالور جون ٻه گوليون شڪارين طرف هلايون جي هنن کان دور ڪنڌيءَ جي ٽڙ ۾ لڳيون. چاقوءَ واري همراهه جي هٿ مان ٻگوش ۽ چاقو ڪري، وڃي ٻٽ تي ٻيا ۽ هن جا ٻيا ساٿي ٻه ڇرڪ ڀري، ٽپو ڏيئي اٿيا.

ڏڪ پيدا ٿيل رهيو آهي. ڪنڌيءَ جون سگھرون منهنجي مٿي کان لنگهي ٿيون ٿي. هڪ ڀيرو تيز هوا ۾ اڏامي ٿو ۽ هن جا پر هوا کان ڪنڌيءَ وانگر ڪتڙن ٿا. سياري جي هوا ۾ ڏرائيءَ ۽ ڪارل سڪل پنن ۽ سڪين جي چيڪاٽ جو آواز اچي ٿو. سامهون هڪ گڪو هاري اچي ٿو، ڪمدار سان حالي حوالي ٿئي ٿو ۽ هن سان گڏ هن جي ڏڙي ٽڙي وڏو ڍ ڍڳي آهي جنهن جي ڳچيءَ ۾ اره. انهن ڏڪاري ڏٺي رهيا آهن جڏهن ڪڏهن ڳوٺ ۾ ڀوتيءَ ۾ ٻه جيئرا جانور پيدا آهن. هو هر ڳالهه ۾ "خدا خير ڪندو" چئي رهيو آهي. هن جو سارو مذهب خوف ۾ مبني آهي. انهن ٿو لڳي جڏهن کي سرديءَ، پيريءَ، موت کان خوف اچي رهيو آهي ۽ ان کي هن پنهنجو ايمان اوني ليئيءَ وانگر ويڙهي ڇڏيو آهي.

اڳتي وڌون ٿا ته هڪ ڪرڙي هاري ملي ٿو. هن کي چٻي، ڪڇي ڏاڙهي آهي. هو ڪاوڙ ۾ آهي، چوي ٿو عدالت هن جي فرياد خارج ڪري ڇڏي آهي. هو ڏند ڪرٽي ٿو ته هن جون هيٺيون ۽ مٿيون مهاڙيون جنهن جي پن ٽڙن وانگر هڪ ٻئي سان رڳڙجن ٿيون ۽ پوءِ چوي ٿو، "پلو ٻرا ٿا ته ٿيندا آهن." گهوڙي کي ايندو ڏسي جهنگ ڪڪڙ نهي ٿي ۽ ان جي ٿاهه ۾ ٻه هدهد اڏامي وڃن ٿا.

سڪل واهه جي پرسان پني آهي جنهن تي پاجهريءَ جا سنگ ڪنهن اوجريءَ پليءَ جي ٻنيءَ وانگر لڳي رهيا آهن. ڳوٺ پنڌ اڳتي وڃون ٿا ته نيون هاري ملي ٿو. هن جي ڏاڙهي ڪوڙيل آهي، ڪارا شهپر وٺيل آهن ۽ مٿي تي اهر ڏنل اجرڪ جو ڦندڻ موڙ ٽڪيءَ وانگر ٽڙيل آهي. هن جي ڪهاڙيءَ جو ڦر سج جي ڪرڻن ۾ اجلا ڏٺي رهيو آهي. (ڪهاڙيءَ جي ڦر جون ٻئي واڇون اجاهل لڳي رهيون آهن ۽ اڃا رت ته چکي ڪانه ٿيون.)

مان رومانيا جي مصور مائڪلو بارابس * جي تصوير
"سالستيءَ جا جابلو ڪسان مارڪيٽ جي رستي تي" ** ڏسي
رهيو هوس. اها اصل تصوير بڊاپيسٽ ۾ آهي ۽ ان جو اُتارو
(Replica) بخارسٽ ۾ آهي. تصوير ۾ نظر اچي رهيو آهي ته
"وڻن جي جهنگن ۾ ويندڙ هڪ عورت ٽٻونءَ تي سوار آهي
۽ ٻيءَ چانورڙي ۾ ڍابو ڪيو آهي ۽ ٻنهيءَ مان ڪجهه
ڪڍي رهي آهي؛ هڪ ڳڪو ۽ ٻنهڙو هاري ٽٻونءَ جي
واڳ جهلي بيٺو آهي ۽ ان تي سوار وينگس ڪري ڪجهه چئي
رهيو آهي ۽ ٻيو هاري جنهن کي سيمت ڀال جهڙي ڏاڙهي آهي
۽ جنهن کي قدرت سان ٽوپي پئي آهي، ڳڪي هاريءَ ڏانهن
ڪن ڏيئي، هن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي
هارين ۽ هارياڻين پنهنجي ڪنڌيءَ جهڙا ڳهاٽا وڳا آهن. تصوير
۾ ڪسان فطري مناظر جو اڻوٽ انگ لڳن ٿا."

مٿين تصوير ڏسي، مونکي اکين اڳيان هڪ ٻي تصوير
اڀري اچي ٿي —

(ان کي ڪيئي سال ٿيا. منهنجي مرحوم ڀيءُ سنڌ جراب
زمين چڙهي هئي جا اسان جو ڏاڏو پڙ سهارو هوندي هئي. فصل
لهار ٿيندو هو ته منهنجو ڪمدار، مونکي پنهنجي گهوڙي تي
سوار ڪري، انهيءَ تي وٺي ويندو هو ۽ هڪ ڦيري —)

فضا ۾ ڪوراڙي جي ڄار واري چپ چڀاڻ آهي. ما
گهوڙي تي هڪ سڪل واهه مان وڃي رهيو آهيان. منهنج
ڪمدار، جنهن کي ميندي لڳل چاپئين ڏاڙهي آهي، مون سا

---

* Miklo Barabas, 1810 – 1890

** Mountain peasants of Saliste on way to Market.

نوٽ: سالستي رومانيا جي هڪ وستي آهي.

مون سوريئلي آرٽ لاءِ ڳالهائيندي، پنهنجي دوست حمايت علي شاعر کي چيو، "مون سوريئلي مصور سئلويڊار ڊاليءَ (Salvador Dali) جي ڇپيل ڊائريءَ ۾ هڪ هنڌ پڙهيو هو — "نه ڄاڻان هي هوٽل جا بيرا منهنجي پليٽ ۾ ٽوسل ڪيڪڙي جي بدران ٽيليفون ڇو نه ٿا ڪٽي اچن!"

ڊالي جو اسپين ۾ ڄائو ٿيو هو، مٿين ڊائريءَ جي اشاعت وقت آمريڪا جو شهري هو ۽ ديوانگي هن جو ڌنڌو ٿي چڪي هئي. هن جي هر تصوير جنهن جو موضوع پنهنجي تحت الشعور جو اظهار هو ۽ جنهن جو شعوري فهم، جيئن ناممڪن نه هو ته به نهايت مشڪل هو، ليڪن ڊالرن ۾ وڪامندي هئي.

مون هن جي ڊائريءَ ۾ مٿيون جملو پڙهي سوچيو هو ته جي مون کي به ساڳيو اڌورو اچي ته مان جيڪر هيئن لکان —

"هڪ تنبورو ڪنڌيءَ جو خواب لهي رهيو آهي."

يا

"طوفان اچي رهيو آهي.
درياهه پنهنجي آرڪيسٽرا تيار ڪري آهي."

ان تي حمايت علي شاعر چيو، "ها پنهنجي ڳالهه ۽ ڊاليءَ جي ڳالهه ۾ گهڻي مشابهت آهي!"

"ڪاٿي به نه،" مون جواب ڏنو، "ان ڪري ته سوريئلي آرٽ ڇٽو آهي. ها، اسان ٻنهي ۾ هڪ ڳالهه ساڳي آهي ته آرٽ ذريعو آهي، مقصد نه. آهي جيتوڻيڪ مقصد ٻنهي جا مختلف آهن." ●

هُو به ڪمدار سان حالي حوالي ٿئي ٿو. هُو سرهاڻ سان ملاقات لاءِ سنبريل آهي. منهنجو ڪمدار به سير سواد ڪندو آهي ۽ چوندو آهي، ”سائين، مڙس رڳو ڏهوڙا نه وڻندا آهن، گهوڙا گهٽڙا وڻندا آهن.“

انهن اڳتي وڌندا رهون ٿا. ٻيل جي ٽاريءَ کي ٽڪيندڙ ڪاٺ ڪٽو، هيڏانهن هوڏانهن ٽٽي ٽاريءَ ۾ چهنب هڻي ٿو، جڻ ڪنهن جي امانت ۾ خيانت ڪري رهيو آهي؛ ٻوءِ گهوڙيسوار کي ايندو ڏسي، ٻڙڪو ڏيئي اڏامي وڃي ٿو. انهن ماڪڙ ملن ٿا، رنگا رنگ ٻڪيڙا اڏامي وڃن ٿا؛ سج ڪهاڙيءَ سان ڪنهن ڪاريءَ جي لٺل مڏيءَ وانگر ڦيرائيون کائيندو هيٺ وڃي ٿو ؛ سڪل واهه ۾ سانجهي لهي وڃي ٿي — سڪل واهه، جنهن ۾ ٻيٺل ٻاٽيءَ جي اٽري ڇو ٻ ٻ آهي جو ان ۾ ڪو ٿي ڪرنڌڙ ٿان ڇڙٻڙ پيدا ڪري سگهي.

مان سوچان ٿو ته جي مان مصور هجان ها ته ڪيترن نه تصويرون ڪڍي سگهان ها! ڇا مان پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ايترين تصويرون ڪڍي سگهان ٿو؟ ●

انهن ڏينهن ۾ هن سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائر ڪيو هو ۽ هاڻي در ڪان ڪجهه پنڌ تي گوشه نشينيءَ جي زندگي بسر ڪندو هو. مان احسان بدويءَ ۽ لعل محمد سان گڏجي ڪڏهن ڪڏهن هن وٽ ايندو هوس. مسرور فقير جي صورت ۽ سيرت ٻئي لڀائيندڙ هيون، هو تصوف جي صاف سٿري هوا ۾ ساهه کڻندو هو، موسيقيءَ سان گهرو لڳاءُ رکندو هو ۽ ستار ڏاڍي چڱي وڄائيندو هو. جڏهن وقت هوندو ستار تي پنهنجون گوريون چٽيون آڱريون رکندو هو ته، مون کي ائين لڳندو هو ته، ستار جي تارن مان راڳ جا گل ڇڻي پوندا. هڪ ڀيري اسان آرهڙ جي گرميءَ ۾ هن جي اوطاق تي وياسين ته هو اڳ ئي ستار هلائي رهيو هو ۽ جڏهن هن ستار هلائي بس ڪئي ته مون ائين محسوس ڪيو ته اونهاري جو ڏينهن هڪ تازي سنگتري وانگر ڪٽجي ٻه اڌ ٿي پيو هو، جنهن جو مٺاڄ ۽ تازگي شام تائين منهنجي روح کي فرحت ڏيندي رهي.

مرحوم لطف الله بدوي جنهن وقت جوڳي تخلص ڪندو هو، يڪتاري تي صوفيانه ڪلام ڳائيندو هو ۽ خير محمد صوفيءَ جي ڪلام سان هن کي خاص رغبت هوندي هئي. مان يارنهن ٻارهن سالن جو هوس ته مون هن جو هڪ گيت "وري ڪوڪ ڪوئل اها ڪوڪ پياري" سنڌو رسالي ۾ پڙهيو هو جو مونکي ايترو ته وڻيو هو جو مون کي اهو پورو گيت ياد ٿي ويو هو (ڪجهه وقت پوءِ جڏهن پراڻي اردو رسالي ۾ ڪنهن اردو شاعر جو گيت پڙهيو هوم جنهن جي هڪ سٽ "وهي ڪوڪ ڪوئل وهي ڪوڪ پياري" مون کي اڃا تائين ياد آهي.) مان جڏهن احسان بدويءَ ۽ لعل محمد سان گڏجي لطف الله بدويءَ وٽ ويندو هوس تڏهن هو جوڳي تخلص ڇڏي، بدوي تخلص اختيار ڪري چڪو هو. ان ڏينهن هن اسان سان

تاريخ حالات جي منطقي رشتي کي اڻ پرواهيءَ سان ڏسندي آهي پر تاريخ نويس ماضيءَ تي گهري نظر رکندو آهي ته حالات ۾ منطقي رشتو لڀي پوندو آهي.

پهرين جنگ عظيم کان ڪجهه وقت اڳ، مون پهريون ڀيرو مرحوم لطف الله بدويءَ کي شڪارپور ۾ هاٿيءَ در لڳ هڪ ڇاپ خاني ۾ ڏٺو هو. ان وقت هو هڪ مختصر حلقي اڳيان مجدد ۽ مجتهد ۾ فرق تي پنهنجي خيالات جو اظهار ڪري رهيو هو ۽ هن جي گفتگوءَ ۾ مجدد الف ثاني، شاهه ولي الله، سيد احمد بريلوي، شاهه اسماعيل شهيد، سر سيد، مولانا حالي، علامه اقبال وغيره جا نالا بار بار پئي آيا. ڪڏهن وقت هن اسلم جيراجپوري ۽ چوڌري پرويز جا حوالا ٿي پئي ڏنا ۽ اسد ملتانيءَ ۽ ظفر علي خان جا شعر ٿي پئي پڙهيا. اها ساري گفتگو اسلامي احيا جي باري ۾ هئي. ان کان اڳ مون مرحوم لطف الله بدويءَ جا لکيل ڪجهه نظم ۽ گيت سندو رسالي ۾ پڙهيا هئا ۽ شڪارپور جي حلقن ۾ اهو تاثر هو ته لطف الله بدوي ۽ ڪيولداس فاني شڪارپور جا ٻه چوٽيءَ جا شاعر هئا، جيتوڻيڪ بدوي صاحب فانيءَ کي نيم شاعر سمجهندو هو.

پهرين جنگ عظيم شروع ٿي چڪي هئي ته منهنجي لطف الله بدويءَ جي وڏي فرزند احسان بدويءَ ۽ هن جي رشتيدار لعل محمد سان دوستي ٿي وئي. (احسان بدوي پوءِ ڪراچيءَ ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر ٿيو جتي هو رحلت ڪري ويو.)

فقير غلام علي مسرور به (جنهن جو ڪتاب "مسدس مسرور" اسان ڪاليج ۾ درسي ڪتاب طور پئي پڙهندا هئاسين) لطف الله بدويءَ جو قريبي رشتيدار هو ۽ مان ڀانيان ٿو ته

سياست سان ڪا رغبت يا دلچسپي ڪانه هئي. هن کي اهو معلوم نه هو ته روسي شاعرن سينٽ پيٽرسبرگ (لينن گراڊ) تي پشت به پشت طبع آزمائي ڪئي هئي ۽ پشڪن پيٽر اعظم جي انهيءَ آهني ارادي ۽ عزم جي باري ۾ لکيو هو ته نيوا (Neva) نديءَ جي سمر واري علائقي ۾ عظيم عروس البلاد ٺاهي وٺندي ۽ ان عزم جي تڪميل لاءِ نه زندگيءَ جي پرواه ڪئي ويندي، نه خرچ جي، نه سيلاب جي، نه طوفان جي، نه سرديءَ جي، نه بيماريءَ جي، نه تڪليف جي نه موت جي؛ نه هن کي اها ڄاڻ هئي ته دوستو وسڪي سينٽ پيٽرسبرگ کي "ليرگي ۽ تمت السرا جو شهر ڪوٺيو هو، سمر جو شهر، ٽامي جي گهوڙي سوار جو شهر، اهو شهر جو روس هو به ۽ نه به هو، جو ايڏو پر معدوم ٿي ويو ٿي، اهو ڪنارو ايڏو پر، روس جي انتها ۽ يورپ جي ابتدا جـي وچ تي نظر ايندڙ سرحد ۾"؛ نه هن اهو پڙهيو هو ته انارڪسٽ باڪونن (Bakunin) جمهوريت پسند اليگزينڊر هرزن (Alexander Herzen) لينن جو وڏو ڀاءُ، روسي اديب ترگنيف، چيخوف ۽ ٽالسٽاءِ، توڙي سڀ ٿي لينن گراڊ ۾ نه رهيا هئا، نڪي هن کي ته انهن سڀني جي روح جي تربيت لينن گراڊ ۾ ٿي هئي ۽ اتي ئي روس جا عظيم سائنسدان ۽ محقق رهيا هئا ۽ اتي ئي پاولوف (Povlov) پنهنجا (Behaviourist Psychology) ۾ تجربا ڪيا هئا؛ نه هن کي فاشزم جي نظرياتي ۽ تاريخي پس منظر جي ڄاڻ هئي، نه اها ڄاڻ هئي ته روسي - جرمن عدم جارحيت واري معاهدي کان اڳ اسٽالن، روسي وزير خارجه مالوٽوف ۽ جرمن وزير خارجه ربن ٽراپ جي وچ ۾ ڪي ڳالهيون ٿيون هيون ۽ ۲۴ آگسٽ ۱۹۳۹ع تي دنيا صبح جي اخبارن ۾ ان معاهدي جــي باري ۾ شهه سرخيون پڙهي حيران ٿي وئي هئي؛ نه اها ڄاڻ هئي ته

علامه اقبال جي ڪتابن، اسرار خودي، رموز بي خودي ۽ ارمغان حجاز تي گفتگو ڪئي هئي ۽ اسرار خودي ۽ رموز بي خوديءَ جي تتبع تي ٻه ڪتاب جيڪا مثنوي فارسيءَ ۾ لکي هئائين، انهن کي پڙهي پڙهائي هئائين. مون انهن محسوس ڪيو هو ته جڏهن وقت مرحوم زير اضافت ۽ همزه اضافت جو استعمال ٿي ڪيو، هن جي فارسي شعر جو وزن ٽٽي ٿي پيو. مرحوم لطف الله بدويءَ ۾ خود داري خود پرستيءَ جي حد تائين موجود هوندي هئي. شهر ۾ هن کي هر ڪوئي سڃاڻندو هو ۽ جيتوڻيڪ انهن نه ٿو چئي سگهجي ته ڪوئي هن سان محبت ڪندو هو پر هن جي عزت ضرور ڪئي ويندي هئي، جيئن ڪنهن اهڙي شيءِ جي عزت ڪئي وڃي جا ماضيءَ جو يادگار هجي ۽ جنهن جي نئين نسل کي چڱيءَ پر جاڻ نه هجي، جيئن ڪنهن مينار جي يا جهوني قلعي جي يا ڪنهن مشهور جبل جي عزت ڪئي ويندي آهي.

مرحوم لطف الله بدوي پاڻ کي مفڪر اسلام سمجهندو هو ۽ مان پاڻيان ٿو اردو ڪتاب ”خون کي آنسو“ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو به هن ئي ڪيو هو، جنهن ۾ هندستاني مسلمانن جي سياسي ۽ اقتصادي ابتريءَ جي باري ۾ لکيو ويو هو.

جڏهن روسي - جرمن عدم جارحيت جي معاهدي (Russo- German Non Aggression Pact) جي خلاف ورزي ڪري، هٽلر روس تي حملو ڪيو هو ۽ ليننگراد تي بم ڪري رهيا هئا تڏهن مرحوم لطف الله بدويءَ پنهنجو ولوله انگيز نظم ”ليننگراد تي حملو“ لکيو هو جو سنڌو رسالي ۾ شايع ٿيو هو. مرحوم بدويءَ جي بين الاقوامي سياست جي معلومات نهايت محدود هئي ۽ هن کي ترقي پسند ادب سا

ايم. اين. راءِ (M. N. Roy) جي آتم ڪهاڻيءَ مان هيٺيون واقعو پڙهيو هو —

ايم. اين. راءِ سائنسي سوشلزم (Scientific Socialism) جو قائل هو ۽ پان اسلامزم (Pan Islamism) جي انگريز دشمنيءَ کي سياسي اهميت نه ڏيندو هو ۽ نه وري مهاتما گانڌيءَ يا سرحدي گانڌيءَ غفار خان جي آزاديءَ جي تحريڪ کي ڪا جمهوري انقلاب جي تحريڪ سمجهندو هو. جيتوڻيڪ ايم. اين. راءِ ان خيال جو هو ته تاريخ مشرقي بورجوازيءَ کان مغربي بورجوازيءَ وارو ڪردار ڪسي ورتو هو، تنهن ۾ هن جو انقلاب جي ان جدم پتريءَ تي ڀروسو هو جا ڪارل مارڪس ٺاهي هئي ۽ هن جو ويساهه هو ته بورجوازي چاهي يا نه چاهي، هندستان ۾ بورجوا انقلاب اچڻو هو ۽ جي ان انقلاب جي اڳواڻي بورجوازي نه ڪئي ته پرولتاري قوتون ڪنديون، لينن (Lenin) سان ڪجهه ڳڻ ڳوت ۾ سوچ ويچار ڪانپوءِ، ايم. اين. راءِ اهو طئي ڪيو ته هندستان ۾ گانڌيءَ جي رهنمائيءَ هيٺ هلندڙ تحريڪ جي حمايت ڪري، ان کي انقلابي موڙ ڏنو وڃي. ان مقصد سان لينن ايم. اين. راءِ کي Turkestan Bureau of Communist International, جو ميمبر مقرر ڪيو ۽ هن وچ ايشيا ۾ انقلابي قوتن کي منظم ڪرڻ لاءِ سمرقند ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي. خلافت تحريڪ جي دوران سال ۱۹۲۱ع ۾، ڪي هندستاني مهاجر جي ترڪيءَ ڏانهن جهاد لاءِ وڃي رهيا هئا، افغان حڪومت جي پابنديءَ جي باوجود افغان سرحد ٽپيا هئا ۽ انهن کي ترڪمانن گرفتار ڪيو هو. سرخ فوج ترڪمانن تي حملو ڪري انهن هندستاني مهاجرن مان اٽڪل ستر مهاجرن کي هٿ ڪري ٻاهر آندو هو جتان هنن کي تاشقند نيو ويو هو جتي هنن کي سرخ وردي

معاهدي کان پوءِ جڏهن روس ۽ جرمنيءَ پولنڊ تي حملو ڪيو
هو تڏهن فرانس ۽ انگلنڊ جي اشتراڪين جا ذهني شيش محل
ٽُٽي، ٽڪرا ٿي ويا هئا. پر آخر هٽلر اهو وساري ڇڏيو ها
ته جنگيون سياست سان کٽبيون آهن ۽ نه سند زوريءَ سان ؛
جڏهن ٢٢ جون ١٩٤١ع تي هٽلر ريڊيو تي روس سان جنگ
جو اعلان ڪيو هو تڏهن هُو نپولين جي شڪست کي وساري
چڪو هو.

مرحوم لطف الله بدوي جڏهن نه رڳو Fall of Paris
اول نه پڙهيو هو بلڪ ايليا اهرنبرگ جو ناول به نه پڙهيو هو
تڏهن پنهنجو عاليشان نظم "لينن گراڊ تي حملو" ان ڪري نه
لکيو هو ته هن لاءِ روسي انقلاب جي ڪائي اهميت هئي بلڪ
ان ڪري ته جنهن جرأت سان روس نازي جرمنيءَ جي حملي
جو مقابلو ٿي ڪيو، اها جرأت بدويءَ جي حريت پسنديءَ
جي ان تصور سان عين مطابق هئي جو هن کي علامه اقبال
جي شاعريءَ ۾ نظر آيو هو. هُو پان اسلامزم جو نه رڳو
قائل پر مبلغ ٿي چڪو هو، جمال الدين افغاني هن جو هيرو
هو ۽ هن جو مرغوب شعر هو —

درويش خدا مست نه شرقي هي نه غربي
گهر ميرا نه دلي، نه صفاهان نه سمرقند.

ڪجهه سال اڳ مون کي هڪ دوست ٻڌايو هو ته
"لينن گراڊ تي حملو" پڙهي، سنڌ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي
ڪنهن اهم رڪن مرحوم لطف الله بدويءَ سان رابطو قائم
ڪيو هو ۽ هن کي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي حمايت لاءِ آماد
ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر مرحوم هن کي، اسلام ۽
علامه اقبال تي به ڪوڙا ڪ تقرير ڪرڻ ڪانهيو، اهڙي حمايت
کان صاف انڪار ڪيو هو. ان ئي مون پنهنجي دوست کي

تقرير نه مون اڳ ٻڌي هئي ۽ نه اڄ ڏينهن ٻڌي آهي. صوفي جيٺمل اڪبر اعظم جي قومي ايڪجهتيءَ لاءِ ڪيل ڪوشش کي ايترو ساراهيو جو ڄڻ هن کان اهو وسري چڪو هو ته مسلم ليگ جو نظرياتي فلسفو اڪبر اعظم کي رد ڪري چڪو آهي ۽ اورنگزيب عالمگير جي دور کي اهميت ڏئي رهيو آهي ۽ هن کي هندستان جي تقسيم جو پهريون باني سمجهي رهيو آهي ۽ مسلم ليگ جي اها نظرياتي سوچ سنڌي مسلمانن جي تعليم يافته طبقي ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪري چڪي آهي. پروفيسر پنجواڻي پنهنجو پار پار دهرايل نڪتو پيش ڪيو ته هندوءَ جي "هه" ۽ مسلم جو "م" گڏيا ته هم (اسان) ٿي پوندو ۽ اسان پنهنجيءَ گڏيل جدوجهد سان وطن کي آزاد ڪرائي سگهنداسين. هو اهو وساري چڪو هو ته "م" "هه" جو دم چلو ٿيڻ لاءِ تيار نه هو، ٻنهي ۾ ويڇو حد کان وڌي چڪو هو ۽ ڪانگريس ٻنهي کي هڪ پليٽفارم تي آڻڻ لاءِ ڪو به ٻنهي ڌرين لاءِ قابل قبول اقتصادي پروگرام پيش ڪري نه سگهي هئي. آخر ۾ مسرور فقير صدارتي تقرير لاءِ اٿيو. مون هن ڏانهن ڏٺو ته هو شاهه بلوط جي شهتير وانگر سڌو سنئون ٿي نظر آيو ۽ هن جي پيٺ ۾ مرحوم لطف الله بدوي جيئن ۾ پڊل ٻير جي ٽختي وانگر مڙي ويل نه لڳو. مسرور فقير نهايت مختصر تقرير ڪئي ؛ هونءَ به سپ وٽ هڪ موتي هوندو آهي. مون کي هن جي تقرير ته ياد نه آهي پر هن جون اکيون ياد اچي رهيون آهن، جن کي ڏسي مون لوڪ گيت جي سٽ "اکيون ادل جون ٻرن مشعالان" جهونگاري هئي. صاف ۽ صاف آئينا انسان جون اکيون ٿينديون آهن ۽ جي اهي مشعالن وانگر ٻرن ته ڇا چئجي!

جلسو ختم ٿيو ته سڀئي اٿي ٻيٺا ۽ وندي ماترم ڳائڻ شروع

ڀڙائي وئي هئي ۽ سياسي فوجي تربيت ڏني وئي هئي پر هو آخر ڌارين ترڪيءَ ۾ جهاد لاءِ آيا هئا ۽ هندستان ۾ جمهوري انقلاب هڻڻ لاءِ ڪائي اهميت نه ٿي رکي. ايم. اين. راءِ پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي ته انهن مان جي تعليم يافته هئا، اهي پڻ سيدي ڪان وڌيڪ ڪٽر اسلام پسند هئا ۽ هڪ آڌ پڪي ڪميونسٽ، جنهن انهن مجاهدن جي تنظيم ٺاهي ڪئي، مايوسيءَ سان ايم. اين. راءِ کي چيو هو ته ”اسان انقلاب جي فوج ته تيار نه ڪري رهيا آهيون، خدا جي فوج تيار ڪري رهيا آهيون.“

ٻي جنگ عظيم دوران هندستان ۾ انگريز سامراج جي خلاف زبردست تحريڪ هلي رهي هئي ۽ ان جو اثر سنڌ تي به پيو هو جيتوڻيڪ مسلمانن جي اڪثريت ان تحريڪ کان بي نياز رهي هئي ۽ انهن جي تعليم يافته طبقي کي مسلم قوم جي تصور ۽ برصغير جي تقسيم لاءِ مسلم ليگ جي قيادت ڏانهن راغب ڪيو هو. انهن ڏينهن ۾ صوفي جيٺمل، پروفيسر رام پنجواڻي ۽ ٻيا ڪانگريس جا حمايتي شڪارپور آيا هئا ۽ جماعتي هال ۾ اڪبر اعظم جو ڏينهن ملهائي رهيا هئا ۽ ان جي آڙ ۾ سامراج دشمن تقريرن ۾ هندو مسلم اتحاد ۽ انگريز سامراج خلاف گڏيل جدوجهد جو پرچار ڪري رهيا هئا. جلسي جي صدارت فقير غلام علي مسرور کان ڪرائي وئي هئي. مرحوم لطف الله بدوي، احسان بدوي، لعل محمد ۽ آءٌ گڏجي نڪتا هئاسين، جلسي ۾ دير سان پهتا هئاسين ۽ خالي ڪرسيون نه ملڻ سبب، پاسو وٺي بيٺا هئاسين. جلسي ۾ هندستان جو هڪ هندو مقرر به آيل هو جنهن جو نالو مونکان وسري ويو آهي پر اهو ياد آهي ته هن جو تخلص سخن هو. هن اُردوءَ ۾ تقرير ڪئي هئي ۽ اهڙي لونءِ ڪاندار انداز

محمد چتل ”چتل“ هڪ نيم حڪيم هو ۽ جمعيت الشعرا جو ميمبر هو. مان ننڍو هوندو هيس ته هو شڪارپور ۾ لکي در تي ٻهڪندڙ سامان پٽ تي پکيڙي ويهندو هو، جنهن ۾ طرح طرح جون تيل جون شيشيون ۽ طباخ رکيل هوندا هئا. ڪن طباخن ۾ تيل ۽ مٽل سانڀيا ۽ ڪيڪڙن جيڏا پهاڙي وڇون ٽيل هوندا هئا ۽ ڪن ۾ مختلف رنگن جا سفوف ۽ حب پيل هوندا هئا. هن سان هڪ ڇوڪرو به ساط هوندو هو جنهن سان ”مان عامل تون معمول“ وارو به راند رچائيندو هو ۽ جنهن وقت ميڙ ۾ ماڻهو گهڻا ٿي ويندا هئا، هو اردوءِ جو هيٺيون شعر پڙهندو هو ـــ

سچائي ڇپ نهين سڪتي بناوٽ ڪي اصولون سي
ڪه خوشبو آ نهين سڪتي ڪڀي ڪاغذ ڪي پهولون سي.

۽ اهو ٻڌي ته هاڻي ميڙ ۾ ماڻهو مطلب جي وڃا آهن، هو تيل جون شيشيون ۽ ڪاغذ جي پڙين ۾ سفوف ۽ حب وڪڻندو هو ۽ چڱا پيسا ڪمائي ويندو هو ـــ

انهن ڏينهن ۾ جمعيت الشعراء جو هڪ رسالو ”اديب سنڌ“ لاڙڪاڻي مان نڪرندو هو جنهن ۾ جمعيت جي طرحي مشاعرن ۾ پڙهيل غزلن جو انتخاب شايع ٿيندو هو ۽ ايندڙ مشاعري لاءِ مصرع طرح، ان جو قافيو رديف به ڏنل هوندا هئا. مثال طور هڪ مصرع طرح، جي رديف ”خالص“ هجي ۽ قافيه گلاب، شراب، خضاب، جلاب وغيره هئا ۽ ان جو وزن چار پيرا مفاعلاتن ڏنل هو ۽ وڌيڪ وضاحت لاءِ ”گلاب خالص“، ”شراب خالص“، ”خضاب خالص“، ”جلاب خالص“ وغيره قافيا ۽ رديف ڪٺا ڪري ڏنل هئا.

انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ نامعلوم شاعر جا شعر، جنهن جو

چيو ويو. آخري ۾ مرحوم لطف الله بدويءَ اوچتو رڙ ڪري
چيو، ”وندي مالرم ڪفر آهي، اوهان هڪ درويش سا
دوکو ڪري هن ڪان جلسي جي صدارت ڪرائي آهي.“ جلسي
اي جڻ وچ ڪري ٻرانسو وچ ۾ بدنسي ويو. سرگواسي
جيٺمل مرحوم لطف الله بدويءَ کي سمجهائڻ جي ڪوشش
ڪندي چيو، ”جوڳي صاحب! وندي مالرم جي ڀرائي ۾ ت
ڏيو ڏهس سان پيار جو ورن ڪيل آهي. ڏهس سان پيار ڪف
ڪ نه آهي؟“

”صوفي جيٺمل!“ مرحوم بدويءَ ٻيهر رڙ ڪري چ
”مان جوڳي نه آهيان، بدوي آهيان! ٻڌن ٿو مان بدوي
آهيان! بدوي آهيان، بدوي آهيان! وندي مالرم سراسر ڪف
آهي، اسان جلسي جو بائيڪاٽ ڪيون ٿا.“

مرحوم لطف الله جي اها رڙ ته ”مان بدوي آهيان
بدوي آهيان، بدوي آهيان“ اڄ ڀانئين مڪهڻن ڪن
گونجندي رهي آهي ۽ نه ڄاڻان ڪيستائين گونجندي
رهندي! ●

"نه، ڪانءُ، عنقا ٿي ويو آهي،" مون متاري جواب ڏنو.
"عنقا جمعيت الشعرا جي مشاعري ۾ بار بار دهرايل پيو لفظ!" مون سو چيو.

هو ٻئي ائين پنهنجي ٽڏلي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا رهيا.

جڏهن ريل لکيءَ جي ريلوي اسٽيشن تان لٿي، هتان پليٽ فارم تي لهي چانهه پيتي. ايتري ۾ هڪ عورت جا اڇي ارقعي ۾ ٻڌ ڪيل هئي، پنهنجي مڙس سان گڏ ريل گاڏيءَ ۾ چڙهڻ لڳي. هن کي ڏسي ڳڙڙي سڙڙي چيو، "واهه الله! ليلا محمل جو پردو به نه هٽايو!" مون متاري ڳڙڙي سڙڙي کي ڏهن کان چوڻيءَ ٿا ائين ڏسي هن کي سر ونايو، "اک ورائي به نه ڏنائين ته قيس فراق ۾ ٻري ڪنبا ٿي ويو آهي." ان تي ڳڙڙي سڙڙي ٿهڪ ڏنو ته کنگهه ۾ ورڙهجي ويو. کنگهي کنگهي هن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ رڪي رڪي چيائين، "ڪٿي آهي اسان جو مسيحا؟" - کئون، کئون، کئون - "مسيحا؟" - کئون، کئون - "يار ڪوئي شربت - ديدار به نه ٿو پيئاري!" - کئون، کئون، کئون......

هڪ ڀيري جڏهن محمد چتل عامل معمول وارو ٻرامو ٻڌو ڪري پنهنجا پيل سفوف ۽ حب وڪڻي چڪو هو، منهنجي دوست مرحوم حبيب الله ڀٽي هن کي چيو، "ميان محمد چتل! ڀلا اهو ته ٻڌاءِ ته ڪانءُ ڪير آهي؟"

"ڪانءُ!" چتل ٿڌو ساهه ڀري چيو، "ٿيو ن ڏينهن ڙڪاڻي ۾ جمعيت الشعرا جو مشاعرو هو ۽ مصرع طرح غالب جي هڪ شعر جو مصرع هو—

کهتي هين جس کو عشق خلل هي دماغ کا

ان مصرع طرح تي مون غزل پڙهيو هو جنهن جو مطلع هو—

ڪانءُ تخلص هو، وڏي طمطراق سان ادبي سنڌ جي انتخاب ۾ شايع ڪيا ويندا هئا ۽ انهن شعرن جمعيت جي حلقن ۾ ڪافي ٻُرڙو مچايو هو. ڪي چوندا هئا ته ڪانءُ نظامي آهي ۽ ڪي چوندا هئا ته ڪراچيءَ جو ٻيو ڪو ٻي شاعر آهي. جڏهن به جمعيت الشعرا جا ميمبر هڪ ٻئي سان ملندا هئا ته اهو سوال ضرور پڇندا هئا ته "ٻڌو ٻيو ڪانءُ ڪير آهي؟"

جن ڏينهن جي ڳالهه آهي تن ڏينهن ۾ مان شڪارپور ڪاليج پڙهندو هوس. هڪ ڀيري مان ريل ۾ سکر مان شڪارپور موٽي رهيو هوس. اها مهاڀارت لڙائي شروع ٿي چڪي هئي ۽ هندوستان ۾ ريل گاڏين جو تعداد اوارو ٿي ويو هو ۽ مسافرن جو تعداد وڌي ويو هو. ٿرڊ ڪلاس جو گاڏو، جنهن ۾ مان سفر ڪري رهيو هوس، ڪچاڪچ ڀريل هو. ويهڻ لاءِ جاءِ خالي هئي، ان ڪري مان گاڏي جي در وٽ اچي هيٺ ۾ هڪ وڃهي بيٺو هوس. اوچتو ٻه ڄڻا ڀاڄ ۾ عجيب غريب گفتگو ڪرڻ لڳا. انهن مان هڪڙو مٽيءَ سيٽ تي اوڪڙو ويٺو هو جو ڳرڙو سڙيل هو ۽ ٻيو مدهڪي پاسان بيٺو هو جنهن جو منهن متارو هو. مٿي متارتي ڳرڙي سڙي کي چيو، "تون ته سڄي انهن ويٺو آهين جڻ موسيٰ ڪوهه طور تي ويٺو آهي." ان تي ڳرڙي سڙي ٺهه ٺهه ورائيو، "تون بيٺو ۾ ائين ٿو لڳين جڻ فرهاد ڪوهه بي ستون کوٽي رهيو آهي."

"موسيٰ، ڪوهه طور، فرهاد، ڪوهه بي ستون! اهي ته جمعيت الشعرا جي مشاعرن ۾ بار بار دهرايل لفظ آهن. پڪ ٿي پئي ته هي ڪي ٽڪاڻي جا شاعر آهن."

آخري ۾ ڳرڙي سڙي چيو، "ڀلا ڪانءُ جو ڪو پتو پيو؟"

ڪامريڊ احمد سنڌيو ۱۹۴۵ع کان دوست آهي جڏهن اسان ايم. اين. راءِ جي ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽي (Radical democratic Party) جا ميمبر هئاسين. آزاديءَ کان ڪجهه سال پوءِ ايم. اين. راءِ پنهنجي پارٽي ختم ڪري رينيسانس (Renaissance) تحريڪ شروع ڪئي، پنهنجي آتم ڪهاڻي ۽ ٻيا ڪتاب لکيا ۽ ڪجهه وقت کانپوءِ دلشڪستو ٿي ڏيهاڙون ۾ مري ويو. هن جي موت کانپوءِ هن جي ميڪسيڪن زال ايلن راءِ کي به ڪنهن قتل ڪري ڇڏيو. پارٽي ته هن پاڻ ئي ختم ڪري ڇڏي هئي پر هن جي تحريڪ به لڳ ڀڳ ختم ٿي وئي. پر ڪامريڊ احمد چوندو آهي ته اڃا تائين هندستان ۾ ايم. اين. راءِ جي تحريڪ جاري آهي، هن وٽ هن جا سڀ ڪتاب، ٽه ماهي رسالي مارڪسٽ ريويو (Marxist Review) ۽ هفتيوار اخبار Independent India جا سڀ شمارا ۽ ٻيو تاريخي مواد اٿئين سنڀار لاءِ وڪيل هوندو آهي جيئن گردواري ۾ گرنٿ وڪيل هوندا آهن ۽ اڄ به هو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي پراڻن ميمبرن تي ڇوهه چنبڙيندو آهي ۽ سٺيهه سال اڳ وارا دليل ورجائيندو آهي ته راءِ انگريز سرڪار کان پيسا وٺي ڪو غلط ڪم نه ڪيو هو. (ايم. اين. راءِ فاشزم جو وڏو دشمن هو ۽ ٻي جنگ عظيم جي دوران انگريز سرڪار هن کي ٽيرنهن هزار رپيا مهينو ڏيندي هئي ته جيئن هو نازي جرمني، اٽلي ۽ جپان خلاف پنهنجي سياسي خيالن جي اشاعت ڪري سگهي.) ڪامريڊ احمد لاءِ ايم. اين. راءِ اڃا تائين مئو نه آهي ۽ هن جي تحريڪ ئي انسان ذات جي نجات آهي، جيتوڻيڪ هندستان ۽ پاڪستان جي ڪجهه دانشورن کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي ايم. اين. راءِ جو نالو به معلوم نه آهي. اڄ تائين

بلبل نه يون ڪهتي گئي ٿي. ڪهدا هي زاغ ڪا
ڪهتي هين جسڪو عشق خلل هي دماغ ڪا

۽ غزل جو مقطع هو —

ٻهونڊنا اسي ڀهوت ڪلاچي مين اي ڇتل
ليڪن ملا سراغ نه مجهڪو ڪلاغ ڪا.

ڪلاغ اهو ڪانءُ ئي ته آهي جنهن جي تلاش جاري آهي.
"ميان محمد ڇتل، فارسيءَ ۾ ڪلاغ ڪارو ڪانءَ کي چوند
آهن، ڪانءَ کي زاغ چوندا آهن"، مون هن کي چيو، "
اوهان ته ڪهنه مشق شاعر آهيو، صحيح لفظ ته "ڀهت"
آهي ۽ "ڀهوت" اردوءَ ۾ متروڪ ٿي چڪو آهي."

محمد ڇتل، جو هر نيم حڪيم وانگر چرب زبان هو، جواب
ڏنو، "برخوردار! "ڀهت" ۾ اها ڳالهه ڪٿي آهي جا "ڀهوت"
۾ آهي: "ڀهوت" ۾ گرومندر ڪان چاڪي واڙي تائين چڪ
اچي وڃن ٿا، ڪانءَ جي پوري تلاش سمائجي وڃي ٿي
ڪانءُ جو ڏاڍو وڏو شاعر آهي، ڪلاغ آهي، زاغ نه آهي."

مون هن کي پهانو ڏيئي ڄاتو ته، هو مايوس ٿي ويٺو لڳو. شايد هو سوچي رهيو هو ته، ”اسير مالٽا“ جو پٽ روهڙيءَ مان لنگهي رهيو آهي ۽ جنهن کي ”اسير مالٽا“ جي مطالعي جي سعادت نصيب ٿي آهي، اهو اهڙي موقعي تي روهڙيءَ هلڻ کان ڪيئن ٿو لنوائي سگهي! هن جي مايوسي مون کي پاڪائين کهاڙيءَ وانگر مٺي ٿي لڳي. مون هن کي رڙ ڪري چيو، ”ڪامريڊ احمد! ترس، ترس مان هلان ٿو!“

”ڪامريڊ احمد! ڇا مطلب؟“ محمد علي ڪاظمي غصي ۾ ڀڙندو هليو ويو.

ڪجهه پاڪستاني دانشور احمد وٽ ايندا آهن ۽ هن جي ڳالهين تي پنهنجا واهه جهڙا هٿ سيڪيندا آهن. ها، جي مان هن سان رڏ ڪڍ ڪندو آهيان، ته هو مايوس ٿي ويندو آهي.

ڪجهه سال اڳ، ديوبند جو مهاجر مرحوم محمد علي ڪاظمي مون وٽ ڪنهن مقدمي جي سلسلي ۾ آيو هو. هو حسين احمد مدني جو وڏو مداح هو ۽ هن وٽ نه فقط حسين احمد مدني جا پر ٻين ديوبندي عالمن جا به سڀ ڪتاب موجود هئا. منهنجي گهر تي هن مون کي حسين احمد مدنيءَ جو ڪتاب "اسير مالٽا" پڙهڻ لاءِ ڏنو هو ۽ قوم ملت جي فرق سان ڏگهي تقرير ڪري ٻڌايو هئائين ته علامه اقبال هيٺيون شعر حسين احمد مدني لاءِ ڇا لکيو هو—

سرود برسر منبر که ملت از وطن است
چه بي خبر ز مقام محمد عربي است.

(منبر تي بيهي چيائين ته ملت وطن مان نهندي آهي، محمد عربيءَ جي مقام کان ڪهڙو نه بيخبر آهي!)

محمد علي ڪاظميءَ جي انهن ڳالهين ڪري سي. آءِ. ڊي هن تي ڪڙي نظر رکندي هئي. هڪ ڀيري هو منهنجي آفيس تي اوچتو آيو ۽ ايوب پل ڏانهن اشارو ڪري چيائين.

"اسير - مالٽا!"

"ڇا؟" مون حيرت مان پڇيو.

"اسير مالٽا ...... روهڙي،" هن وري چيو.

"مون نه سمجهيو،" مون هن کي اردوءَ ۾ چيو.

"ڀائي"، هن اردوءَ ۾ جواب ڏنو؛ "مان چوان ٿو ته حسين احمد مدنيءَ جو پٽ ڪراچيءَ وڃي رهيو آهي ۽ ريل ۾ روهڙيءَ کان اڄ لنگهڻو آهي. هن جي استقبال لاءِ هلندين؟ اسان هن جا سچا پيروڪار روهڙي وڃي رهيا آهيون..."

هُو ٻُڌي چور هو ته چوريءَ جي ڳالهه اهڙي وس سان ٻڌائيندو هو جهڙ مرزا غالب بيدل دهلوي جو ڪو شعر چورايو هو. * هڪ ڀيري هُو مون کي ٻڌهڻا لڳرڻا ٻڌائي رهيو هو.

”چور ٽن قسمن جا ٿيندا آهن هڪڙا گهر جا چور ٻيا ٻر جا چور ۽ ٽيان ڏاڍا مڙس چور ڏاڍو مڙس چور ٻڌهڻي ڇڏي جي سٽ راڄيءَ ۾ چوري ڪونه ڪندو ۽ اها سٽ ٻاڄي چوڏاري وڃي ڪوهي ۾ ٽوڻي ٻڪڙيل هوندي آهي. ڏاڍو مڙس چور ٻڌهڻي ذات کان ته ٻاسو ڪندو ۽ سويو سويو سويي جي، سمون سمي جي چوري ڪانه ڪندو. ٽر ۾ ڏاڍو مڙسيءَ واري چوري ٿئي ڪنهن ٻئيءَ اُٺيءَ جي يا گهوڙي جي، جنهن جي پٺن ۾ هاڪ ٿئي وڃدي. ٻاهي وهت ٽي سڌ اهڙو چور نه ڪري. ٽر ۾ ڪاڙڻا چور گهٽ ٽين جو گهر ۾ اٿرو مال ٿي نه ليي. پٺي وهت ٽي ٻاگهين جو ٻهرو ٻيو هلندو، ۽ ٻاگهين جو واٽ ته ڪونه وهندو ۽ ٻيا آٿي وٽي اڳيان واڪاڻن جا دهل وڄائيندا. چيو، ”ٻاٿو ۽ سنهيءَ ڇيلهه ۽ سنهين ٽنگن واري اُٺي اها اٺيءَ جو ڏاڙ جي مهار کي ٽوڙي ڇڏي ٿي، ٻوهواري ٿئي وڃدي، پٺن جي ٻدڻ کي ڏائيندي ڏهر نه ڪندي.“

ڳالهيون ڪندي هن وڏڪ ڇيو، ”چور جي ذات جي

* بيدل دهلويءَ جو شعر آهي —

بوئي گل ناله دل دود چراغ محفل
هر که از بزم تو برخاست پريشان برخاست

ان تان مرزا غالب هيٺين چوري ڪئي آهي -

بوئي گل ناله دل دود چراغ محفل
جو تيري بزم سي نڪلا وه پريشان نڪلا.

ڪائي مرڪ اکين ۾ انهن چمڪ پيدا ڪندي آهي جهڙ
سج جا پهريان ترورا هرڪ جي اکين ۾ پيدا ڪندا آهن
اها مرڪ مون پنهنجي بزرگ دوست ڊاڪٽر مهڪريءَ جي
اکين ۾ ڏٺي آهي. هڪ ڀيري هن مون کي چيو، ''شاعر
تاريخ جو نئون دور شروع ٿي چڪو آهي.''

''ڊاڪٽر صاحب! ڪهڙو نئون دور؟'' مون حيرت مان
هن کان پڇيو.

''بابا، قبل از مسيح ۽ بعد از مسيح ڪانوءَ تارا مسيح
جو دور،'' هن جواب ڏنو. هن جي اکين ۾ ساڳي مرڪ هئي
جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي.

پر مون هن جي اکين ۾ اهڙي مرڪ به ڏٺي آهي جا آئيندي
وانگر هن جو اندر پسائيندي آهي. هو انگلور مان هجرت
ڪري آيو آهي. جنهن وقت به هن کي انگلور جي ياد شدت
سان ايندي آهي تنهن وقت هو پنهنجي مضمون جي مثال
پنهنجو فرض ٿالو ''انگلور مهڪري'' لکندو آهي. ان وقت
هن جي اکين ۾ مرڪ انهن چمڪندي آهي جهڙي وارياسي جي
ڏٺهه اس ۾ سج جا ترورا هرڪ جي اکين ۾ چمڪندا آهن
هو ڪنهن لڙائي لاءِ واجهائيندو آهي.

کو ڏسي ته ٿهيل ٿهيل ڏس ڏيندا ته ”هيءَ فلاڻي همراه وٽ، فلاڻي ڳوٺ ۾ ويٺو آهي، اتي فلاڻا همراه رهن ٿا.“ اها پڇا اڳ ئي ڪيل هوندن.

چوريءَ جو وقت ٿئي ڪٿي آڌيءَ. تنهن جو پهريون ڦوهارو ماڻهوءَ کي گهٽو وٺندو آهي. اڌ ڪلاڪ ته پيا ڪن ڏيندا ۽ آواز ٻڌندا ۽ جڏهن چڱي پاسن جي پڪ ٿيندن، تڏهن پيو اڳتي کڻندا، ڪتي کي به اڳ ۾ رکندا. ڪتي جا علاج ٿين ٿا. مڙس پٽ تي ويٺو هوندو ته پوءِ ڪتو گهٽو ڪري حملو نه ڪندو. آسپاس پيو ڦرندو، دل چيس ته ٽنگ ڪٽي چور مٿان مٿي چڙهندو. پنڌرهن ويهه منٽ ڦري ڦري ٿڪجي هليو ويندو. ٻيو علاج آهي گوشت جي ٽڪر جو. ڪتي اڳيان گوشت اڇلائبو ته هو لڳندو ان جي پويان. چور جي ڪتو هڃي پهچن حرامي ته پوءِ کهاڙي پاڪي وٺان ڏيندس. لوڏندڙي واري لٺ هڻي ڪيندس. ٻيو اهڙي عمل ڪاٿوءَ چوري ته چوريءَ جي ماڳ، مرڳو ٻيڙن تي زور رکبو ۽ جي ڪو پلو وهٽ وٺن هوندو ته ان تي چڙهي ڀاڄ ڪائبي.“

مون هن کي غور سان ٻڌي چيو، ”آهن ته اسان جا اڪثر سياستدان، چور، چور جا پٽ، پر هنن کي ٿري چور جيترو عقل نه آهي.“

”نه انهن کي اها خبر آهي ته اهڙ ۾ ڏينهن ڪيئن گذارڻو آهي، ڪتي جو علاج ڪيئن ڪبو آهي، ۽ ضرورت وقت ڀاڄ ڪيئن ڪائبي آهي. ٿري چور اسان جي سياستدان کان سؤ ڀيرا وڌيڪ سياڻو آهي. ●

سنگت جو ور ڏٺي چور سان، سو همراهه ٻيو وهٽ جا پير پڻا
هن کان پڇائيندو - ڪٿي ڏي اُنٺي ٻڌ جي؟ لوڙهو ڪيڏو وڏو
آهي؟ گهر جي پاسن ۾ ڪيڏي مڙسي آهي؟ گهر ۾ ڪالر
هلائڻ جو ڪير ڪاريگر آهي؟ گهر ۾ ڪهڙا ڪهڙا لنڍا مڙس
آهن؟ ٻهرو ڪيترن ئو هلي؟ ننڍ جو ڪهڙو ڪير آهي؟ وهٽ
آڏو ڪٽ وڇهيو گهٽا مڙس ٿا سمهن؟ گهٽي ڪهڙي پاسي
کان آهي؟ وغيره وغيره. مهمان ئي هڪ اڌ ڦيرو به ڪڍي
ايندو، سڀ وڃهه ور، گهٽ گهيڙ جاچي ايندو." هن
مون ڏانهن معنيٰ ڀريل مرڪ سان ڏٺو ۽ ڳالهه جاري رکي،
"گهٽ گهيڙ جاچي ايندو ته ٻوءِ جيڪو هن جو واهو پاڻ
هوندو ۽ چور به هوندو، ان سان ڪندو صلاح سؤلي-
ڏاڍي مڙس چور جا راز جا سنگتي به ٿين ۽ وقت ۾ ور ٿي.
ڪنهن نڙڪو پڻ ڪڍي چور پڻ چڱا مڙسيءَ جا سندرا ٻڌي
هلندڙ سان ڪونه ٻوندن. صلاح سؤلي ڪري، آڳو ٻيڙو سوچي،
ٻوءِ نڪرندا ٻدڌ. چوري ڪرڻي هوندن ته انهيءَ کان اڳين
رات، سڄي رات ٻدڌ کي چيڪيندا ۽ جڏهن وڃي ٻه ٽي ڪره
پڇندا، تڏهن اهو ڏينهن ڪنهن گهاٽي ٻهڙ ۾ ڪٽيندا."

"ٻهڙ چاڪسي چوندا آهن؟" مون هن جي ڳالهه کي
ڪٽيندي پڇيو.

"ٻهڙ ننڍين وڻن جي جهڳٽي کي چوندا آهن، جتي چور
ڏينهن جو لڪي ويهندا آهن پڻ ٻدا الڪي نند ڪندا آهن.
جهڳٽو اهڙو گهاٽو هوندو آهي جو ايندي ويندي جي مٿن نظر
پئجي نه سگهندي آهي." هن جواب ڏنو ۽ پوءِ ڳالهه جاري
رکندي چيو، "همغان واري، مٿي همغان پڪي جو وهاڻو،
مٿان ڪٿو اوڍي سمهي پوندا، پر وات کان، لڪ کان، رسٽي کان،
راڄ کان مڙهئي پاسي ٿي. ڪير نه ڏسي ته چڱو. پلا جي

ٻڌايو. اها ڳالهه مس ڦٽي هئي تہ، سواءِ منهنجي، اسان مان هرهڪ ٻہ ٻہ منٽڪا نيرو ٿي ويو هو. مان ٽئون پيالڪ هٿس، ان ڪري مون گهٽ پيتو هو پر تڏهن بہ مون کي ڪافي خمار چڙهيا هئا. اوچتو مون ڏٺو تہ ڪامريڊ سامهون ڪرسيءَ سان مٿو ٽڪرائي رهيو هو. مان اٿي هن ڏانهن ويس. هو ٻار ٻار چئي رهيو هو، ”آخر هي چيني ۽ روسي پاڻ ۾ وڙهن ڇو ٿا!“ هر ڀيري هن اهو چئي ڪرسيءَ جي ٻانهن سان مٿو ٿي ٽڪرايو ۽ هن جي نرڙ مان ٻہ ٽي رت جا ڦڙا نيري وانگر ڪرسيءَ جي چوڏن تي ٽپڪڻ ٿي لڳا. مون هن کي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”ڪامريڊ! خروشيف مائوءَ سان نہ ٿو وڙهي. دراصل اسٽالن موت کانپوءِ بہ روسي ذهن تي ائين ڇانيل آهي، جيئن مائو هن وقت چيني ذهن تي ڇانيل آهي. خروشيف مائوءَ جو بت ڊاهي چڪو تہ اسٽالن جو بت ڊاهي رهيو آهي.“ پر ڪامريڊ مون کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري وري ڪرسيءَ سان مٿو ٽڪرائي چيو، ”ڏرٽي ماءِ، هي روسي ۽ چيني پاڻ ۾ وڙهن ڇو ٿا!“

ڪجهہ وقت کانپوءِ اسان ناشتو ڪري سمهي پياسين تہ گهري ننڊ اچي وئي. منهنجي جڏهن جاڳ ٿي تڏهن مون ڏٺو تہ ڪامريڊ جي نرڙ تي سڪل رت ڦڙا ڪارن موتين وانگر لڳي رهيا هئا. هن ٿوريءَ دير لاءِ مون کي چتائي ڏٺو ۽ پوءِ اٿي پنهنجي گهر ويو ۽ اُتان هڪ ڪتاب کڻي آيو، جو ”ڊان وهي رهي آهي“ (Quiet flows the Don) جو ڪيل اردوءَ ۾ ترجمو هو ۽ جنهن جو مترجم سيد مطلبي فريدآبادي هو پوءِ هن مون کي چيو ”ڪامريڊ! تو صبح جو ائين سمجهيو هو تہ مان نشي ۾ آهيان ۽ ان ڪري ڪرسيءَ سان مٿو ٽڪرائي رهيو آهيان. ڏس! هيءُ شولوخوف جا لکيو آهي.“ - فيبروري- مارچ ١٩١٧ع ۾ ڪيرنسڪيءَ (Kerensky) زار جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو هو. ”ڊان وهي رهي آهي“ جو ڪردار

ڪنهن جلاوطن اديب جي ناول ۾ اهو پڙهي ته ”روح
انسان ذات روح! اُڏڻ ۾ وڏي قوت سمايل آهي“، مون کي
پنهنجو هڪ دوست ياد آيو، جو جهجهير جو رهاڪو هو. ه
هڪ ڀيري مون کي پنهنجي ڳوٺ وٺي هليو. شام جو ڪچهري
ڪري رهيا هئاسين ته هن ٻڌايو ته ”هتي کجين مان ڪاڙي ناهي
ويندي آهي، رات جو کجين ۾ مٽڪا لٽڪايا ويندا آهن، جي
ڦڙو ڦڙو ٿي ڀريا آهن ۽ صبح انڌيري ۾ لاهي ونيا آهن. انهي
ڪاڙيءَ ڪاريءَ کي ”نيرو“ چيو آهي.“ ان لاءِ مون پنهنجي
دوست کي، جنهن کي هن جي اشتراڪيت پسنديءَ سبب
ڪامريڊ ڪوٺيندا هئاسين، چيو ته ”ڪامريڊ! دکني اردوءَ
۾ ان کي ”نيرا“ چوندا آهن ۽ ان جي وڪڻندڙ کي ”ڪلال“
چوندا آهن.“ منهنجي دوست فخر سان چيو ته ”قديم سنڌ
پنهنجي جهازرانيءَ لاءِ مشهور هئي ۽ ان جا جهاز ملبار جي
ڪناري ڪاٺيون وٺڻ ويندا هئا ۽ ان ڪري اسان جي ٻوليءَ
جا ڪجهه لفظ دکني ٻوليءَ ۾ اچي ويا هوندا.“ مون هن کي
اهو نه چيو ته اها ڳالهه اڃا تحقيق طلب آهي ته ڇا ان کجين
جون ڪڪڙيون ٻوراون سنڌ جي ٻوليءَ سان ڦٽي ڪيون هيون
يا ملبار جي ٻوليءَ ٿي- ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهي لفظ دکني ٻولين
جا هجن ۽ انهن مان سنڌي ٻوليءَ ۾ آيا هجن.

رات جو اسان ماڻي ڪاٺي سمهي پياسين. علي الصبح جو
جڏهن اٿي هن مون کي ننڊ مان ڌونڌاڙي اٿاريو ۽ چيائين
ته ”اٿ صبح ويلو آهي، اٿي ته نيرو پيئون!“ پوءِ هو هن جا
ساٿي کجين تي چڙهي ڪيٽي مٽڪا نيري جا لاهي آيا ۽ نيرو
انهن ڪچين مان پيئڻ لڳا ڄڻ ته هومر (Homer) جي اوڊيسيءَ
(Cdessey) جا ڪجهه ڪردار هئا. مون ان هٿن سان ساٿ

هوءَ لاڙ جو سگهڙ هو. هن سان پهرينءَ ملاقات ۾ ئي مون محسوس ڪيو هو ته، هن جي وجود ۾ ڪا ئي حيرت انگيز پراسراريت هئي. اسان شاهه لطيف جي تشبيهن ۽ استعارن تي ڳالهائي رهيا هئاسين. مون هن کي ڀٽائيءَ جي وائيءَ جي سٽ "گهانڊار مرون موهيا، هيءَ ماڙهو مهندڙي" ٻڌائي پڇيو، "گهانڊار ڇا کي چوندا هئا؟ شهواڻيءَ ان جي معني "گهنڊ ٻڌل" ۽ علامه آءِ آءِ قاضيءَ ۽ ڪلياڻ آڏواڻي "وڏا گهنڊ" لکي آهي. آءٌ مان ڀانيان ٿو ته، اهي معنائون غلط آهن ڇو ته، انهن سان سٽ جي معني ئي وڃي ٿي. ڇا توهان "گهانڊار" لفظ تي ڪجهه روشني وجهي سگهو ٿا؟"

هن ٽلاءَ ۾ هنج وانگر ٽٻي ڏئي ۽ ٿوريءَ دير کانپوءِ متاچري تي اچي ڪنب ڇنڊيائين ۽ چيائين، "شاهه لطيف جي دور ۾ شڪار جي ٻين طريقن سان گڏ هڪ عجيب طريقو رائج هو، جنهن کي "گهانڊار وارو طريقو" سڏيو ويندو هو. ان طريقي ڪار مطابق، ڏهه ٻارنهن ماڻهو گڏجي شڪار جي جوءِ ڏانهن ويندا هئا. هڪ ماڻهو جنهن کي "گهانڊار" چيو ويندو هو، ان جي هٿن، ٻانهن، ٽنگن ۽ الڳ الڳ سڄي بدن تي چمڙي جو اهڙو ويس پهرائيندا هئا، جو ڪنهن جانور جا خونخوار چنبا، ڏند يا ننهن هن کي نقصان پهچائي نه سگهندا هئا. ان گهانڊار جي مٿي لاءِ ٺڪر جو اهڙو ننڍڙو دلو مضبوطيءَ سان ٻڌندا هئا، جنهن ۾ اکين جيترا ٻه سوراخ نڪتل هوندا هئا. پوءِ بتي يا ڏيئو ان دلي جي اندر رکي، دلي جو منهن بند ڪري ڇڏيندا هئا. جڏهن گهانڊار ان دلي سميت اونداهيءَ رات جو ٻن پيرن ۽ ٻن هٿن تي چوپايو ٿي هلندو هو ته ٻاهر کان ائين لڳندو هو ڄڻ جانور اچي رهيو آهي جنهن جون اکيون

گريگر (rGegor) جيڪو ان وقت ماسڪو جي ڪنهن اسپتال ۾ زير علاج زخمي هو، هو، انهن کي پيو زير علاج زخمي، پولشيوڪ نظريو هيٺين ئي سمجهائي۔ "جنگ ازل کان ٿيندي آئي آهي ۽ ٿيستائين ٿيندي رهندي جيستائين انسان هن ٻري حڪومت کي هٽائي نه ڦٽي ڪيون. پر جڏهن هر حڪومت محنت ڪشن جي حڪومت ٿيندي، انهن اهي حڪومتون پاڻ ۾ جنگيون نه ڪنديون. جڏهن جرمن ۽ فرانسيسي ۽ ٻيون سڀئي قومون مزدورن ۽ ڪسانن جون حڪومتون ٺاهينديون، انهن انهن کي جنگ ڇا لاءِ ڪرڻي پوندي؟ هٽايو اهي سرحدون، هٽايو اهي استعمال انگريزيون! هڪ خوبصورت زندگي سڄيءَ دنيا لاءِ ... گريگر جو ذهن جاڳي پيو."

مون ڪامريڊ کي ڪلهي تي هٿ رکي پڇيو، "انهيءَ ڪتاب کي لکئي گهڻا سال ٿيا؟"

ڪامريڊ پنهنجو مٿو کٽ جي پائي سان ٺڪرائي پڇيو، "گهڻا سال ٿيا؟ اهو نه... ٿو پڇين نه. مون گهڻا سال انهيءَ نظريي ۾ اعتبار ڪيو آهي؟ هن وقت مان پنجاهه سالن جو آهيان، مان انهيءَ بين الاقوامي برادريءَ ۾ ان وقت کان اعتبار ڪندو رهيو آهيان جڏهن شولوخوف جو اهو ڪتاب ترجمو به نه ٿيو هو. هو مون کي ٺڳي ويا."

ڪامريڊ وري کٽ جي پائي سان مٿو ٺڪرائي پڇيو، "هو مون کان منهنجي زندگيءَ جا پنجويهه سال ٺڳي ويا، پنجويهه سال ٺڳي ويا، پنجويهه سال ٺڳي ويا." ڪامريڊ جي اکين مان لڙڪ ٽارڙيءَ جي ڦڙن وانگر ٽمڪڻ لڳا.

مون ان وقت سوچيو هو ته هن سڄيءَ دنيا کي گل و گلزار بڻائڻ ٿي چاهيو انهن هن جي اها حالت ٿي آهي؛ جي هي پنهنجي اڱڻ سان شروع ڪري ها ته ڇا پاڻ کي ايترو بيوس محسوس ڪري ها؟ ●

"جهڙو پرڏيهي پکيئڙو،
مان نه مسافر وانگر سمجهندو آهيان
پنهنجي گوٺ ۾ به."

(هڪ جپاني هائڪو)

مون پنهنجي ڊائري کولي ۽ روس جي سفرنامي تي اُچاٽري نظر وڌي، جو مان پنهنجين بي انتها دنيوي مصروفيتن سبب مڪمل ڪري نه سگهيو آهيان. هاڻي نه سفر جو ڪيترو ئي تفصيل وسري ويو آهي. نه وري اهو ياد آهي ته ڇا لکي سگهيو آهيان ۽ ڇا نه لکي سگهيو آهيان. مان هڪ ٿڌو ساهه ڀري، ڊائريءَ تي نظر وجهان ٿو —

١٣—٨—٧٦ع

منهنجي همسفر گل رخسار ... پنهنجي نانءُ کان به وڌيڪ خوبصورت تاجڪ شاعره ... مار سياهه وانگر ڪارا زلف، قلقل مينا وانگر قهقها ... قهقها، جن سان ستارن جا آئينا ٽڙڪي پوندا آهن ... قهقها جن تي مکڙيون ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿنديون آهن ۽ ٽڙي گل ٿي پونديون آهن ... سارو وقت چهڪي رهي آهي، جيئن بهار ۾ بلبليون چهڪنديون آهن، جيئن ڪوهسارن ۾ آبشار چهڪندا آهن. جيئن خوشي چهڪندي آهي، دلبري چهڪندي آهي، آزادي چهڪندي آهي ... هن کي فارسيءَ جا هزارين شعر ياد آهن، جي هوءَ مون کي ٻڌائي رهي آهي —

صبا به لطف بگو آن غـزال رعنارا
که سر به کوه و بیابان داده مارا.

(اي اتر هير، هن من - موهڻي هرڻ کي پيار سان چئجانءِ ته مون کي ٿرن برن ۾ ڀٽڪائي ماريو اٿائين).

تاجڪ ساڳي فارسي ڳالهائين ٿا جيڪا بر صغير ۾ ڳالهائي

چمڪاٽ ڪري رهيون آهن. ڪو جانور ٻيري کان جڏ
چمڪندڙ اکين واري گهانگهار کي ڏسندو هو ته ان جي ڪش
ئي ڇڪجي ايندو هو. گهانگهار جا هٿيار نه مددگار ٿيا
ٻاهر کان لڪي خاموشيءَ سان هلندا هئا يا اهڙي رهندا ه
انهن کي گهانگهارڻا سڏبو هو. وڏو ٻيو ايندڙ جانور يا جانورن
اهي گهانگهارڻا هٿيارن سان يڪدم حملو ڪري، ٻيهر شڪ
ڦٽائيندا هئا. شاهه لطيف اهو گهانگهار لفظ استعمال ڪري -
۽ شڪار جي انهيءَ طريقي ڪار جي ياد کي محفوظ رکيو آهي
ته ته اڄ انهيءَ جي ڪنهن کي خبر نه هجي ها. حيرت آهي
ته هن وقت ڪائين رسالي جا مرتب "گهانگهار" جي معنيٰ
"وڏو گهنڊ" ڪندا رهيا آهن."

اسان جامشوري ۾ وي. سي. هائوس جي لان ۾ ويٺا
هئاسين. چوڌاري ٻهڳليءَ جون ٽڪيون ٻري رهيون ۽ سڄ
چنڊ سڙو ۽ صنوبر جي وڻن مٿان ليڙيءَ سان وهي رهي
هو. اوچتو ٻهڳلي وسامي وئي. مون چنڊ جي روشنيءَ ۾ سگ
ڏانهن ڏٺو ته مون کي محسوس ٿيو ته سگهڙ شاهه لطيف ڪ
۽ ٻراڏو هو ۽ هن جي عمر ڪيتري هوندي هئي. هن مون ک
خاموش ڏسي پڇيو، "سائين، ڇا تي غور ڪري رهيا آهيو؟
مون جواب ڏنو، "ٻهڳليءَ جي انهيءَ وائيءَ جي ٻولڻ سـ
تي غور ڪري رهيو آهيان --

آهي عبداللطيف چئي، مٿا جارڪندڙي
مون مارڪندي ڪڏ هين."

رخسارن جا گل ٽڙيل هئا يا گلن جا رخسار ٽڙيل هئا ... هڪ ڏاڍي چيو ٿي، ”مرد مون لاءِ روئيندا ويا آهن“ ... مان مرڪي جواب ڏنو هوس، ”عورتون مون لاءِ روئنديون ويون آهن“ ...

وري هڪ ٻئي چيو ٿي، ”شرط لڳي؟ ڏسون ته ڪير ڪنهن لاءِ ٿو روئي!“ ...

دو شنبي جي رات ... هوٽل ۾ رقص گاهه ... شراب سمرقندي ... اُفتان ۽ خيزان جوڙا ... گردن تي هار سياهه جهڙا زلف ... قهقها، گلن تي قهقها، اکين جا قهقها، مٿان ٻرندڙ قمقمن جا قهقها ... چميون، جي جنهن ڪائنات کي ڏيندو ويندو آهي ۽ ڪائنات جي روح رچي ته رچندو آهي ..... ۽ مون کي ياد اڄ به رهي آهي ... شراب سمرقنديءَ جي چوليءَ تي اُڀري آئي آهي ... روس جي سفر کان اڳ. جام شوري جي هوٽين رات ... گل مهر جي گل لي چمي ڏني جنهن دور دراز سفر لاءِ موڪلائي رهيو هو ... هرجائي! ... ڪهڙو شاعر هرجائي ته آهي؟ ... ڇو؟ ... حافظ جي هڪ ٽي مصرع ته هئي، شاخ-نبات! ... شاخ نبات هر شاخ شاخ نبات ته نه آهي! ... ڪانهي شاخ شاخ انگور آهي، ڪاٿي شاخ انار آهي، ڪاٿي شاخ انجير آهي .. هر شاخ جي پنهنجي شيريني آهي ... تڏهن ته حافظ ٻور آهي ... هن ۾ ڪوئي لڏوچ نه آهي ... رڳو شاخ نبات جهڙو منو تصوف آهي ... ۽ شراب سمرقنديءَ جي ڳچيءَ ڪانهوءَ هيءَ جا قند و نبات، پنهنجي وانگر لڳي رهي آهي ... ۽ هي قهقها ... ڪهڙي زخم لي ٽها رکي رهيا آهن! ... شاخ انار ... نه، نه گل رخسار! ... تو وٽ ايترا قهقها آهن جيترا مون وٽ زخم آهن ... تون ڪهڙي زخم لي ٽهو رکندينءَ؟ ...

١٤-٨-٧٦ع

وڃندي آهي- مثنوي مولانا روم، ديوان حافظ ۽ بوستان سعدي
واري فارسي ... طهران جي فارسيءَ ۽ تاجڪستان جي فارسي
۾ وڏو فرق آهي ...

اسان تاجڪستان ۾ "ڪوهه زر افشان" کان اڳتي نڪري
چڪا هئاسون ... رود ورزاب (ورزاب ندي) ٻهراڙين سان لڳ
وهي رهي آهي ... "چاءِ خانهٔ چهار بيد" (چئن بيد جي وڻن
وارو چاءِ خانو) وٽ ڪار روڪي چانهه پيتي سون ٿا ... ڪجهه
اڳتي وڃون ٿا ۽ وري هڪ چشمي وٽ ڪار روڪيون ٿا ..
چشمي جو نالو چشمهٔ مژگان (اکين جي ڇپرن وارو چشمو)
آهي ... ان تي اهو نالو ڇو پيو آهي، ان ڪري جو ان ما
ٻڪ ۾ پاڻي پيئڻ وقت پاڻيءَ جا ڇنڊا ڇوڪرن جي ڇپرن
کي لڳندا آهن ته انهن جا ڇپر وڏا ٿي ويندا آهن ... "گل
رخسار! انهن جا ڇپر ته اڳيئي وڏا آهن، جي انهن کي چشمي
جو پاڻي لڳو ته بيد مجنون (Weeping Willow) جي شاخ
وانگر لڙڪي پوندا ... چشمي هيٺان ٻڪ جهل ته مان لنهائي
ٻڪ مان پاڻي پيئان" ... هوءَ پاڻيءَ هيٺان ٻڪ جهلي ٿي ..
مان پاڻي پيئندي، هن جي ترڪيءَ ٽي ڏندڙين ڏسان ٿو ... پو
قهقها، آبشار جي روح مان اڀري ايندڙ قهقها ... هڪ هنائي
فارسيءَ جي رباعي پڙهي ٿي ...

اي مي دهمت اگر تو مستي نه کني
با من سخن بلندي و پستي نه کني
آئينه رو نسي دائرهٔ مي باشم
شرطيست که آئينه پرستي نه کني.

(تو کي شراب ڏيان اگر تون مستي نه ڪرين، ۽ مون سان
بلنديءَ ۽ پستيءَ جي ڳالهه نه ڪرين ۽ لنهڻي و ڏندڙ ڇڏين
جو آئينو ڏيان شرط اهو آهي ته تون آئيني جو پرستش
ڪندين.)

مون آن لفظ آشنائي نه
گمان بوده بودم جدائي نه ·

(پڙو ائم ته ٻئي ڪنهن هند وڃي رهيو آهين، ٻئي ڪنهن شهر جو سانباهو ڪيو اٿئي!
منهنجو خيال مٿي مان ڪڏهن رهيو آهين
توسان جاڳ سڄاڳ مهل ٿي
مون کي تنهنجي وڇوڙي جو ڏک هو.)

"ڇا هي تنهنجو شعر آهي؟" مان پڇان... "نه" نه، "ڪنهن گمنام شاعر جو آهي"، هوءَ چوي ٿي...

"اهي شعر تو اڳ ڪنهن ڪنهن کي ٻڌايا آهن؟" مان پڇڻ چاهيان ٿو پر ڪونه ٿو پڇان...

مان ڊائري بند ڪيان ٿو... مٿيون جملا هاڻوڪو ياد اچي ٿو... ڇا سانجهي جا ڏاڻ مٿي تي اڏامي ايندڙ هنجرون ناشتو کان گذرنديون آهن؟... ڇا انهن کي پنهنجو پورو سفر ياد هوندو آهي؟.. يا انهن کي اڌورو ئي ياد هوندو آهي جيترو اختصار سان مون ڊائريءَ ۾ ڏنو آهي يا اڌورو به ياد نه هوندو آهي! ڇو ته جڏهن پر پرواز ۾ هوندا آهن تڏهن صرف منزل ڏانهن هوندو آهي... ڇا دل رخسار مون کان شرط کٽي وئي... يا مان هن کان شرط کٽي ويس؟... يا ٻنهي شرط هارائي! ●

سامهون ٻرنووڪ ۾ ڪشتي وڃي رهي آهي ... گل رخ
فارسي شعر پڙهي ٿي ...

غافل مشو ز عمر که چون کشتي بر آب
استاده مي نمايد و چون تير مي رود.

(عمر کان غافل نه ٿيءُ، پاڻيءَ ۾ ٻيڙي بيٺل نظر ايندي
آهي پر تير وانگر وهندي رهندي آهي) ... مان گل رخ
ڏانهن ڇتائي ڏسان ٿو ... ڇا هن اهو شعر ڪڏهن ايذا پسندي
Sadism جي جذبي هيٺ پڙهيو آهي ... مان نئو پانيان
هر روسي شاعر وانگر هوءَ شاعريءَ ۽ زندگيءَ ٻنهي ۾ حقيق
پسند آهي ... هانو، ٻيڙي تير وانگر وڃي رهي آهي ۽ ان ج
ڪندي نظر کان اوجهل ٿي چڪي آهي، ۽ مان جاگيردار
دور جو پورجوا شاعر آهيان ...... جنهن تان شراب سمرقندي
جو خمار لهي چڪو آهي ... ڇا مان پنهنجي اکين چڪا
سگهان ٿو؟ ... مون چڪائي نه هئي! ... موکي ... مٺارا
ڪارپهر جي ڪاٽ ... ۽ هاڻي رڳو واس ۾ وهه پيل آهي
ڇا مان ٻيهر اکين چکائي سگهان ٿو ... چکائڻ چاهيان ٿو؟
مڪن لاءِ نه نه چکائيو آهي نه رڳو مٺارا ماريا وڃن! ...
هوءَ خمدار ڪاڪل کي جهٽڪو ڏئي پڇي ٿي، "شا
ڇا ٿو سوچين؟" ... ڇا ٿو سوچيان؟ ٿون جا "پراودا" پڙه
پنهنجي ضمير ۽ دنيا جي نقد ٻر جو فيصلو ڪندي آهي
ٿوکي ڇا ٻڌايان ته ڇا ٿو سوچيان! ... مان ٿڪو ساهه پٽيان ٿو
هوءَ انهيءَ وهم هيٺ آهي ته شرط کٽي رهي آهي ... ٻو ٻو
داغ هٽي شعر پڙهي ٿي —

شنيدم که زان جا سفر مي کني
تو آهنگ شهر دگر مي کني
خيال من از سر بدر مي کني

ته مليو سگهيو پر هو پاڻ آيو ۽ پاڻ سان گڏ Chivas Regal جي
بوتل به کڻي آيو. مرزا اصل ميرٺ جو آهي. پاڪستان جو محب وطن
صحافي آهي، خوش خلق ۽ ذهين آهي ۽ مهذب ڪافي وقت
کان دوست آهي. هو پاڻ کي سنڌي سمجهندو آهي. سنڌي
زبان ۽ تهذيب جو حامي آهي، سنڌ جي تاريخ ۾ گهري
دلچسپي رکندو آهي ۽ هن کي ان ڳالهه جو پورو احساس آهي
ته هن جا ٻار جائي جم کان سنڌي آهن ۽ پاڪستان هن جو وطن
آهي. دراصل هو تمام ٿورن اردو ڳالهائيندڙ پاڪستانين مان
آهي جي پاڪستان جي سالميت ۽ استحڪام جي ناتي ۾
پاڪستان جي صوبائي زبانن، تهذيبن ۽ تاريخ کان ناواقف نه
واريندا آهن، جي سنڌين کي ڌاريو پرست ڪوٺي سنڌ جي
تاريخ کان ئي انڪار نه ڪندا آهن، جن لاءِ پاڪستان جي
ڪنهن به صوبي جو ذڪر پاڪستان جي نظريي جي منافي
نه آهي، جن کي ٽئڪسلا ۽ هڙپا ۽ خاص ڪري موهن جي دڙي
جي ڳالهه ئي چڙ نه ايندي آهي، جي سنڌ کي "واديءِ مهران"
نه چوندا آهن ۽ جڏهن هنن کي اهو ٻڌايو ويندو آهي ته
"مهراڻ" سنڌوءَ جي هڪ شاخ هئي جا ڪجهه صديون اڳ
سڪي چڪي آهي ته هو ان ڳالهه تي اعتبار ڪندا آهن.
مطلب ته هن کي سنڌ جي وجود کان الرجي (Allergy) نه
آهي. هن کي پنهنجي مادري زبان اردوءَ سان محبت آهي پر
ان ڪري هو ڪنهن به علائقائي زبان جو دشمن نه آهي، هو چاهي
ٿو ته پاڪستان جي هر زبان ۽ ثقافت وڌي ويجهي ۽ اُن-اولهه
برصغير هڪ رنگارنگ گلدستي وانگر لڳي. اها به ڳالهه آهي
ته پنجاب جي ادبي حلقن ۾ پنجابي بوليءَ جي حمايت ڏسي
هو ڪومانجي ويندو آهي چوي ٿو ته هن کي سمجهه ۾ نه ايندو
آهي ته هڪ پيرو پنجابي زبان اپري ۽ پنجاب جي چار ڪروڙ

٣١-٧-٧٦ع

”مان انسان جي هر سوال جو جواب آهيان، هن ج
نصب العين جو ۽ منزل مقصود جو.“ (Dylan Thomas)

مون کي اسلام آباد مان تار پهتي هئي ته ٣٠ تاريخ ڪراچي ۾ پهچي وڃان، جتي مرڪزي وزارت تعليم جو جائنٽ سيڪريٽري، مسٽر مختيار احمد، مون لاءِ روس جي سفر ل اين. او. سي (N.O.C)، ويزا ۽ ٻئي ٽڪيٽ آڻيندو. مو مختيار احمد سان ٽيليفون تي اسلام آباد ڳالهايو ته هن ٻڌا ته پاڻ قدسيه ۽ خاطر غزنوي اڄ سڀاڻي ٢ تاريخ ڪراچي پهچ ويندا. هن اهو به چيو ته مان هن سان پاڪستان ڪائونسل آ آف آرٽس ۾ فون تي رابطو قائم ڪيان. مون سان مهدي زال زاهده ۽ پٽ سليم جام شوري مان گڏ نڪتا ۽ اسين همي وانگر ڪراچي ۾ ايم. پي. اي. هاسٽل ۾ وڃي رهياسين جتان مون شام تائين ٻه ٽي ڀيرا فون ڪيو پر معلوم ٿيو ته مختيار احمد اڃا نه پهتو هو، ان ڪري مون ڪائونسل آف آرٽس جي ڊائريڪٽر مسٽر عرفان احمد کي گهر فون ڪيو مان پهچي ويو آهيان ۽ جي ٻيا ڊيلي گيٽ اچن ته مون کي هاسٽل ۾ اطلاع ڏنو وڃي. جمال ابڙي مون کي حيدرآباد فو ڪيو هو ته جڏهن به مان روس وڃان ته هن وٽان ضرور ته روسي دوستن لاءِ تحفا وٺندو وڃان، ان ڪري مون جمال کي هاسٽل مان فون ڪيو ته معلوم ٿيو ته هو ڪنهن ڪم سا اسلام آباد ويل هو.

مون ڊاڪٽر عاليه امام کي گهر فون ڪيو پر هوءَ موجو ڪانه هئي. پوءِ مون ”م“ کسي فون ڪري چيو ته ڊاڪٽ مهڪريءَ کي ساڻ وٺي اچي. ڊاڪٽر مهڪري ته هن کو

پيئڻ کان اڳ، هو سنڌ جي پلي جي ڏاڍي ساراهه ڪندو آهي ۽ پڇي ٿو پيرا مون ڪڏهن ڇپيو انڊين ته، مان هن کي ارباب نورمحمد جي گهوٽ، پليءَ، ونڌي هلان، جتي پيڙان ۾ سٺو ڪري پلا ٿا، مارون ۽ نيڙ ٿي اها ڏن ٿا، پڏون جڏهن ۾ چارڻ سارس پکين جي جوڙي جو هڪ پڻي لاءِ ڪيل پيچو آواز جي ذريعي اجاگر ڪندا آهن. پوءِ واٽ ۾ پاڻي آڻي هو پڇندو آهي ته واريءَ ۾ پڪل پلي جو سواد ڪهڙو ته، چڱو هوندو! (مون اها ڳالهه پڏائي هن جي تصور کي گرمايو آهي ته، اسان پڏيءَ ۾ تازا مارل پلا واريءَ ۾ پچارائي کاڌا هئا ۽ نيڙ ۽ پيڻ ڻي سنڌ جون اهي مثال ڏنون ا، پڏاون هيون جن مان هڪ ڏن ۾ سارس پکيءَ جي پڻهجي ساٿيءَ لاءِ ڳولا ڇڻي وئي هئي.) هاڻ، پر وسڪي پيئڻ کانپوءِ مون کي پلي جي ياد ته اچڻي آهي ۽ هو ميوت جي ڪڏهن انهن جي باغ ۾ گم ٿي ويندو آهي جڏهن ۾ هزارين انبن جا وڻ هوندا هئا ۽ جڏهن جا انب جواهر لال نهروءَ کي به ڏاڍا پسند هئا.

وسڪيءَ جو گلاس ڪٽي هن جون آڱرين ڪيڏي رهيون هيون ۽ اهو ظاهر هو ته هن جي روح ٿي ڪافي رهڙون اچي پڪيون آهن. مون هن ڏانهن ڏسي سوچيو ته ڪراچيءَ جا گهڻا مهاجر اوچتو آسمان ڏانهن ڏسي، ساڳئي وقت، ساڳيءَ جذبات سان، ڪڏهن مهربان لفظ لاءِ، ڪڏهن هم خيال روح لاءِ تڪيندا هوندا جڏهن جي هن کي اڄ ايتري ضرورت آهي!

مسلمانن ان جي حمايت ڪئي، ته اردو ڪيڏانهن ويندي
في الحال هو مهاجر اردو شاعري ڏسي ڏاڍو خوش ٿ
آهي ۽ هر هر مون کان پڇيو اٿائين ته مون پوريءَ ٽي اي
عبور ڪيئن حاصل ڪيو آهي؟ — پوري، جا اردوءَ جـ
اديبن کان وسري چڪي آهي ۽ جنهن جي لوڪ گيت سا
”آگ کا دريا“ جو آخري صفحو ختم ڪندڙ قرة العين حيد
هندستان موٽي وئي ۽ جنهن کي قدرت الله شهاب
جميل الدين عاليءَ جون ڪوششون به پاڪستان ۾ پناهه ڏئي
نه سگهيون. م. جمهوريت پسند آهي، صوبائيت جو ليبل هڻي
سنڌ جي اشخص کي نه گهٽيندو آهي، اسلام ۽ پاڪستان جي
نالي ۾ ڪڏهن به ون - يونٽ (One Unit) جي وجود ج
قائل نه ٿيو هو، ۽ سنڌين هٿان ڏک کائي به سنڌ جو دشم
يا سنڌيءَ جو دشمن نه ٿيو آهي. هاڻ پر وسڪي پيئڻ کانپو
هڪ ٻيو به م آهي، جو ميرٺ ۾ ڄائو ڄمو هو، جنهن کي اڃا
جون گهٽيون ۽ گهر، رهٽي ڪهٽي، يارن دوستين مٽين
مائٽين سڀ ياد آهن، جنهن سان ميرٺ سازش ڪيس Merath
Conspiracy Case جي ڳالهه ڪئي ويئي ته انهن ٿو لڳي
نه ڄڻ هو به انهيءَ سازش ۾ شامل هو ۽ ايم. اين. راءِ سان ڳ
ڪيس ۾ ڇهه سال ٽيپ کائي چڪو هو! هن کي اتان جو
موسلا ڌار بارشيون، اهي ڪاريون گهٽائون، اهي انهن جا ٻا
۽ انهن ۾ جهولندڙ جهولا، اهي ساوڻ رت جا لوڪ گيت
(نيم کي نمڪولي پکي، ساون آيا ري) اڃا تائين ياد آهن
ڄڻ اها ڪالهه جي ڳالهه هئي. ملتان ۽ سنڌ جا دسهري
سرولي، لنگڙا، انور رٽول، سنڌڙي، بيگن ڦلي، گلاب خا
وغيره هن کان انهن جا انب وساري نه سگهيا آهن، جي
هو مٽيون ڀري ويندو هو ۽ انهن جو رس چوسيندو هو، وسڪي

جيڪو ڪالهه روس مان موٽيو آهي، اهو ٻڌ، اسان جي ڪري ڪراچيءَ ۾ ترسي پيو آهي ۽ رات جو دعوت ۾ موجود هوندو.

اُتان اٿي مان ۽ راڻي هاسٽل آياسين جتي ڪيترائي دوست احباب مون سان ملڻ لاءِ آيا هئا.

... ...

شام جو ڊاڪٽر عاليه امام، ڊاڪٽر مهڪري ۽ مان آيا. عاشق نالي يونيورسٽيءَ جي فوٽوگرافر منهنجو ۽ زبيده جو گڏ فوٽو ورتو ۽ عاليه امام چيو ته، هڪ فوٽو مان توسان گڏ ڪڍائيندس ۽ مون کي ٻانهن کان ڇڪي، مون سان گڏ فوٽو ڪڍرايائين. زبيده هن کي واڙو ٿي ڏٺو.

ڊاڪٽر مهڪريءَ سان منهنجي هميشه وانگر گفتگو ٿي. هن جي گفتگو هزار قيمت آهي. هن هندي ديومالا کي اوڙي موڙي منهنجي ديومالا ٺاهي آهي ۽ ڪنهن وقت مهاڀارت ۽ رامائڻ مان ڪهاڻيون اهڙي دلڪش ڍنگ سان ٻڌائيندو آهي، جو هو ويد وياس ۽ تلسي داس جو ٽئون جنم لڳندو آهي. هن جي عمر سٺ کان مٿي آهي ۽ هن جي دل جي مشين ٿي هلندي آهي جا سرجن جنوبيءَ آپريشن ڪري هن جي جسم ۾ سبي ڇڏي آهي. ڪجهه مهينا اڳ ان مشين جون بيٽريون ختم ٿيڻ تي هيون ته هن ڏهاڪو هزار روپيا خرچي نئين مشين گهرائي هئي جا اڳينءَ مشين جي جاءِ تي هن جي جسم ۾ داخل ڪئي وئي آهي. هو وڏو دانشور هوندي به چرچي گهٻي، نشي وارو ماڻس آهي. هڪ دفعو مون هن کي ٻڌايو ته ته مان اڄ ڪالهه ڪالي داس جي مندر ۾ ويو هئس ۽ اتي لنگم پوڄا ڏٺي هئم ته هن چيو هو ته ”پاڻ ته گوري داس آهيون، ڪالي داس سان منهنجو ڇا؟“ ڊاڪٽر مهڪري مون سان ٻهراڻون پيرو ٿي سال اڳ مليو هو، مون سان گڏجي جهاز

١-٨-٧٩ع

صبح سان نائين بجي تيار ٿيس، انڪل ڏهين بجي ر
آيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي پرو وائيس چانسلر جي حيثيت
يونيورسٽيءَ جي چارج مون هن کي ڏني هئي. يونيورسٽيءَ
ونڪشن هئي ۽ انتظامي ڪم ڪار هونئن ڪنان گهٽ ه
اسان گڏجي پاڪستان ڪائونسل آف آرٽس ۾ وياسين ۽
جي ڊائريڪٽر عرفان احمد سان مليا سين. اتي ئي مختيار احم
بانو قدسيه ۽ خاطر غزنوي به اچي نڪتا، قدسيه ۽ خاطر مون سا
گڏ روس هلڻا هئا. (بانو اردوءَ جي مشهور ناول نو
آهي ۽ خاطر پشاور يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهي ۽ اردوءَ
مشهور شاعر آهي.) مختيار احمد اسان مان هر هڪڙن کـ
پاسپورٽ ۽ ٻيا ضروري ڪاغذ ۽ ٻه ٻه سؤ ڊالر ڏنا جـ
حڪومت پاران اسان کي ڏنا ويا هئا. مون پنهنجي ذاتي خر
اِي هن کان سؤ ڊالرن جا سفري چيڪ (Travellers Cheques)
ا ورتا. اهو وقت ۾ پرڏيهي ناڻو هو جو مون کي ملي ڏ
سگهيو. پوءِ اسان پرسان ٿي ڪڍڻ هوٽل ۾ چانهه. پيئڻ لا
وڃي ويٺاسين. بانوءَ ۽ خاطر، مختيار احمد کي پنجابيءَ
حال احوال ڏنو. مختيار احمد اسان کي چيو ته جي روس
اسان کان نديي ڪنب جي حالتن کي معمول تي آڻڻ لاءِ ڪ
سوال ڪيو وڃي ته اسان ان تي ذاتي راءِ جو اظهار نه ڪيو
۽ هن کي چئون ته اڃا حالتون پوريءَ طرح سازگار نه آهن
چو ته ڪشمير جو مسئلو اڃا حل نه ٿيو آهي ۽ حڪومت غو
ڪري مناسب وقت تي مناسب فيصلو ڪندي. هن وقت پ
چيو ته رات جو روس جي ڪائونسل جنرل مسٽر ڪشير
اسان جي سنڌ ڪلب ۾ دعوت ڪئي آهي، ۽ فيض احمد فيض

ڪوئي خاص سبب نہ آهي. پر مان هن وقت توسان ڪو گڏيئر عهد ڪرڻ نٿو چاهيان، تون چاق ٿيءُ نہ پوءِ ڏسنداسين."

۽ مون سوچيو هو تہ مان پنهنجو پيالو چوٽيءَ تائين تار ڪري، ان ۾ گلاب جو پن مصلي وانگر وڇائيندس، تہ ان ۾ هزارين فرشتا سربسجود نظر ايندا ۽ مون اهو طئہ ڪيو هو تہ مستقبل اڃا اڳتي آهي، اهو اڃا ماضي نہ ٿيو آهي، مون کي اڃا جيئڻو آهي، وڌيڪ ڀرپور جيئڻو آهي. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ڊاڪٽر مهڪري مون کي Extra Sensory Perception (بعيد از حواس مشاهدي) تي ڪو ڪتاب ڏنئي ويو هو. مون اڳہ ٿي ان موضوع تي آمريڪا جي انسٽيٽيوٽ آف پئرا سائڪالاجي جا ڪجهہ ڪتاب پڙهيا هئا، پر اهي مون کي اوڏي نہ سگهيا هئا. هڪ ڀيري محترم اي. ڪي. اروهي مون کي جلاوطن روسي پروفيسر اوس پينسڪي (Ouspesnky) جو فلسفي تي ڪتاب Tertium Organum تحفي طور ڏنو هو. مون کي اوس پينسڪي جي زمان ۽ مڪان جي تصور ڪجهہ مرعوب ڪيو هو ۽ پوءِ مون هن جي گروءَ گرڊجيف (Gurd Jieff) جا پنهنجا لکيل ۽ هن تي لکيل ڪجهہ ڪتاب وٺي پڙهيا هئا. انهيءَ ساري گورک ڌنڌي جي مطالعي کانپوءِ مان انهيءَ نتيجي تي پهتو هئس تہ مون لاءِ ڪنهن بہ ڳالهہ تي اعتبار ڪرڻ جا فقط ٻہ طريقا آهن. هڪ طريقو اهو آهي تہ ڪا بہ ڳالهہ سائنسي تجربي جي ذريعي ثابت ڪئي وڃي، ٻيو طريقو اهو آهي تہ جيڪا ڳالهہ سائنسي تجربي ذريعي ثابت نہ ٿي سگهي ۽ اهو چيو وڃي تہ اها ڪنهن اندريان اک، ڪنهن الوهي اک، ڪنهن وجدان جي ڪيفيت، جي ذريعي محسوس ٿي سگهي ٿي، تہ پوءِ ان ڳالهہ جي وجود تي اعتبار ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ اها وجدان جي ڪيفيت مون تي طاري

اسپتال آيو هو جتي مان زير علاج هيس. ان وقت ڀانئي مون
گڏ هو ۽ مان موت جي سرحد ٽپي، زندگيءَ جي پاسي اچي
چڪو هئس. مون کي اهو سوچي کل آئي هئي ته آءُ، جد
اڳتي مصروف زندگي گذاري آهي، ٻئي جهان ۾ وان
وقت ڪيئن گذاريندس! مون سوچيو هو ته گدڙن وانگر ڀا
ڪيئن نه هڪ ٻڪار ٻگهڙ وانگر مون کي ٻڙڪائي رکي هئ
۽ موت پنهنجي آڏيءَ اک سان ان کي اطمينان سان ڏسي ره
هو! هي ٻاڻي، جو موت جي سرحد لتاڙين منهنجو همسفر هو
ڇا، هن کي منهنجي واپسيءَ تي مايوسي ٿي آهي؟ ڇا، هن ک
مون تي ڪوئي افسانو لکيو هو جو اڌ ۾ رهجي ويو؟

تفريح لاءِ مـــان انگريز مصنف lexandera David Neel
جو تبت تي ڪتاب Magic and Mystery in Tibet پڙهي
رهيو هوس جنهن ۾ تبت جي لامائن جا عجيب غريب انې
ڏنا واقعا لکيا ويا هئا جن تي مون کي اعتبار نٿي آيو. مو
ڊاڪٽر مهڪريءَ کي ان ڪتاب جي بـاري ۾ ٻڌايو ۽ پو
هن کي ڪلهي چيو ته چيني انقلابين جڏهن تبت تي حملو ڪ
تڏهن اهو هلايو ويو ته لاما سرائن ۾ ٻڌ جا بت رکايا آه
۽ ان ڪري چيني انقلابين جون ڏولڻون سرائن ۾ اندر اچ
نه سگهنديون. تبت جي ماڻهن جو اهو ويساه ڏوڙڻ لاءِ چيني
انقلابين وچ چوڪ تي ٻڌ جا ٽامي جا بت ڳڙهاري، انهن جي
ٽامي مان گوليون ٺاهيون هيون ۽ پوءِ ماڻهن کي چيو هو
” هاڻي ته هي گوليون سرائن ۾ وينديون؟“ مون ڏٺو ته ڊاڪٽ
مهڪري ٿوريءَ دير لاءِ خاموش ٿي ويو ۽ ڪجهه سوچ
چيائين، ” موت جي منهن ۾ اهو مذاق انهيءَ زندگيءَ جي
ضمانت آهي، پر مادي پرست جڏهن قطعي لحظي تي ٻڌا آهن
اهو صحيح نه آهي، ڏهڪ ۾ ان کي صحيح سمجهڻ لا

سنڌ ڪلب ۾ دعوت آهي، فيض ته اتي اچڻو آهي ۽ مونکي هن ڪان حال احوال وٺڻو آهي." ان تي ڊاڪٽر عاليه امام چيو ته "ڪشيرن مونکي چڱيءَ طرح سڃاڻي ۽ مان به توسان گڏ جي هلندس" مون هن کي چيو ته "مان توکي ڪار ۾ سنڌ ڪلب لاڏين کڻي ٿو هلان ۽ جي تون مناسب سمجهين ته منهنجي اندر وڃڻ ڪانپوءِ اندر هلي اچجانءِ."

مان سنڌ ڪلب ۾ اندر ويس ته ڏٺم ته مسٽر ڪشيرن ۽ هن جي عملي جا ڪجهه روسي آفيسر اڳ۾ئي ويٺا هئا. فيض صاحب، جيڪو وسڪي پي رهيو هو، گلاس ٽيبل تي رکي اٿي بيٺو ۽ ڀاڪر پاتائين مون سان مليو. ٻين سڀني سان هٿ ملائي ۽ خير عافيت ڪانپوءِ مون فيض کي چيو، "ڊاڪٽر عاليه امام ٻاهر آهي ۽ اندر اچڻ ٿي چاهي." فيض جي پيشانيءَ ۾ گهنج اچي ويا ۽ هن چيو ته "هيءَ سفارتي سطح تي دعوت آهي ۽ ان ۾ ڪنهن جي به ايڊاڪونه جي، شرڪت مناسب نه آهي." ان تي مون فيض کي چيو ته "عاليه جي اوهان سان ذاتي دوستي آهي، ويتر جيئن اوهان مناسب سمجهو." آخري ۾ قدسيه، خاطر ۽ مختار احمد اندر آيا ۽ انهن سان گڏ عاليه به اندر هلي آئي. مون مسٽر ڪشيرن جي منهن تي تعجب جي هلڪي لهر ڏٺي پر هو ان کي دٻائي، سڀني سان خوش-اخلاقيءَ سان مليو ۽ هن جو آدر ڀاءُ ڪيائين. فيض ۽ روسي ميزبان وسڪي پيئندا رهيا، باقي ٻين سڀني نارنگيءَ جو رس پيتو. فيض مون کي ٻڌايو ته هن ماسڪو ۾ پروفيسر گنڪو وسڪيءَ Yuri V Gankovsky کي منهنجي باري ۾ پوري حقيقت ڏني هئي ۽ روسي اديب منهنجو ڏاڍو چڱو آدرڀاءُ ڪندا. هن ويتر چيو ته "جڏهن تون روس ڏسندين تڏهن تي اندازو لڳائي سگهندين ته انقلاب ڪانپوءِ روس ۾ ڪيتري

ٿي ۽ مان اهي ڳالهيون پاڻ محسوس ڪيان. ڇاڪاڻ ته هن و
ڏانهن محمدجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به اهڙو واقعو نه آيو آهي
ان ڪري اهڙين بعيد از فهم ڳالهين کي پيا ته مان هڪدم
ڪري ڇڏيندو آهيان پيا جيڪڏهن راوي معتبر هوندو آ
ته مان وري به وقت هن کي شڪ جو فائدو ڏيندو آهيان، پر
جي ڳالهه ۾ ايترو اعتبار نه ڪندو آهيان جو ان تي عمل ڪيا

هن پيري مون کي ڊاڪٽر مهڪريءَ ڇپيو ته. "ماسڪو
۾ انسٽيٽيوٽ آف پئراسائڪالاجي آهي ۽ مان اتي ضرور وڃا
هن ٻڌايو ته ان انسٽيٽيوٽ جي ڪمن جي باري ۾ آمريڪ
۾ هڪ حيرت انگيز ڪتاب ڇپيو آهي، جو هن پڙهيو آهي
مون هن کي چيو ته دعا ڪريو ته ايترو جيئان جو هيءَ ساري
دنيا گهمي وٺان. باقي هن زندگيءَ کان اڳتي جيائي جو مون کي
شوق نه آهي. مان جن ۾ جيئڻ نٿو چاهيان ۽ نه و
پيهر جنم ماڻڻ لاءِ هتي موٽي اچڻ ٿو چاهيان. سياسي ط
مون کي مهاتما گانڌيءَ وانگر اهڙي خرافات جي ضرورت
آهي جنهن ڪري هڪ ڪوڙي اڌوڙي ڇوڪري پاڻ سان ڪٺي
هن سان گڏ، آلو پوڊيش جي ڪنهن ڳوٺ ۾ هن جي اڳئين ج
وارو گهر ڳولي لڌو هو. Story of Briday Murphy جو
جي دنيا ۾ ايتري ڌوم هئي، ان کي اڄ نئين جو نالو ڏا
ڪيو ويو آهي. دراصل ته روسي ملڪ اهڙا ڪتاب اشتراڪ
نظريي خلاف جنگ ۾ استعمال ڪن ٿا ۽ انهن جي ڪوڙ
يا سچ هئڻ کي تنقيدي نگاهه سان هڪدم نٿا ڏسن. هاڻ، ج
اهڙي ڪا انسٽيٽيوٽ ماسڪو ۾ آهي، ته مان اتي ضرو
ويندس."

ڳالهيون ڪندي اچي سمع لڳا. مون سمجهي کي چيو
" آءٌ هلان ٿو، چيو ته مون کي روسي ڪافر نسل جدول جـ

عاليه امام مون سان گڏجي هاسٽل ۾ آئي. زاهده ۽ سليم اڳ شهر مان ئي موٽيا هئا. عاليه ڪمري جو دروازو کليل رکيو ۽ صوفا تي ويهي رهي. اُڀريءَ ڏاڍو ۾ رهائي، حميد ۽ ٻيا ڪيترائي دوست آيا. اٿري ۾ عاليه اُٺي مون کي امام ضامن ٻڌو. عاليه امام ڪيتري وقت کان، اردوءَ جي، ترقي پسند شيعن وانگر، ڪربلا جي واقعي تي روئندي آهي، جوش مليح آباديءَ جي نظم ”حسين اور انقلاب“ کي اردوءَ جي ترقي پسند ادب جو اهم حصو سمجهندي آهي ۽ مير انيس کي اردوءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ظاهر ڪندي آهي. ●

ترقي ڪئي آهي.“ ڪجهه وقت ڪانپوءِ مون فيض کي ٻڌايو
احمد سليم منهنجي شاعريءَ جا اٽڪل ٻه سؤ صفحا پنجابي
نظم ۾ ترجمو ڪري چڪو آهي جو هو پاس ۾ ڇاپي چڪو آهي
مون هن کي وڌيڪ ٻڌايو ته ترجمو ڏسي مون کي ان
حيرت آئي هئي ته منهنجي شاعريءَ جا سٺ سيڪڙو لفظ
قافيا پنجابي ترجمي ۾ آسانيءَ سان کڻي سگهيا هئا. ان تي
فيض چيو ته ”مون ئي ته احمد سليم کي توڏانهن موڪليو هو
مان ڄاڻان ٿو ته جيتري محبت ۽ همدرديءَ سان تون هن سا
هلي سگهندين، اوتري محبت ۽ همدردي هن کي پنجاب
۾ به مشڪل ملندي. دراصل پنجابي ڪلاسيڪي ۽ جديد ادب
جا ترجما سنڌيءَ ۾ ٿيڻ گهرجن ۽ سنڌي ڪلاسيڪي ۽ جديد
ادب جا ترجما پنجابيءَ ۾ ٿيڻ گهرجن. ٻئي ٻوليون عوامي آهن
ٻنهي جي وچ ۾ سرائڪي آهي ۽ انهن ۾ ڪيترائي لفظ ساڳيا
آهن ۽ ڪيترن ئي لفظن ۾ فقط اچار جي ٿوري ڦير ڦـ
آهي.“

مون هن کي ٻڌايو ته ”سنڌالاجيءَ پاران احمد سليم کي
شاهه عبداللطيف جي رسالي جي منظوم ترجمي ڪرڻ جو ڪ
سونپيو ويو آهي ۽ امداد حسينيءَ کي پنجاب جي چون
ڪلاسيڪي شعر جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمي جو ڪم سونپ
ويو آهي.“

جنهن تي فيض مرڪندي چيو، ”اڙي، تون پاڪستان
کي سنڌ جي Cultural Colony بڻائڻ ٿو چاهين؟“ ٿوري
وقت ڪانپوءِ اسان رات جي ماني کاڌي ۽ ٻاهر نڪرڻ لا
وڌياسين ته سنڌ جو چيف منسٽر رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي
مليو جنهن خيرعافيت ڪئي. هن کي اڳ ئي خبر هئي ته مان
روس وڃي رهيو آهيان ۽ چيائين ته ”موٽي اچين ته مون سان
ملجانءِ.“

اوچتو منهنجو من ڪنهن ٻيءَ جاءِ ڏي وڃي نڪتو ۽ مون کان اهو وسري ويو ته، مان هزارها فوٽ بلنديءَ تي هوا ۾ روس وڃي رهيو آهيان. اوچتو ڪنهن منهنجي ڪن ۾ سرگوشي ڪئي، "اُن جتي به هوندين مان توسان هوندس. تون منهنجو فوٽو ڇا ڪندين، تون جدا ٿورو ئي ٿي رهيو آهين!" هوءَ جا منهنجي ماءُ جو ٻيو روپ هئي، ان جو گندمي چهرو هير وارث شاهه وانگر منهنجين اکين اڳيان اڀري آيو، ۽ مون سوچيو "ڇا، ماضي ڪو ئي پيارو خواب هو؟ يا جي اهو خواب نه هو، حقيقت هئي، ته مان اها حقيقت ٻار ٻار دهرائڻ چاهيان ٿو، اهڙي موسم بهار لاءِ، اهڙيءَ شگفته رنگ ۽ ٻوءِ جي هڳاءَ لاءِ."

مون سوچيو ته مون ڪيترا پيرا چاهيو ته دنيا ڏسان. انهن ته مون کي پنهنجو ڪمرو ساريءَ ڪائنات کان وسيع لڳندو هو، انسان ذات جي ذهني حاصلات منهنجي ڪتب خاني ۾ موجود هوندي هئي. وڪالت جي مصروفيات مان فارغ ٿي جڏهن مان پنهنجي پيالي ۾ آگ اوليندو هئس، تـه جيءُ جڳ مڙئي ٿـي ويندو هو ۽ هو نيرو پنهنجي جهان کـي آتما ڇيو ويندو آهي، پنهنجي آڪيري ۾ موٽي ايندو هو ۽ منهنجي ڪوتا هر نئين پيڙا کي هڪ نئين سمي ۾ ٻڌ لائيندي هئي. مون سمجهيو هو ته منهنجي دنيا اتي وڃي ڪٽي هئي، مون کي نه پاسپورٽ ملندو ۽ نه ٻاهر وڃڻ لاءِ اين. او. سي. ۽ يوناني فلسفي ڊيوجانس (Diogenese) وانگر منهنجي زندگي به هڪ tub ۾ گذري ويندي. پيسو نه، وڪالت مان مون کي ملي ٿو ۽ مان پنهنجي خرچ تي گهمي ٿو سگهان پـر شايد مرندي ٿائين منهنجي اها جهان گرديءَ جي حسرت پوري نه ٿي سگهندي. ان کان اڳ، جو منهنجا هٿ وٺڪي وڃن. وقت ٽـڙ

٦—٨—٧٦ع

انگل هڪ اچي رات جو اسان سڀ ڪراچيءَ جـ
هوائي اڏي تي پهتاسين. سامان لوڊ ٿيڻ ۽ بورڊنگ ڪـ
وٺي، مان ۽ ڇهه ڄڻا ساڻ وي. آء. پي. لائونج ۾ ويهـ
ڀائي، حميد ۽ ڊاڪٽر الانا به اتي هليا. انگل ڏيڍ ڀ
رات جو مسٽر ڪشمرن اچي آيو. مون ان جي اڳيءَ رحمت
ٻاڻ کي هن جو احسان مند محسوس ڪيو. انگل ٻين اچي را
جو ڄڻا ڇپيل سوره ياسين مڙهيل ڪوٽ جي اندرين کيسـ
۾ وڌي ۽ ٻئي ننڍي مدت قرآن جون ڪجهه آيتون پڙهـ
جهونگاري مون تي ڦوڪاريائين. جڏهن لائونج مان هوائي جه
ڏانهن ڪڍي وڃڻ لاءِ ڪار لائونج جي دروازي تي پهتي
ته هن هن ٻڌل اکين سان مون ڏانهن ڏٺو. شايد هوءَ ڇهون
چئي رهي هئي، ”وڃ، مون توکي الله جي امان ۾ ڏنو.
مون مرڪي هن کي چيو، ”دلجاءِ ڪر، مان پندرهن ڏينهن
مون تي ايندس.“

روسي هوائي جهاز ايروفلاٽ ۾ اسان کي اڪانامي ڪلا
جي ٽڪيٽ هئي. اسان ڏاڍي سوڙهه. سڪڙ ۾ ويٺا رهياسـ
۽ سامهون فرسٽ ڪلاس ۾ ڪجهه روسي ٽيڪنو ڪرٽـ
(Technocrat) ٽڪون ڊگهيري عزي سان واڪا پئي رهيا هئ
انگل ڇڏين اچي رات جو هڪ وهيءَ ڏان مڪڙيل ايئر هوسٽـ
ٽڪ ۽ گوشت، ٻه ال روٽي ۽ ڪافي ڏيڻي آئي. مون فقط ڪافي
پيتي. هوائي جهاز ۾ اهڙي ا-ور ڪمدڙ مسافري مون ڪڏهـ
۾ نه ڪئي هئي. پي. آء. اي. جي هوائي جهازن ۾ وڌ پـ
آرام ڏيندڙ ڪرسيون، وڌيڪ سهڻيون ايئر هوسٽسون ۽ وڌيڪ
وڻندڙ کاڌو هوندو آهي. الاجي ڇو، مون کي ايروفلاٽ ڏسـ
ڪامريڊ پوهو ياد آيو هو!

پٿر ۾ پيهي، گهڙيام انهنجي گهور ڪي،
لوڻان لوڏهي، وڄهو آنهه وجود ڪان.

جڏهن ناسڪ ۾ گوداوريءَ تي سج جا ڪرڻا پيا هئا ۽ سانوريون ناريون گهاگهريون پاڻيءَ مان ڀري رهيون هيون ۽ ٻچڙن ۾ جهٽيا پائي، ڪيتري پاري پور پاڻيءَ ۾ ٽٻيون ڏئي رهيا هئا — ها، ڪٿي ڪٿي مون هن سان واعدو ڪيو هو ته مان اچي سال موٽي ايندس! ... ۽ پوءِ جڏهن ويون، ڌرتيءَ تي ماس جا ٻاڙها ڳچل، پنهنجي پاسي اهم پارڙن، وڏواڻن، پوڙهين مائن جا ڳوڙها، جي پنهنجي پاڻ ۾ هڪ پورو سمنڊ هئا، جي سمنڊ جي پاڻيءَ کان به، وڌيڪ کارا هئا. وڌيڪ گهرا هئا. مان موٽي وڃي نه سگهيس، مون واعدو نه پاڙيو ۽ روحن جي وچ ۾ هڪ رت ڦهلندو ويو، وڌندو ويو، ويروار وچ ڏيکاري ڏيندي رهي، جيئن پوءِ ليکن پٽ تي هڻندي وئي، پٽ تي هڻندي وئي. اِن ليار پران دلين وچ ۾ تاريخ ڪيڏي نه اوچي ديوار ٺهي وئي، جو هڪ ٻئي جو واڪو نه ٻڌو، سوپات ۽ ٻڌڻ ۾ نه ٿي اچي — اهو مون کان وڌيڪ ڪير ڄاڻي! تاريخ ڪيتري نه ظالم آهي، ڪيتري نه اجهل آهي، ڪيتري نه اٽل آهي! ... مونکي ياد آيا ڪڙا ڪونيون، سکر، ساهيوال، سکر ... نغرون، سختيون، تڪليفون ... مون اُتو ساهه پري سوچيو ته زندگي وڏي غنيمت آهي، ان کان وڌيڪ غنيمت ڪهڙي هوندي ته مان اڃا زنده آهيان، ماضي هڪ ڀيانڪ ڪن وانگر آهي، جڏهن مان آءٌ نڪري چڪو آهيان ... ڪير ڄاڻي ته اڳتي ڪيترا ڪن ايندا. في الحال ته لهرن ۾ اڙهندو ٿو وڃان!

مون سوچيو ته مون سکر ۾ پورا چار سال جٽ ته، چار ڪليو هو. ڏينهن ڪڏهن واڳهه جي واس ۾ رڙڪجي ويندو

عمر منهنجا اجهل اڌ ما مانا ڪري ڇڏي، منهنجي نظر گهٽ...
وڃي ۽ مان محبوب حسينائن جا خد و خال پوريءَ طرح ڏس...
نه سگهان، سمنڊ تي ايرندڙ ۽ لهندڙ سج جا نظارا ۽ ...
شعاع منهنجي اکين اڳيان جهانو رجي وڃن، پهاڙ تي ايرندڙ چ...
جي سوني ٽال مان منهنجا ڪنبندڙ هٿ اشرفين مان منهو...
پوري نه سگهن ۽ هن دنيا جي سونهن ۽ سڳنڌ، جوش ۽ جذ...
وڌندڙ جمار هڪ ٻئيءَ ڏانهن وانگر مون کان کسي وئي
اٿهيءَ پوئينءَ اجهام، اجائي انت، اڌ پري ۾ آخري ڌ ڪ...
کان اڳ ڪيڏو نه چاهيان ٿو ته هيءَ رنگارنگ دنيا ڏسي وٺان
ڪتاب ڪافي نه آهن، اهي پڙهي ڪنهن جو مشاهدو پيش ڪ...
ٽا، مان سمجهه پنهنجين اکين سان ڏسڻ ٿو چاهيان — اکيون
جي ڪنهن به پراڻيون نه آهن، پراڻو به نه گهرجن ڇو ته اکين
جو پراڻو موت آهيءَ صحيح معنيٰ ۾ موت اهوئي آهي
باقي پيو نه رکو دم پنهنجي وڃڻ جو معاملو آهي.

۽ پوءِ هوءَ، جا منهنجي ماءُ جيو اڳيون روپ هئي ...
منهنجي اکين اڳيان اچي آئي. مون سوچيو ته ڪٿي ڪٿي
مون هن سان وعدو ڪيو هو ته مان موٽي ايندس — جڏهن جمن...
تي سج لهي رهيو هو ۽ ٽاج جو پاڇو پاڻيءَ ۾ لڙاندي و...
هو، جڏهن جهونجهڪڙي ۾ ڏوري ڏوري تاج محل روشنيءَ
۾ اچي رهيو هو، جڏهن فتح پور سڪريءَ تي شام لٿي هئي
۽ جوڌ پاڻيءَ جو ڪمرو اونداهو ٿي ويو هو. جڏهن نرمدا نديءَ
جي ڪناري تي وهي اسان پاڻيءَ ۾ پير پسائي رهيا هئاسين
۽ ڪجهه پڙهڻ تي مالوا جي روپ متيءَ باز بهادر جو محل هو،
جڏهن اجنتا جي هڪ گفا ۾ هن ٿڌي ڪري هٿ سان ور جاءِ...
هو ته نقاري وانگر وڄيو هو ۽ آواز جي ڦهلاءُ ڪري پرڪرما هن
منهنجو هٿ گهٽ جهليو هو.

صحيح اظهار فقط اردوءَ ۾ ڪري سگهندو آهيان! ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ٻوليءَ جي مسئلي تي ٿاهه پڙڪي اٿي. وانهڙو، جن کي اردو ٻيا سنڌي لکڻ ٿا نه ايندي هئي. انهيءَ ڪري ڇرا هڻي ماريا ويا، هن جون اکيون ڪڍيون ويون ۽ زبانون ڪٽيون ويون ڇاڪاڻ جو انهن مان ڪن جي مادري ٻولي سنڌي هئي ۽ ڪن جو اردو هئي. مون کي سنڌيءَ سان ٻي انتها محبت آهي پر مونکي ڪنهن به ٻوليءَ کان نفرت نه آهي ۽ مان دنيا جي هر ٻوليءَ کي پنهنجي ٻولي سمجهندو آهيان. ڪنهن به ٻوليءَ جي غير عوامي رجعت پسند ڪردار کي وانگو ڪرڻ ۽ ان کي ترقي پسند رخ ڏيڻ لاءِ حالتون پيدا ڪرڻ، ان ٻوليءَ جي مخالفت نه آهي پر صحيح معنيٰ ۾ موافقت آهي. مان اردوءَ کي اردوءَ وارن کان وڌيڪ چاهيان، ڪنهن به اردو شاعر مون وانگر امير خسرو جي مزار تي گلن جا هار نه وڌا آهن، جنهن اردو شاعريءَ جون پهريون سٽون لکيون هيون. ڪنهن به اردو شاعر مون وانگر "امير خسرو پنهاري سي" جهڙو نظم نه لکيو آهي ۽ نه امير خسروءَ جي انداز ۾ نيون ڪهه-مڪرنيون (پهيليون) لکيون آهن. جڏهن اردوءَ جو چوٽيءَ جو اديب سبط حسن پنهنجي رسالي "پاڪستاني ادب" جو امير خسرو نمبر ڪڍي رهيو هو ته مون هن کي پنهنجي سنڌي نظم "امير خسرو پاڪيزيءَ کي" جو منظوم اردو ترجمو اشاعت لاءِ موڪليو هو. ان تي هن مون کي لکيو هو ته جي مان هن کي اهڙا چار پنج ٻيا نظم امير خسروءَ تي موڪليان ته هو فقط منهنجا نظم امير خسرو نمبر ۾ شايع ڪندو ۽ ٻيءَ ڪنهن به اردو شاعر کي مون سان شريڪ ڪرڻ نه چاهيندو ڇو ته ٻيا اردو شاعر ته امير خسرو تي رڳو قصيدا لکي رهيا هئا جن ۾ روح عصر جو ڪوئي شعور نه هو. مون

هو. سکر کان جيڪب آباد، سکر کان لاڙڪاڻي، سکر کـ
ڪراچيءَ، سکر کان خيرپور، مون کي وڪالت جي سلسل
۾ ٿيءَ اڌيءَ ڪيترا چڪر ڪاٽڻا پوندا هئا، ۽ جڏهن م
شام جو گهر موٽندو هوس ته مهنجو لڳ لڳ چوُر هوند
هو. صبح شام سائيو پيو رهندو، سائيا قانوني ڪتاب، سا
لا رپورٽ، سائي بار روم ۾ ڪـو ڪلاڪ ٽه ٽه، ٽنيڙيون دليون
انهن جا ساڙ وپر، جل پيج، چغليون، چڙ، پراڻيءَ واقفيت سبب
پنهنجي همعصر جي قد و قامت تسليم ڪرڻ کان انڪار
اجائي آڪڙ، بيمار پارٽيءَ جا ڪيڙا ماڪوڙا جي ان ٽي و ڙهند
هئا ته چار ان - ڪٽا ڪير پنهنجي پيو ۾ ڪٽي وڃي ۽ پوءِ ق
درويش ۽ جان درويش ... گليور جون پانهون رسين سان پڌ
۽ ليلي پٽ جا جامڙا ... انهن جي سس پس، ڏند ٽيڙ ...

مون دنيا بدلائڻ چاهي هئي، سنڌ کهن حد ڌائين
بدلائي وڌي هئي، مون کي کهن اجوري جي تمنا نه هئي
پنهنجا عهدا ازل ۾ هئا، پر هيءَ پورپت اي انتها پورپت ...

کهن کي آءُ پسانيان اندر جو ارمان، مون کان گيت
رسي ويا.

۽ پوءِ مون کي اهو هيبت ناڪ واقعو ياد آيو ... ممتاز پـ
سنڌ جو چيف منسٽر هو. هن صوبائي اسيمبليءَ ۾ اـ
آندو، جنهن موجب سنڌيءَ کي سنڌ جي صوبائي ٻولي تسلي
ڪري، ان کـي ڪجهه واضح حيثيت ڏنـي وئي. جيئن ب
اسيمبليءَ ۾ آيو، اردوءَ وارن ۾ اشتعال جي فضا ڦهلجي وئي
رئيس امروهيءَ ”اردو کا جنازا هئي. ذرا دهوم سي نڪلي
جهڙا ڀڙڪائيندڙ نظم لکيا. ڪراچيءَ ۾ سنڌ جـي گورنـر
مير رسول بخش ٽالپر، جـي قبر ٽاهي وئـي — اسو ڙي
مير رسول بخش چوندو هو ته مان پنهنجي مافي الضمير ج

هو، ”ميان! مان ڪالي داس ڪانهيان ڪنهن ڪري ٻيو مهان ۽ ڪاليداس وانگر ڪنهن چندرگپت سان جو ڪاٿيارو ٿي نه رهيو آهيان.“

ها، مان اردوءَ جي رچيل ادب ڪردار کي به چڱيءَ طرح سڃاڻان ۽ انهيءَ ٻوليءَ جو، جا قلعه معليٰ ۾ پانيچاري، ترڪيءَ جي لڳاءَ ۽ انسان دوستيءَ جي ٻولي ٺهي پيدا ٿي هئي، قطب شاهه جي دور ۾ حيدرآباد دڪن ۾ ڪنهن سانئيءَ ول وانگر وڌي هئي ۽ دهلي دربار ۾ پهچي ڪنهن وڻ وانگر ڦهليءَ ۾ وچڙي وئي هئي، اڄ کان پنجاهه سال پوءِ مستقبل ۾ ان جو جائز مقام ڄاڻان ٿو. هائو، مون کي اردوءَ کان ڪا نفرت ڪانه هئي ۽ جي نفرت هئي ته انهن مطلب پرستن لاءِ هئي جن پنهنجن سياسي ۽ ذاتي مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ کي ذريعو بڻائي استعمال ڪري رهيا هئا. مون نه ٿي چاهيو ته ٻولين جي جهيڙي ۾ ساري ۽ پدواڙي ماريا وڃن- شاگرد ن، هاريا ٽين، هارين تي شرمناڪ حملا ڪيا وڃن، ٻولين جا ٻول وساري انسان هڪٻئي کي درندن وانگر چيرڻ ڦاڙڻ لڳن. ته، اهو ٻوليءَ جي مسئلي جو حل نه هو. او چئو شام جي وقت ريڊيو تي اعلان ٿيو ته وزيراعظم چاهيو آهي ته جي. ايم. سيد، پير حسام الدين راشدي، قاضي فيض محمد ۽ آءٌ ٻوليءَ جي مسئلي جي حل لاءِ راولپنڊيءَ پهچي وڃون. مون سوچيو ته مان نه وڃي سگهندس. ماڻهو ٻوليءَ جي مسئلي تي ڪاوڙ ۾ پيا آهن ۽ هنن جي ڳالهين مان رت جي بوءِ ٿي اچي. اڳ ۾ ٻوليءَ واري جهيڙي ۾ مون تي خوني حملو ڪرايو ويو هو. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي رئوچاڻ جا چندا سڪر ٿي پوندا ۽ ان ڪري بهتر اهين ٿيندو ته، پاڻ کي وڃي ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪوئيٽا هليو وڃان. مان اجان زور سان ڳالهائي رهيو هئس،

هن کي ڇاو پيا نظم موڪليا ۽ هن منهنجا پنج نظم
”پاڪستاني ادب“ جي امير خسرو نمبر ۾ شايع ڪيا ۽ ڪ
۽ اردو شاعر کي مون سان شريڪ نه ڪيو ۽ انهن اردو نظم
منهنجا ۽ نظم لطيف ۽ خسرو تي ۽ هئا ۽ انهن مان هڪ
۾ انهيءَ پاڪستان دور جي ياد ۾ هئي جڏهن ۾ ٻوليءَ
مسئلي تي سنڌ ۾ فساد ٿيا هئا ۽ جڏهن ۾ هيڏيون سڀ ون
هيون جي هڪ نئين سنڌ جو تصور پيش ڪن ٿيون ۽ جا
وجود ۾ اچڻي آهي.

... ...

اس طرف بھی میرا گرم لہو
اس طرف بھی میرا گرم لہو
کیوں بہاتی ہو کر بہتا ہے؟
تاریخ کی خونیں سطروں
تم کب تک خون بہاتے رہو گے
اور کب تک یہ دہراؤ گے
یہ میری زبان
یہ ان کی زبان
ہم ایک ہی لوری
دونوں کی ماں
لوری جو خاموش زبان سے
اس دھرتی کی کوکھ سے نکلی
نئی جنم کو لگتی ہے۔

منهنجي اردو نظمن جو اڻ ڇپيل مجموعو ”نيل ڪنٺه او
نيم کي پتي“ پڙهي هڪ اردو شاعر مون کي خلوص سا
ڇيو هئو ته ”توهان نه فقط سنڌيءَ جا پر سنڌ ۾ اردوءَ ج
۽ نئين ۾ ۽ نئون شاعر آهيو.“ جڏهن اي مون هن کي جواب ن

هوٽل انٽرپاڪ ۾ دعوت ڏني ٿي. مان بچي ويو آهيان. پٺي
ڏينهن ٽي مان هوٽل انٽرپاڪ پهتس ته جي. ايم. سيد کي دل
جي تڪليف ٿي پئي هئي ۽ هو هڪ ڪمري ۾ ليٽيل هو
۽ ڪجهه وڪيل ٻئي ڪمري ۾ جدائي ٺڳاروون ڪري رهيا
هئا. مان پنهنجي سنت ”هي اڻ ڄاڻ ڄاڻو، هي اي سمجهه، سمجهو“
جهونگاري گهر موٽي ويس. ٽئين ڏينهن ٿي جي. ايم. سيد ۽
نواب مظفر کي اظهار کيو ويو. مون اخبار روم ۾ وڪيلن
کي چيو ته ”پلا هاڻي جي. ايم. سيد جي رهائيءَ لاءِ ڪوئي
ٺهراءُ ته پاس ڪيو“ ته هو ٺڪي ڪل کلي، ڳالهه لڏائي ويا.

اهڙي ماحول ۾ جتي انسان کي بيحد تنهائيءَ جو احساس
ٿئي، جتي ٿوريءَ ڦير گهير سان انگريزي قانون تي ساڳيا
بحث مباحثا ٿيندا هجن، جي هڪ سؤ سالن کان وڪيل ڪارا
جبا پائي ڪندا آيا آهن، جتي زندگيءَ جو ٺڪ فقط انهيءَ
پوڙهيءَ ماءُ جي مرڪ لڀندي هجي، جنهن جو پٽ ڪئي
مون ڦاسيءَ کان ڇڏايو هجي ۽ جتي انهيءَ مرڪ جي پٺيان
ٻيءُ ماءُ جا ڳوڙها هجن جنهن جو پٽ خون ٿي ويل هجي،
مان واقعي بيزار ٿي پيو هئس. ها، ڪڏهن ڪڏهن مان ان
ماحول مان نڪري ويندو هئس. شهر جي ٻاهران ساراڻ جو
اوپرو اڀندو هو ۽ مان ان ڏينهن وڃندو ويندو هئس. ان خوشبوءِ
ڏانهن، موڪي ويل ولهارن ڏانهن، جتي ڌڻ ڌڻائتا هوندا آهن،
نڌڻڪي جيابي کان پري، اجائي گوڙ گهمسان کان پري، جتي
ماڻهو ۽ مورن جي سڃاڻ آهي، جتي پيسو سڀڪجهه نه آهي
۽ سڀڪجهه پيسو نه آهي، اڻلهه ماڻهوءَ جي پٺيان، آجڪائيءَ
جي پٺيان، کليل هوا ۽ نمن جي ٻور ۽ سرنهن جي گلن هيٺان
ساهه ڪڍڻ لاءِ.

۽ ائين ڪجهه سال گذري ويا، سنڌ پنهنجي سياسي

جڏهن پيرو ڏٺو گهر ڌاڙو هڻي ڇڏڻ نٿي چاهيو، تہ انهن
اسلام آباد مان پاڪستان جي وزير تعليم جناب حفيظ پيرزا
جو فون آيو جڏهن پڇيو تہ مان ڪيئن نہ پنڊيءَ هليو ا
مون هن کي پنهنجي مجبوري ٻڌائي جڏهن تہ هن
”تون فڪر نہ ڪر، تنهنجي گهر جي ٻاهران وڏي هٿيار
پوليس وارا ويهاري ويندا ۽ پستولن پهرو ڏيندا رهندا جيست
حالتون ٺيڪ ٿين ۽ تون سڀاڻي هوائي جهاز ۾ هليو اچ.“
رشيد ڀٽي کي ساڻ کڻي پنڊيءَ پهتس. قاضي فيض محمد پ
چڪو هو، سيد ۽ راشدي نہ آيا. مون ۽ قاضي فيض مح
حفيظ پيرزادي، معراج محمد خان، ملڪ معراج محمد ۽ شي
تي مشتمل ڪميٽيءَ جي اڳيان ڪافي وقت ڳالهايو ۽ ح
پيرزادي منهنجي تقرير جا پنهنجن هٿ اکرن ۾ نوٽ
جي ڀٽو ۽ ڀٽي صاحب قومي اسيمبليءَ ۾ منهنجي تقرير ۾
آندا. شام جو پيرزادو صاحب انٽرڪانٽيننٽل هوٽل ۾ مل
اسان ٻوليءَ جي معاملي تي خيال جي ڏي وٺ ڪئي ۽
تي متفق ٿياسين تہ بل ۾ مناسب ترميم ڪئي وڃي ۽ اج
خونريزي بند ٿيڻ گهرجي.

جڏهن مان سکر موٽي آيس ۽ ٻار روم ۾ ويس تہ
مون کي معلوم ٿيو تہ جي. ايم. سيد سکر آيل آهي ۽ ڪ
وڪيل ان راءِ جا آهن تہ هن کي ٻار جي پاران دعوت ڏ
وڃي تہ جيئن هو ٻوليءَ جي مسئلي تي ڳالهائي. مون هنن
گهڻو سمجهايو تہ معاملي کي وڌائڻ اجايو آهي، ان
ڪجهہ ورتو نہ آهي، اوهان موجوده حالتن ۽ ٻوليءَ
فسادن جا نتيجا نٿا سمجهي سگهو، اوهان سڀ پيپلز پار
۾ آهيو ۽ پارٽي اوهان کي انهيءَ مسئلي کي اڀارڻ جي اجا
نہ ڏني آهي. هن صرف اهو ڏيکارڻ لاءِ جي. ايم. سيد ک

اردوءَ ۾ چيو، "ويٺو آهي، سڏايانس ٿو." پوءِ مون کي چيائين، "بابا پرائيم منسٽر جو ملٽري سيڪريٽري اوهان سان ڳالهائڻ ٿو چاهي." هن جي منهن تي حيراني/هراس جا جذبا هئا. مون فون تي انگريزيءَ ۾ چيو "هيلو، مان شيخ اياز ٿو ڳالهايان." ملٽري سيڪريٽريءَ انگريزيءَ ۾ چيو، "شيخ صاحب، مان پرائيم منسٽر جو ملٽري سيڪريٽري ٿو ڳالهايان. پرائيم منسٽر اوهان سان ڳالهائڻ ٿو چاهي."

مون فون تي انتظار ڪيو ته هن جو سنڌيءَ ۾ آواز آيو، "شيخ! مان ڀٽو ٿو ڳالهايان. خوش آهين؟"

"سائين، اوهان خوش آهيو؟"

"شيخ! مان توکي هڪ ڪم سپرد ڪرڻ ٿو چاهيان؛ واعدو ڪر ته ڪندين."

"جي منهنجي وس ۾ هوندو ته ضرور ڪندس."

"هائو، هائو، تنهنجي وس ۾ آهي. مان چاهيان ٿو ته تون سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ٿيءُ."

مون کي ڌڪ جهڙو آيو ۽ مون کسڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، "مان هن وقت تائين ڪنهن به اداري جو منتظم نه رهيو آهيان. مون کي ان قسم جو ڪو تجربو نه آهي."

"مان اڳي پاڪستان جو وزير اعظم رهيو هئس ڇا؟ پوءِ به پاڪستان هلائي رهيو آهيان نه؟ تون يونيورسٽي هلائي نه سگهندين! هلائي وٺندين، هلائي وٺندين!"

"پر حالات نه اوهان ڄاڻو ٿا..."

"ڄاڻان ٿو، ڄاڻان ٿو،" ڀٽي صاحب چيو، "حالتون درست ٿي وينديون. اها منهنجي حڪومت جي ذميداري آهي. هاڻي پڪ ڏي، پڪ؟ پڪ؟ پڪ؟"

پوءِ مون اها نوڪري قبول ڪئي ۽ ڪن چيو ته

ڦيصلي جي مطلقي زنجير ۾ جڪڙيل رهي. رات جا ٻه لڳا هئا. مان مائڪوسڪي جي نظمن جي ماسڪو اشاعت (Poems. Vladimir Mayakovsky) وار ڪا جي ڏلاس وانگر پڪ پڪ ڪري پڙهي رهيو هئس. منهنجون اکيون مائڪو- وسڪيءَ جي هيٺين سٽن تي کتيون ويون هيون:

Shine up, high
Shine down on earth
till life's own source
runs dry
Shine on.
for all your blooming
worth.
So say
both sun
and I !

۽ مان سوچي رهيو هئس ته، هڪڙي شعله نوا، رجائيت پسند شاعر خودڪشي ڇو ڪئي؟ مون ته ڪيترا اشتراڪيت پسند استاد ۽ اشتراڪيت پسند اديب به پڙهيا هئا. پوءِ اهو هاورڊ فاسٽ (Howard Fast) هجي يا "ڊائلي ورڪر" جو ايڊيٽر ڊگلس هائيڊ (Duglous Hyde) هجي يا ٻيا ڪيئي اهڙا اديب هئا جي اشتراڪيت کان ڪناره ڪش ٿي چڪا هئا، ڪنهن به ان ڳالهه جو تسلي بخش جواب نه ڏنو هو ته مائڪوسڪيءَ جوانيءَ ۾ خودڪشي ڇو ڪئي هئي؟ مائڪوسڪي - جو روسي انقلاب جو عظيم ترين شاعر هو.

اٽري ۾ فون جي گهنٽي وڳي. مون ڪني پنهنجي هٿ ۾ ڏني، منهنجي پٽ سليم فون ڪيو. سليم فون تي

پروفيسر بوزڪرٽ گوئنچ (Bozkurt Guenc) سان منهنجي ملاقات ترڪيءَ ۾ گهرايل يونيسڪو ڪانفرنس ۾ ٿي. ڪانفرنس ۾ ترڪي، ايران، پاڪستان ۽ يو. ڪي. (U. K.) جا وائيس چانسيلر/رجسٽرار حصو وٺي رهيا هئا. پروفيسر گوئنچ منهنجيءَ تقرير جي دوران گريٽ برٽن (Great Bertain) لفظ ڪم آندو ۽ يڪدم پاڻ کي درست ڪندي چيائين، ”ساري، برٽن اڳي گريٽ (عظيم) هو، هاڻي نه آهي. منهنجو اشارو يو. ڪي. ڏانهن آهي.“ ان تي انگلنڊ ۽ اسڪاٽلنڊ جي يونيورسٽين جي رجسٽرارن جا منهن ڪر ٿي ويا. پروفيسر گوئنچ جي تقرير کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي مانيءَ لاءِ وقفو ڪيو ويو. اسان جي ماني استنبول جي ڪنهن هوٽل ۾ هئي. مانيءَ جي ميز تي پروفيسر گوئنچ منهنجي برابر ويٺو هو، هو بيئر پي رهيو هو ۽ مان ڪمپاري (Campari) پي رهيو هوس. ڳالهيون ڪندي هن ترڪي ٽراز جي هڪ قدر مون ڏانهن وڌائي، ته مون هن کان پڇيو، ”پروفيسر گوئنچ! اڄ تو انگريزن کي اهڙا چهنبڙي ڇو پاتي؟ انگلنڊ ۽ اسڪاٽلنڊ جا رجسٽرار ڪيڏو نه مايوس ٿي ويا!“ گوئنچ جواب ۾ چيو، ”هنن کي چهنبڙي ته نه پائيان! منهنجو ڏاڏو انگريزن سان وڙهندي مئو، هن وقت انگريز هڪ ٿرڊ ريٽ پاور (Third rate power) آهن. هنن کي آئينو به نه ڏيکاريان!“ ان تي مون چيو، ”انگريز سامراج جو دشمن ته مان به هوس پر ...“، مون ڳالهه کي وڌيڪ ڊيگهه ڏيڻ مناسب نه ڄاتي. مون پروفيسر گوئنچ جي ڳالهين مان اهين سمجهيو ته هو ڪنهن قسم جو سوشلسٽ هو جنهن تي ڪمال اتاترڪ جو فڪر حاوي هو. هن کي اها خبر به هئي ته پاڪستان جي شهر لاڙڪاڻي ۾ سوئيڪارنو ۽ ڪمال اتاترڪ جا يادگار ٺهرايا ويا آهن.

مون سياسي/ادبي خود ڪشي ڪئي. ڇو؟ ڇو؟؟ ڇو؟؟؟ شايد ان ڪري ته ڪجهه سال اڳ مان ڏاڍو بيمار ٿي پيو هئس ۽ جڏهن اسپتال ۾ ٻه ڏينهن موت جي بستري تي پيو هئس. رباني ۽ ابراهيم ساري رات جاڳندا هئا، ۽ جمال ابڙو، جو روس وڃي رهيو هو، جڏهن اسپتال ۾ مون سان الوداعي ملاقات لاءِ آيو هو. ڇا، مون سرڪاري نوڪري ان ڪري قبول ڪئي هئي، جو مون ۾ اندري جان نه رهي هئي ته وڌيڪ وڙهه ڪائي سگهان؟

ٻيا مان پنهنجي موجوده زندگيءَ مان بور ٿي پيو هئس ۽ مون کي ماحول جي تبديليءَ جي ضرورت هئي؟ جڏهن باربڊوس (Barbados) مان سندريءَ مونکي خط لکيو هو ته ڏهن پنهنجيءَ دل چاهيو هو ته مان به ڪئريبين سمنڊ (Caribean Sea) جي ان جزيري ۾ هفتو کن رهي اچان، پر پاسپورٽ ملڻ جو امڪان نه ڏسي، ڪيئي ڏينهن بوريت محسوس ڪئي هيم. ڇا، سرڪاري ملازمت ان بوريت مان فرار جي ڪوشش هئي؟ يا سبب رڳو اهو هو ته جمهوري حڪومت جو ڪوئي نعم البدل ڪونه هو ۽ ان ڪري مون خود ان سان تعاون ڪرڻ چاهيو ٿي؟

مون سوچيو، "هاڻ مان ادبي وفد جو سربراهه ٿي روس وڃي رهيو آهيان ۽ ڇوڏهن ڪلاڪن ۾ مون کي پاسپورٽ ملي چڪو آهي! هاڻي مان ماسڪو وسڪيءَ جي خود ڪشيءَ جي باري ۾ معلومات حاصل ڪري سگهندس." اوچتو منهنجي وڪالت جي تجربي منهنجي دل ۾ هڪ گمان پيدا ڪيو — ائين ته نه آهي ته ماسڪو وسڪيءَ کي اسٽالن قتل ڪرايو هو ۽ واردات خود ڪشيءَ جي ناهي وئي هئي؟ قتل/خودڪشي؟ قتل/خودڪشي؟ سوچيندي، منهنجي اک لڳي وئي ۽ جاڳي جهٽڪي اچي ٿي، جڏهن هوائي جهاز ماسڪو ايئرپورٽ تي لٿو. ●

وانگر اشتراڪي، نه آهيان پر مون کي ناظم حڪمت جي شاعريءَ سان رغبت رهي آهي ۽ هن جا ڪافي ترجما انگريزيءَ ۾ پڙهيا اٿم. مون هن کي ٻڌايو ته مغربي فلسفيءَ برڪلي (Berkley) کي مخاطب ڪري لکيل ناظم حڪمت جي نظم "او برڪلي!" مون کي ايترو ته متاثر ڪيو هو جو مون سنڌ جي هڪ وڏانئي شاعر ساميءَ کي مخاطب ڪري پنهنجو نظم "نئون سلوڪ" لکيو هو. جيتوڻيڪ ٻنهي نظمن ۾ ڪا به مشابهت نه آهي تڏهن به منهنجي سنڌي نظم لاءِ جذبو ناظم حڪمت جي نظم اڀاريو هو. اهو ٻڌي، پروفيسر گونچ ڏاڍو خوش ٿيو. چيو ته ناظم حڪمت هن جو محبوب ترين شاعر هو. هن ناظم حڪمت سميت ٻين به ڪيترن ئي ترقي پسند ترڪ شاعرن جو ذڪر ڪيو ۽ ناظم حڪمت جي نظم جا ڪي حصا مون کي پڙهي ٻڌايا ته جيئن مان ناظم حڪمت جي ترنم جي جوارڀاٽا محسوس ڪري سگهان. مون کي ترڪي زبان ته نه ٿي اچي، پر ناظم حڪمت جي انهيءَ نظم مون کي اهو تاثر ڏنو ته سمنڊ ۾ ٻيڙي ڇولين تي چڙهي رهي آهي. ترنم ڪجهه هيئن هو:-

مٽي وٽي
هيٺ وٽي
مٽي وٽي
مٽي، مٽي، مٽي وٽي
هيٺ، هيٺ، هيٺ وٽي
هيٺ مٽي، هيٺ مٽي
وٽي وٽي وٽي وٽي —

اوچتو پروفيسر گونچ چيو، "شاعر! تو کي خبر آهي ته ترڪيءَ ۾ اڃا تائين ناظم حڪمت تي بندش آهي؟"

مون هن کي مرڪي چيو، "نه، مون کي اها خبر نه

ٽئين ڏينهن اسان سيٽي اماڻيندا هوائي جهاز ۾ انقره پهتاسين. ساڳئي ڏينهن مان ۽ پاڪستان جا ٻيا وائيس چانسيلر، پروفيسر گونيچ سان گڏ جي حاجت ٽوپي يونيورسٽي ڏسڻ ويا سين. يونيورسٽيءَ جي ٻاهران سنگ اسود (ڪاري گرينائيٽ) مان گهڙيل اتاترڪ جو ديو قامت مجسمو کتل هو. مجسمي ۾ ڪمال اتاترڪ جــو رڳو مٿيون ڏيکاريل هو، هن جو بدن لهرن وانگر اڀ لڳو ۽ هن جو ڪٻو هٿ مٿي کڄيل پر کليل هو. مجسمي جي پٺيان پٿر مان گهڙيل ڇوڪرو ۽ ڇوڪري وائيلون جهلي بيٺا هئا ۽ جڻ اتاترڪ کي سهارو ڏئي رهيا هئا. مجسمي جي هيٺان پٿر تي اڪريل هو، ”تولاءِ ان ڪان و ترڪ فخر جي ٻي ڪائي ڳالهه نه آهي نه تون ترڪ آهين.“

پروفيسر گونيچ اسان کــي ٻڌايو تــه جڏهن هوءَ تــرڪي حڪومت جي وزارت ۾ هو تڏهن هن اهو مجسمو ٺهرايو هو. هن سنگتراش کي ڪجهه خاص تصور کــي مجسم ڪرڻ جي فرمائش ڪئي هئي. پوءِ هن اسان کان پڇيو ته ”اوهان مجسمي مان ڇا ٿا سمجهو؟ ڇا ٿي سگهندؤ تـه ان ۾ ڪهڙو تصور پيش ڪيو ويو آهي؟ مون سان گڏ ٻيا وائيس چانسيلر اڃا ڪجهه سوچي رهيا هئا ته مون هن کي چيو، ”اتاترڪ هڪ تحريڪ هو ۽ ان ڪري هن جي جسم کـي لهرون جهلي وانگر پيش ڪيو ويو آهي؛ هوءَ ڪاپيٽلسٽ جو هو پر اشتراڪي نه هو، ان ڪري هن جو ڪٻو هٿ اڀو آهي پر کليل آهي ۽ لينن جي مُٺ وانگر بند نه آهي؛ ۽ هن نوجوان نسل جي ساٿ سان انقلاب آندو هو ۽ مرد ۽ عورت کي هڪجهڙا حق ڏنا هئا، ان ڪري ترڪ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري هن کــي پٺيان ٽيڪ ڏئي رهيا آهن.“ ان تي پروفيسر گونيچ ترڪي مون کي ڀاڪر پاتو.

ڳالهه ڪندي مون گونيچ کــي ٻڌايــو تـه مان ايـ هن

ساڳيءَ راحت واڙدارائن سرگوشيءَ سان چيو، "هن ۾ ڊائناما ئيٽ آهي ڇا؟" هن کلي، مون کي، مٿي وڃڻ لاءِ اشارو ڏنو. مون پنهنجي ڪمري ۾ مٿي وڃي، پئڪيٽ پلنگ جي هيٺان سرڪائي ڇڏيو ۽ سوءِ هيٺ موٽي آيس. اڃا سان مان گونيچ کان آهستي پڇيو، "پئڪيٽ ۾ ڪجهه ڪاغذ يا ڪتاب پئي محسوس ٿيا. ڇا، ان ۾ ٽي. ڪي. پي * (T.K.P.) جي ڪائي خفيه لٽريچر آهي؟"

"نه" گونيچ جواب ڏنو.

"پوءِ هن ۾ ڇا آهي؟" مون پڇيو.

"تون ئي ٻڌاءِ نه. تو لاءِ هڪ ترڪ رفيق جو ڪهڙو تحفو ٿي سگهي ٿو؟" پروفيسر گونيچ، وسڪيءَ جو پيڪ پيئندي پڇيو.

مون کي ڪوئي جواب سجهي نه آيو.

پروفيسر گونيچ، جو قد ۾ مون کان ڪجهه ننڍو هو، ڪجهه جهڪي آيو ۽ منهنجي ڪن ۾ سس پس ڪيائين، "پئڪيٽ ۾ ناظم حڪمت جا ترڪي زبان ۾ بندش هيٺ آيل ڪتاب آهن. متان ڪنهن کي پڙهائين نه. مون اهي توکي ڏنا آهن! جي ترڪيءَ جي حڪومت کي اها خبر پئي ته منهنجي کل لاٿي ويندي!"

هن جو گلاس منهنجي گلاس وانگر خالي ٿي چڪو هو. هن مون کان خالي گلاس وٺي ٻئي گلاس وسڪيءَ سان ڀري چيو، "هي نيٽ (Neat) ٿا پيئون." پوءِ پنهنجو گلاس مٿي ڪري منهنجي گلاس سان ٽڪرائي چيائين، "ناظم حڪمت جي نالي"،

* ٽي. ڪي. پي - بندش هيٺ ترڪش ڪميونسٽ پارٽي جنهن جو هيڊڪوارٽر ايران جي تودهه پارٽيءَ وانگر مشرقي جرمنيءَ ۾ آهي.

آهي، باقي اهو چاڪان ٿو ته ناظم حڪمت روس ۾ اٺ سال جلاوطن ٿي رهيو هو ۽ مري به اتي ئي ويو هو. مون تي پاڪستان جي حڪومت ايترو اعتبار ڪيو آهي، جو هتي بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ موڪليو هئائين، پر پوءِ به اڃا تائين منهنجن ٽن ڪتابن تي بندش آهي.“

پروفيسر گونبج به مرڪڻ لڳو ۽ چيائين ”شاعرن سان ائين ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي ۽ حڪومتن کان وسري ويندو آهي ته هنن جي ڪتابن تي بندش وڌي وئي آهي. بودليئر ته ترقي پسند ڪونه هو پر فرانس جي بورجوازيءَ هن جي شعر جي هڪ حصي تي ان ڪري بندش وڌي هئي، جو بودليئر جي زندگي ۽ شاعري بورجوا اخلاق جي تصور لاءِ هڪ وڏي گار هئي. بودليئر جي شاعريءَ تي اها بندش لڳ ڀڳ سؤ سال قائم رهي. فرانس جي حڪومتن کان اهو وسري ويو ته فرانس جي وڏي ۾ وڏي شاعر جي سڄي ۾ سڄي شعر تي بندش وڌل آهي ۽ اهو انگريزي ترجمي ۾ ته ملي سگهي ٿو پر فرينچ ٻوليءَ ۾ ناياب آهي! رڳو ڪجهه سال اڳ اها بندش لاٿي وئي آهي.“

انقره ۾ اسان ڊاڪٽر دراماشيءَ جي ذاتي مهمان خاني ۾ قيام ڪيو هو. رات جو اتي ئي اسان کي مانيءَ جي دعوت هئي. مون هيٺ لائونج ۾ وسڪي پئي پيتي ۽ پاڪستاني مهمانن کانسواءِ ٻيا سڀ مرد ۽ عورتون جي اتي موجود هئا، ڪجهه نه ڪجهه پي رهيا هئا ۽ ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ايتري ۾ پروفيسر گونبج آيو ۽ وسڪيءَ جو گلاس ٺاهي منهنجي ڀرسان اچي ويٺو. هن جي هٿ ۾ هڪ بنڊل هو، جو هن مون کي هٿ ۾ ڏئي آهستي چيو، ”مٺي وجي، هي پنهنجي پلنگ جي هيٺان رکي ڇڏ.“ مون بنڊل هٿ ۾ ورتو، هن کي

هُو ٻئون ٽئي انانيت جو الزام رکي رهيا آهن، ۽ ٻن کي فرانسي آرٽسٽ، ٽلوس، لوٽرڪ، جي زندگيءَ جو واقعو ياد اچي رهيو آهي. لوٽرڪ ٽلوس جي هڪ ڪئفي ”مولان روش“ ۾ هميشه وانگر فرانسي شراب (Absinthe) پي ڪري، ڪافي سرور ۾ هو، ته هن جي ڪنهن واقفڪار هن کي چيو، ”پئي هفتي پرنس آف ويلس لنڊن ۾ تنهنجين تصويرن جي نمائش جو افتتاح ڪندو. وڏي عزت افزائي ٿيندي.“

”ڪنهن جي عزت افزائي؟؟؟......“

لوٽرڪ نشي ۾ هن ڏانهن ڏسي پڇيو، ”پرنس آف ويلس جي يا منهنجي؟“ ●

”ناظم حڪمت جي نالي“، مون وراڻيو ۽ گلاس چپن تي رکي ڍڪ ڀري، جيستائين منهنجا ڦڦڙ ڀاهه ۾ وڪوڙجي ويا.

پروفيسر گونيچ وري ڪجهه جهڪي آيو ۽ مون کي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيائين، ”ڇا معلوم، ڪنهن وقت ڪوئي پاڪستاني اديب پنهنجي ترڪ مهمان کي تنهنجن اڻ ڇپيل ڪتابن جو بنڊل ڏئي ڇڏي، ”هن ۾ ڪانداماڻيت آهي، ان کي پنهنجي ڪمري ۾ ٽهائي آغ. جي هن کي خبر پئي ته مون لوڪي اهي ڪتاب ڏنا آهن ته هو منهنجي ڪل لاهيندا. ●

مان ۽ ابراهيم جوبرو هڪ ٻئي جهنگ مان وڃي رهيا هئاسين. ٻنهي پاسي ديوان جا گهاٽا وڻ هئا. اسان ڪافي پنڌ ڪيو هو ۽ مون کي پيرن ۾ ڦلون پئجي ويون هيون. آخر مون اٻر ٿي ابراهيم کي چيو، "اسان دڳ ڀلجي ويا آهيون." هن مون کي ڌيرج ڏيندي چيو، "نه، ڀليا نه آهيون ۽ هلندو هل! منهنجو دڳ ڏٺل آهي هل، مان توکي ماڳ تي رسائيندس." هو مون کان ڏهه سال وڏو آهي ۽ مون کي هن جي بزرگيءَ لاءِ احترام رهيو آهي. بهرحال مون هن تي ڀروسو ڪيو ته هو دڳ ڄاڻي ٿو ۽ هن سان گڏ هلندو رهيس. نه ماڻهو، نه ماڻهوءَ جي بوءِ! وڻن تي چٻرا لڏوي رهيا هئا. اسان هلندا رهياسين، هلندا رهياسين، ڪڏهن هيڏانهن، ڪڏهن هوڏانهن، ۽ نيٺ وڻن جي ڇانوري مان لهندڙ سج جو نارنگي شعلو نظر آيو ۽ اسان جهنگ مان نڪري آياسين. ان تي مون ابراهيم کي چيو، "جي توکي دڳ جي خبر هئي ته تو انهن ٻو ماڻهون ڇو پئي ڪاڏهون ۽ مون کي ايترو وقت ڇو ڀٽڪايئه؟ ڪنڊن ۾ منهنجا لٽا ڦاٽي پيا آهن، ۽ بدن رهڙن جي ٽٽو آهي ۽ منهنجا پير ٽڪجي شل ٿي پيا آهن!"

ان تي ابراهيم چيو، "دڳ ڄاڻڻ ايترو اهم نه آهي جيترو پنڌ کي پورڻ، هلندو رهڻ، تيستائين هلندو رهڻ جيستائين جهنگ مان نڪري اچجي."

"ان جي معنيٰ ته توکي خود دڳ جي خبر نه هئي!" مون هن کي الزام ڏيندي چيو.

هن جي منهن تي مرڪ هن جي ڏوهه جي ڀاس هئي. ●

منهنجو پيءُ ۽ ڏاڏو ٻئي هڪئي روزگار ڪردار هئا، پر
مون پنهنجي ڏاڏي جي پاءُ جي باري ۾ هڪ ڳالهه ٻڌي هئي،
جا وساري نه سگهيو آهيان. هو هڪ درويش صفت انسان هو.
هر رات هو ميٽ ۾ ليمي جا ٻن پڃاني رکندو هو، ۽ منهن-
انڌاري ۾، ٻه ميل پنڌ ڪري، شڪارپور جي ڳاڙهي پرگلي
پرسان هڪ کوه تي وڃي وهنجندو هو. کهڙا ٻه پارا ٻوندا
هئا، هو وهنجڻ ضرور ويندو هو.

هڪ ڀيري هو ٿڌ سياري ۾ وهنجي گهر موٽي آيو ته
هن کي پنهنجيءَ قميص تي هڪ ڪتلي نظر آئي. هن ڪتليءَ
کي چُٽيءَ ۾ ڪٽي هڪ شيشيءَ ۾ رکيو ۽ پوءِ منهنجي ڏاڏي
کي چيائين، ”مان کوه تي موٽي ٿو وڃان.“

”ڇو، اڃا هاڻي ته آيو آهين؟“ منهنجي ڏاڏيءَ حيرت
مان پڇيو.

”هيءَ ڪتلي منهنجي ڪپڙن تي انهيءَ کوه وٽان چڙهي
آهي. ان جو گهر اتي ڪٿي کوه جي پرسان آهي. مان ان کي
پنهنجي گهر ڇڏڻ ٿو وڃان،“ منهنجي ڏاڏي جي پاءُ ورائيو،
”ڪنهن کي به پنهنجي گهر مان اُسي گهر ڪرڻ جهڙو وڏو گناهه
دنيا ۾ ڪو به نه آهي.“

اخلاق ميراڻوي: عظيم ڪير آهي؟
ڳالهائڻ وارو يا ان جي ڳالهه؟

اياز- عظيم ته ان جي ڳالهه آهي، ڳالهائڻ وارو انسان ته مٽيءَ جي مٺ آهي. ڳالهه عظيم آهي جيڪا ڳالهائڻ واري ڪائنات ۾ باقي رهڻي آهي. توهان ڪيئن ٿا ڪري سگهندؤ ته هيءَ مٽي ڪارل مارڪس جي آهي يا هيءَ لينن جي آهي يا ڪنهن ٻئي جي. ماڻهو مٽي، مٽي ئي و ٻو انکي تالي سان CONNECT ڪيئن ٿو ڪري سگهجي.

حقيقت ۾ تالي کي ته، ڪا حيثيت (Value) ڪو نه، ٿي رهي. سڄي حيثيت اُن ڳالهه جي وڃي ٿي رهي. عظمت ڳالهه کي آهي. (اها ڳالهه توهان پنهنجي ڪتاب ”ڪپر ٿو ڪن ڪري“ ۾ به لکي آهي ته دنيا جا قبرستان هڏن سان ڀريا پيا آهن اعجاز مهدي).

اياز- هائو:

احمد سولنگي: اوهانجي شاعريءَ ۾ پوري برصغير جو پس منظر موجود آهي. پر ان جي باوجود اهي ڪهڙا سبب آهن جو اوهانجي شاعري، اوهان جي جيئري حقيقت جو روپ وٺي نٿي سگهي؟

اياز: ڪارل مارڪس جي جيئري انقلاب آيو؟

سندس ڪتاب داس ڪيپيٽال پوري مستقبل جو آئينو هو. مفڪر جيڪي آهن. اهي اڳ ۾ سوچيندا آهن ۽ حالتون ڪڏهن انهن جي زندگيءَ ۾ تبديل ٿينديون آهن. ڪڏهن گهڻو پوءِ، ڪاسترو جي زندگيءَ ۾ حالتون تبديل ٿيون، ماوزي تنگ جي زندگيءَ ۾ تبديل ٿيون. ڪيترن جي زندگيءَ ۾ تبديل نه ٿينديون آهن، اينگلز بدر هو. اپڪونن هو. اهڙا ڪيئي انقلابي هئا

منهنجي پنهنجي به سمجهه آهي ۽ ڪيترا منهنجا به. ٻيا ساٿي سڀ آهن. اها نه اڄائي ڳالهه آهي ته ٽي. ايس. ايليٽ کان پڇجي ته ٽوبر ۽ شيڪسپيئر ۾ ڪهڙو فرق آهي. (ڀٽائي ٽريڪٽ ڪونه لکيو آهي. اوهان ٽريڪٽ لکيو آهي. منهنجي دور جي ٽيڪنڪ ظلم جي خلاف، منهنجو اڳهه پڇين ته آمر - وغيره ان جو ڪهڙو سبب آهي، ڀٽائي اهين ڇو لکيو آهي هميشه ان ٽريڪٽ؟ اعجاز منگي).

اياز: ڀٽائي ۾ نور محمد ڪلهوڙي سان ٽڪر ڏيڻ جي جرئت نه هوندي! (مسڪرائيندي). مان ڪيئن چوان ته ڇو نه لکيائين (کلندي). ڀٽائيءَ جي دور ۾ ٻاهرين حملن جي ڪاهه ٿي. انهن جي خلاف لکڻ جو جوکو ڀٽائي کڻڻ نٿي چاهيو يا نه ٿي کڻڻ چاهيو. دراصل ڳالهه، ته ماڻهو شاعريءَ کي گهڻو Distort ڪن ٿا، ڀٽائي ڪو سياسي شاعر ڪونه هو، هن کي اسين سياسي شاعر ڪري پيش ڪيون. ته ته ڀٽائي پنهنجي دور جا جيڪي تصور هئا جن انهن جي هڪ قسم جي گهيراءُ ۾ هيو. ڀٽائي صوفي هو. ڀٽائيءَ جو پيغام سچو روحاني پيغام آهي. پر ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ پنهنجي ماڻهن جي اذيت جا اثر ٿيا آهن. ورجل هومر وغيره ۾ توهان کي اهي ڳالهيون ڪونه ملنديون. انهن خاص ڪري پنهنجي دور، پنهنجي عوام جي ڏک سور سان ايتري وابستگي ڪونه رکي آهي. شاهه صاحب علامتون ۽ سمبل سمورا عوام جي زندگيءَ مان کنيا آهن پر ميسيج هن جو سچو روحاني هو، اسپرچوئل هو ۽ اسپرچوئلزم جي ٻاري ۾ هن جو پنهنجو تخيل تصرف وارو هو.

ساري سڪ سبق، شريعت سندر سهڻي،
طريقتان تکو وهي، حقيقت جو حق
معرفت مرڪ، اصل عاشقن جو.

انهن جي ڳالهه ئي رهجي وئي صفا، ۽ جڏهن مثال ڏيڻ آيو ته حالتون تبديل ٿي ويون ۽ هن وقت جيڪڏهن گورباچوف جو نظريو کڻنداسين ته وري جڏهن اليگزينڊر هرزن موٽي ٿو ٿيو اچي (کلندي)، لينن واري ڳالهه ته هو ناني طور ڪم آڻي رهيو آهي. اهڙي نموني مختلف حالتون هونديون آهن. ڪن جون ڳالهيون حقيقت ٿينديون آهن. پڙس ڪيئون ڪان اڳ ۾ ڪيترا نه لکندڙ هئا! ڪن جي زندگيءَ ۾ ٿي ڪن جي ۾ نه ٿي:

انارڪسٽ ڪيترا ٿيا آهن.

ڇا انهن چاهيو هو ته پڙس ڪيئون ٿيندي؟

اهو ضروري ناهي ته تبديليون زندگيءَ ۾ اچن. في الحال هڪڙي منزل ته اچي وئي آهي اوهان جي زندگيءَ ۾. توهان آمريت مان نڪتا. جان ڇڏائي آهي. مون هميشه آمريت جي خلاف لکيو آهي.

رخسانه: ڀٽائي جي شاعري ۽ اوهان جي شاعريءَ ۾ ڪهڙو بنيادي فرق آهي؟

اياز: ڀٽائي مون کان اڍائي سؤ سال اڳ ۾ پيدا ٿيو هو (کلندي) بس فرق اهو ئي آهي. بنيادي فرق اهو آهي ته هن ڇڙو بيت ۽ وائي لکي ۽ مون هر قسم جي صنف تي لکيو آهي. مون پنهنجي دور جي حالتن کي متاثر ٿي لکيو آهي، هن پنهنجي دور جي حالتن کان متاثر ٿي لکيو هو. مون ته اهڙو شعر به لکيو آهي ته، آءٌ ڀٽائي ناهيان، جيڪو منهنجي نئين ڪتاب "جهڙ ڦيٽان نه لهي" ۾ آيل آهي. هن جي پنهنجي ڳالهه هئي، منهنجي پنهنجي ڳالهه آهي، هن جي شاعري پنهنجي دور جي آئينه دار هئي منهنجي پنهنجي دور جي آهي. هن جا ڪي بنيادي سچ هئا، ممڪن آهي هن جا ڪيترائي بنيادي سچ منهنجيءَ شاعريءَ ۾ به هجن،

اياز: (گذريل ڏهاڪا ماڻ) خاص سبب اهو آهي ته هاڻي مان ٦٦-٦٧ ورهين جو آهيان، گهڙي وقت ته زندگي اوندهه ۾ گم ٿي سگهندي آهي. جيڪو لکڻو آهي سو لکي وٺان. ستن مهينن کان بيمار آهيان. مونکي پنهنجي پٽ جهلي ڇڏيو هو ته، ريسٽ ڪندو ڪر بابا ۽ رات جو ڏهين بجي پڙهي سمهي پوندو ڪر. پوءِ رات جو ويليم ٥ جون گوريون وٺندو هئس اهو مان هن ڪتاب "اڇڙ نيڻان نه لهي" ۾ به لکيو آهي ته گوريون وٺي سمهندو هئس ڇاڪاڻ ته مونکي ننڊ نه ايندي هئي. ننڊ مان ٢ بجي رات جو اٿي، مان ڇهين بجي تائين لکندو هئس ۽ اهو "جهڙ نيڻان نه لهي" مون بيماريءَ دوران لکيو آهي. سڄي دنيا جي شاعريءَ ۾ ان جو مثال ڪونه ٿو ملي. انگريز شاعر ڪولرج آفيم جي هڪڙي پڙيءَ ۾ هڪ پورو نظم لکي هئي، قبلائي خان، ته اڃان تائين ان جون ڳالهيون ٿيون ڳائجن. گو ٿڏي ٻه نظم لکيا ها، ننڊ مان اٿي ڪري، ته اڃان تائين ماڻهو ان جون ڳالهيون ٿا ڪن. هي ته پورو ڪتاب آ. منهنجا ٻه ڪتاب "اڪن ٻيرا ڦليا" ۽ "جهڙ نيڻان نه لهي" جي ڪٺا ڪندو ته شاهه جي رسالي کان وڏا ٿيندا ۽ آهن به. انهيءَ ساڳئي اسٽائيل ۾، بيت ۽ وايون آهن، جيڪي مان ٽن يا چئن مهينن ۾ لکيا هوندا. (ان جو سبب اسوهان جي بيماري آ؟ اعجاز منگي).

اياز: نه بيماري سبب ناهي، پر وقت ٿورو وڃي رهيو آهي، جيڪو زندگيءَ جو سڄو نچوڙ آهي اهو مان ٻين ذهنن منتقل ڪرڻ ٿو چاهيان. هڪ ته چار سال زندگيءَ جا مون وڃايا آهن، وائس چانسلريءَ ۾. منهنجو MAIN PERSUIT ته شاعري آهي، ٻيون شيون ته فروعي آهن، منهنجي زندگيءَ ۾ انهن جي ايڏي اهميت ناهي. باقي اندر ۾ مونکي اڄ

هائي، مان اهڙي قسم جو شعر ڪو نه لکندس، منهنجي لاءِ حقيقت طريقت وغيره اهي جيڪي ڳالهيون آهن ڪا خاص اهميت ڪو نه ٿيون رکن. هن جي لاءِ تمام وڏي اهميت رکنديون هيون، ڇاڪاڻ ته انهي دور ۾ معنيٰ واريون (Meaningful) ڳالهيون هيون.

(ڀٽائي BASICALLY MYSTIC POET (صوفي شاعر) هو، توهان BASICALLY ڇا آهيو؟ اعجاز منگي).

اياز: ڀٽائي بيسيڪلي مسٽڪ شاعر هو، مان بيسيڪلي مسٽڪ شاعر آهيان. منهنجي پوليٽڪل پوزيشن نه آهي. پنهنجي دور سان جا اثرات مون تي آهن پر LIFE ڏانهن APPROACH منهنجي مسٽيڪل آهي.

انعام شيخ: جيڪڏهن اديب جي فن جا اولڙا سندس شخصي عمل سان راڄي نه هلن ته پوءِ فن جي ڪهڙي ۽ ڪيتري اهميت رهي ٿي؟

اياز: پوءِ به فن جي اهميت رهي ٿي، پر اها ڳالهه ته ذاتي چڱي آهي ته فن ۽ زندگيءَ ۾ مطابقت هجي. بهرحال اهميت ته پوءِ به آهي ئي، ڏسو، غالب جي زندگي ۽ فن ۾ ڪيڏو فرق هو سير ترف جي واسطي قصيدا پيو لکندو هو، انگريزن جي ڏينهن ۾، ڪڏهن ڪئين جي شان ۾. مون وٽ اهي قصيدا لکيل آهن جيڪي سير ترف لاءِ لکيائين.

اهڙي قسم جون ڪيتريون سٽون آهن غالب جون.

آپڪا بندا اور ڦرون ننگا

آپڪا نوڪر اور کائون اُڌار وغيره.

زيب سنڌي: اوهان پنهنجي سڄي ادبي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به وقت اپٽو ڏهڪو / ليڙيءَ سان نه لکيو آهي، جيترو اهڪاهه لکي رهيا آهيو. ان جو ڪو خاص سبب؟

ڪيترن ماڻهن ته غلط پروجيڪشن ۾ شاعري ڪري دنيا بدلائي آهي، پوءِ هاڻي انهن تي ڪهڙي Comment ڪجي.

نعيم شاه: ڪاميو ۽ سارتر جي جهيڙي کي اوهان ڪيئن سلجهائيندؤ؟

اياز: (سوچيندي) ڪاميو پنهنجي دور جو هڪڙو VISIONARY هو، هن ڪميونزم کان اڳتي پيئي ڏٺو. انهيءَ دور ۾ جيڪو ظلم ۽ تشدد ٿي رهيو هو، جيڪو دؤر اسٽالن جو هو جنهن کي اڄ گورباچوف وارا تسليم ٿا ڪن. هن کي اعتبار هو ته اسٽالن ظلم ڪري رهيو آهي انهيءَ ڪري هن پنهنجو ڪتاب PLAGUE (پليگ) لکيو ۽ انهيءَ ناول ۾ هن ان دؤر کي SYMBOLISE ڪيو آهي. انهيءَ ڪري ڪاميو ڪنهن به پارٽيءَ سان ڪمٽمينٽ نه ڪئي. پوءِ-ن ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ هيو پر پوءِ ڇڏي آيو. سارتر جي پنهنجي فلاسافيءَ EXISTENTIONALISM جو ESSENCE (نچوڙ) اهو هو ته توکي CHOICE (چونڊ) ڪرڻي آهي پر ALTERNATIVES تنهنجي سامهون آهن. تون سمجهين ٿو پيئي برا آهن، ڀلي برا هجن پر هڪڙو گهٽ برو هوندو ٻيو وڌيڪ برو هوندو، پوءِ گهٽ برو توکي چونڊڻو پوندو. سو هر SIIUATION (حالت) ۾ ماڻهوءَ کي هڪڙو EXITTENTIION LIST CHOICE (موجوديت جي چونڊ) آهي ۽ اهو هن CHOICE ڪيو ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان گڏ ڪم ڪندو رهيو. حالانڪ هن جا پنهنجا رفيق هئا، پنهنجي LITRARY STYLE (ادبي نمونو) هئي. جنهنجا لاڙا هيڊگر، دوستوسڪي، ڪرڪيگارڊ سڀئي ۾ ملن ٿا. هن ان لئي BEING AND NOTHINGNESS ذري گهٽ DAS CAPITAL جيڏو ضخيم ڪتاب لکيو آهي. جڏهن مون اهو ڪتاب پڙهيو ته مون کي سمجهڻ لاءِ EFFORT

INNER RESERVOIR اهڙي نہ آهي جو مان ٢٥، ٣٠ ڪتاب پيا نہ لکي سگهان ٿو، جيڪڏهن مان چاق هجان. مون اهي ٻہ ٻان ڪتاب توهان کي ٽن ڪلاڪن ۾ لکي ڏنا. پر توهان کي انهن مان ڪلاڪن جو احساس ڪونہ ٿيندو، تڪڙ ۾ مان. ڇاڪاڻ تہ مان توهان کي ڪلاڪن جو احساس ڏيڻ ٿو. تڪڙ ۾ نہ. ڪلاڪن جو احساس ڪونهي. پيو ماٺو نہ. سڄي زندگيءَ ۾ اهڙو هڪڙو ڪتاب مشڪل سان لکي سگهي.

اخلاق مهراڻوي: حالتن ۾ اندر طوفان ۾ ڇا، شيخ اياز، شيخ اياز رهندو؟

اياز: دراصل انهيءَ طوفان جي (جيڪڏهن آيو) تہ مذهبي شاعريءَ ۾ پيشنگوئي آهي ۽ مستقبل جو آئينو آهي مذهبي شاعري.

مظفر چانڊيو: اهي شاعر جيڪي ظلم سان ٽڪر ۾ اچي ڪري قتل ڪيا ويا ۽ اهي شاعر جيڪي فطري موت مئا، انهن ٻنهي جي عظمتن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

اياز: جي ڪوئي ظلم سان ٽڪر کائي ۽ شاعري بہ عظيم ڪري سگهي تہ وڏي ڳالهہ آهي. ڇڙو ظلم سان ٽڪر کائي تہ چين ۾ سوين شاعر انقلاب ۾ ماريا ويا، جن جي هڪڙي بہ سٽ ياد ڪانهي. پر انهن ظلم سان ٽڪر کاڌو. انهيءَ ظلم سان ٽڪر جي پنهنجي هڪڙي عظمت آ پر انهن جي شاعري تہ ڪا شيءِ ڪانہ هئي. ايتريقدر جو ماوزي تنگ جي شاعري بہ ٽڪو نہ لهي. مان ان جا ڪتاب پڙهيا آهن. مون هوچي منہ جا شاعريءَ جا ڪتاب پڙهيا آهن، ڪا شيءِ ڪونہ آهن. پر انهن دنيا بدلائي ۽ ان مقصد لاءِ سر ڏنو، هاڻي سوال آهي تہ اهو سر هڪ با معني مقصد لاءِ ڏنو ويو، دنيا صحيح ڊائريڪشن ۾ بدلائي وئي يا غلط ڊائريڪشن ۾ (کلندي)

منهنجي لاءِ آهي. Christopher Codwel (ڪرسٽافر ڪاڊويل) ڪتاب لکيو آهي جنهن ۾ ڄاڻايو اٿائين ته اهو ئي هڪ بورجوا قدر (Value) آهي ۽ ان کي اهميت نه ڏيڻ گهرجي. اهي جذباتي بورجوائي ڳالهيون آهن. هڪ لائيف پلان ڪري ٻارن جو پراڊڪشن ڪيو وڃي.

مان ڪنهن وقت ان ڳالهه کان ايترو متاثر ٿيو هئس جو اردوءَ ۾ مون هڪ نظم لکيو آهي جيڪو ”نيل ڪمل“ ۽ ”نيم ڪي پتي“ ۾ ڇپيو آهي:-

عشق مين ني ڀي ڪيا هي يارو،

ڪي ماڻهو تمام ثقيل ٿا ٿين ۽ انهن جي زندگيءَ ۾ ممڪن آهي اها خوشي ايندي ئي نه هجي. ڪن جي زندگيءَ ۾ اچي ٿي. ڪي ماڻهو سڄي عمر اها ڪيفيت ۽ خوشي ماڻين ٿا. اها پنهنجي جاءِ تي هڪ بامعني ڳالهه آهي. ول ڊيوران کي پڇاڙيءَ ڏائين هن جي زال مدد ڪندي رهي ۽ ڪيترا ڪتاب لکيائين!

ان موضوع تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن. عشق جي وضاحت هر ڪو ماڻهو پاڻ ڪري سگهندو. مان نٿو ڀانيان ته ان جي ڪا قطعي وضاحت ٿي سگهندي. سيمان ڊي بووار سارتر کي تمام گهڻو سهارو ڏنو.

پر انهن پاڻ ۾ فيصلو ڪيو هو ته رهنداسين گڏ ۽ شادي به نه ڪنداسين. مونکي ياد ٿو اچي ته مون هن جي آٽوبائيوگرافيءَ ۾ ڪٿي پڙهيو هو ته هڪ آمريڪن رائيٽر سان هن جو عشق ٿيو ۽ هيءَ ان جي ڪڍ چڙهي هوندي هئي. هڪ ساهيڙيءَ ڪئي ڳالهه ڪيائين، هن چيس ته، ان جي معنيٰ آهي You have been dishonest to sartre? جواب ۾ چيائينس

(ڪوشش) ڪرڻي پئي، ۽ مون کي ڪافي وقت لڳو هيو. ڪڏهن مهل ته ماڻهوءَ کي واقعي SWEEP ڪري ٿو وڃي ۽ هن جي ٿورائتا جي ته، ڏاڍي سٺي آهي جا مون شوق سان پڙهي. ڪامو پنهنجي جڳهه تي هڪ MASTER MIND هيو. ان وچاري جي لائيف CUT SHORT ٿي وئي ۽ ايڪسيڊنٽ ۾ مري ويو ۽ چاليهارو سال کن عمر هئس. مونکي هن جي ناولن OUTSIDER وغيره متاثر ته ڪيو. مون کي هن جي ناول PLAGUE متاثر ڪيو، ۽ سندس نوٽ بڪ ڏاڍا سٺا آهن (۽ REBEL - اعجاز مهدي).

اياز:- هائو ريبل به چڱو هيو. (۽ FALL اعجاز مهدي) ته فال نڍڙو ناول هيو. آئوٽ سائيڊر وانگي. مون کي ته وڻيو. بهرحال ڪامو جي ڪميونزم سان ڪميٽمينٽ نه ٿي وڃي TESISTANCE MOVEMENT امزاحمتي تحريڪا ۾ پئي ڏڏ هوندا هئا. ۽ مان سمجهان ٿو ڪامو ته ڊيگال سان هيو (خير ڊيگال سان هيا يا نه هيا) پر RESISTENCE MOVEMENT ته ڊيگال LEAD (اڳواڻي) ڪئي. فرانس ۾ جڏهن Resistence Movement ختم ٿي ته پوءِ شايد هن جو ساٿ نه ڏنو. پوءِ ٻين ڏينهن ۾ هن جو اختلاف هو پارٽي ۾، پهرين ڏينهن ۾ به اهو اڀرو سرعام نه هيو. هر روز وڙهندا ڪونه هئا. ٻيا هڪ ٻئي کي جواب نه ڏيندا هئا پر هڪ ٻئي کان ڇڄي ويا هيا.

مظهر چانڊيو: عشق ڇا آهي؟

اياز: (ڪجهه وقت جي خاموشيءَ کانپوءِ) انسان جي پاڳل جيڪل رومانس به ان ۾ آهي، ممڪن آهي ته ماڻهوءَ جي ڪڏهن اڳين جنم جو ڪو واسطو هجي، جي اڳيون جنم آهي ؛ هڪڙي ماڻهوءَ کي ڏسڻ سان سڃاڻي وٺجي ٿو ته هي

سؤ ڀيرا ڦاهيءَ تي ٿو چڙهي، اهو تضاد، توهان جي ذات ۾ ڪيئن ٿو حل ٿئي؟

اياز: ڀورائين ته ڪڏهن وڪيل کي اها خبر نه هوندي آهي ته هي جيڪو مجرم چيو وڃي ٿو، انهيءَ واقعي ڏوهه ڪيو آهي يا نه، ۽ پيشي جي اها هڪڙي ضرورت آهي ته ان کان اهو پڇيو نه وڃي ته تو اهو ڏوهه ڪيو آهي يا نه. قانون ۾ هر انسان کي بي ڏوهي سمجهيو ٿو وڃي جيستائين هن تي ڏوهه ثابت نٿو ٿئي. تڏهن ڪانئوءِ ماڻهن جي نظر ۾ ته انسان ڏوهي هجي پر قانون جي نظر ۾ نه، هو ڏوهي هجي ئي نه، يا ته انهيءَ حد جو ڏوهي نه هجي. مثال طور ماڻهن جي نظر ۾ ڪنهن خون ڪيو هجي. پر هن غصي ۾ اچي خون ڪيو هجي. هن غيرت جي ڪري خون ڪيو هجي يا ڪيس فقط ايڪسيڊنٽ جو هجي پر عام طور تي فرض اهو ٿا ڪيون جو بورجوائي فلسفي قانون (Jurisprudence) آهي ته Man is persumed to be innocent till he is proved guilty جيڪا ڪميونسٽ جيورس پروڊنس ۾ نه آهي انهن مطابق ته Man is presumed to be guilty till he proves his innocence پر هاڻي ته هو به انهيءَ تي سوچي رهيا آهن ته Benefit of d uht (شڪ جو فائدو) ملزم کي ڏنو وڃي ۽ ان جو ڏوهه ثابت ڪرڻ سرڪاري وڪيل جو ڪم آهي. هڪڙي انسان کي جيڪڏهن قانون فائدو ڏئي ٿو ۽ هو انهيءَ مقدمي مان نڪري ٿو وڃي ته ڪنهن کي ڪهڙو اعتراض ٿيڻ گهرجي.

(مسڪرائيندي) مون کي ڦاهي ته ڪونه چاڙهيو اٿئون، مون کي ڪيترا ڀيرا جيل ۾ وڌو اٿائون.

منصور قادر جو ٽيجو: نهرو سياستدان هو ۽ اوهان شاعر: ٻڌايو ته ڪهڙو سبب هو جو هڪ سياستدان آڏو اوهان جي بزم شاعريءَ هارايو؟

No, I have been perfectly honest to him, I have told him every thing.

۽ اهو پنهنجو معيار هو، هن جي محبت جو، ۽ مون سارتر کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو آهي، اڪي منهنجو اهو حق آهي ۽ مان ڪٿي به عشق ڪيان. ان ٻوءِ سڄي زندگي گذاريائيندس. ٻڌائي ۽ لائين هن جي سارتر جي اخلاق ۾ دلچسپي هئي، حالانڪ رهندا ٻئي جدا هئا ۽ سارتر جا ٻيا به معاشقا هوندا هئا. هن جون ڪيترائون ڇوڪريون دوست هونديون هيون. اها سموري سيمان کي خبر هوندي هئي.

ان ناول ۾ هن IRON IN THE SOUL وغيره لکيو آهي. (توهان کي زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙي سيما لي ٻوار جي ضرورت محسوس ٿي آهي؟ اعجاز منگي). جيتري قدر منهنجي ڳالهه آهي ته مان پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن آهيان، مون کي اهڙي قسم جي ڪا به ضرورت محسوس ڪانه ٿي. اها ڳالهه يورپ جا ماڻهو سوچي سگهن ٿا.

رونا قاضي: توهان جي زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو صدمو ڪهڙو آهي؟

اياز: (ڪجهه وقت جي خاموشي کانپوءِ) ڪهڙو صدمو؟ ماڻهو مري ٿو ٻيو روئي ٿو ان جو وقتي صدمو ٿئي ٿو. باقي وڏي ۾ وڏو صدمو مون کي ڪونه سٺو آهي.

سارنگ: ”توهان لکيو آهي ته، پيار ته مون هڪ ڀيرو ڪيو آ.“ ڇا توهان ان پيار جو نالو ۽ حوالو ٻڌائڻ پسند ڪندؤ؟

اياز: نه،

مونس اياز: شيخ اياز وڪيل جيڪو مجرمن کي ڦاهيءَ تان ڇڏائي ٿو اچي ۽ شيخ اياز شاعر جيڪو مظلومن لاءِ ٻاڦ

سونهن اهڙو گهٽ آدميءَ جا نه، چانڊنيءَ ۾ نه، پيار ۾ هئا.

ذوالفقار: زندگيءَ ڏانهن اوهانجو رويو ايترو ڪمپرومائيزنگ ڇو آهي ؟

اياز: مان نه ڀانيان ٿو ته، مون جهڙو ان - ڪمپرومائيزنگ ماڻهو هن سڄي برصغير ۾ پيدا ٿيوئي ڪونه آهي. اهو مان فخر سان چوان ٿو ۽ تاريخ مونکي Judge ڪندي. هڪ شاعر جي حيثيت ۾ بلڪل هڪڙو ان - ڪمپرومائيزنگ ماڻهو آهيان.

انعام شيخ: سونهن جي متعلق اوهانجو ڪهڙو تصور آهي ۽ ان جي سرچشمي جو بنيادي محرڪ ڪهڙو آهي ؟

اياز: بار سونهن جي تصور جي ڳالهه ٿو ڪريان ته انهيءَ تي پورو ڪتاب فلسفه جماليات (Philosophy of Aesthetics) لکي سگهجي ٿو. هڪڙي جملي ۾ ته اها ڳالهه ماڻهو ڪونه ٿو ٻڌائي سگهي. جيڪا به ڳالهه ماڻهوءَ کي وڻي ٿي ته پوءِ اهي انسان آهن، اهي گل آهن، اهو شفق جو رنگ آهي جنهن ۾ ا (Harmoney) آهي، اها سونهن آهي.

شرجيل: هڪ ڪلاڪار کي پنهنجي ۽ پنهنجي فن جي ناقدري ۽ ان تي ٿيندڙ تنقيد جي ابتڙ جو ڪيس پاڻ وڙهڻ گهرجي يا پنهنجي مسئلن وانگر ان کي به ايندڙ نسلن لاءِ پينڊنگ ۾ رکي ڇڏجي ؟

اياز: مون کي نه پاڻ وڙهڻ چڱو ٿو لڳندو آهي. نه وري مون کي ان لاءِ فرصت آهي. مون ڪڏهن به سڄي زندگيءَ ۾ ڪنهن انسان کي جواب پاڻ ڪونه ڏنو آهي. باقي رهيو ايندڙ نسل. مان شايد خوش نصيب ماڻهو آهيان ته هي نسل ئي منهنجي لاءِ وڙهي رهيو آهي.

عبدالقادر جوڻيجو: ٻلونت ورما، آمريڪا شهر پڙهڻ ويو ته

اياز: منهنجي پر عزم شاعريءَ هارايو ڪهڙي حساب سان؟ مان ته هڪ چونڊيل وزيرِاعظم جو ساٿ ڏنو، ۽ انهيءَ جو نعم البدل مارشل لا هو. مارشل لا کي ته مان ڪنهن به صورت ۾ پسند نه ڪيان ها، مان جمهوريت جو ساٿ ڏنو. ڀٽو صاحب انهيءَ جو چونڊيل وزيرِاعظم هو. جيڪڏهن ڪي غلطيون هيون به ته انهيءَ جون هيون، انهن ۾ منهنجو ڪو هٿ ڪونه هو. دراصل سنڌ هن جي پائي جو ڪو وڏو سياستدان پيدا نه ڪيو آ، ڀٽو هڪ وڏو ماڻهو هو. مون هن جي زندگيءَ تي ڪو نظم نه لکيو آهي. هن جي موت تي اڀار مون لکيو آهي ۽ موت ۾ تمام وڏو ماڻهو هو.

سوال: محبت ۽ نفرت جو ڪهڙو ڪردار آهي؟ خاص ڪري شيخ اياز جي زندگيءَ ۾.

Role of anger and love in one's life, specially in the life of Shaik Ayaz?

اياز: هر انسان جي زندگيءَ ۾ اهي ٻئي جذبا هڪ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا، ليکڪ جي زندگيءَ ۾ به، پيا ٿا ڪن، منهنجي زندگيءَ ۾ به. انهن ٻنهي جذبن ڪيو آهي. ڪاوڙ اچي ٿي انهن ڳالهين تي جيڪي غلط آهن، جيڪي ٻنهنجي فلسفي جي ٽاڪي پٽئي سان نه ٺهڪي ٿيون اچن، انهن تي ڪاوڙ ٿي اچي ۽ جيڪي ٺهڪي ٿيون اچن انهن تي پيار ٿو اچي. اهي منهنجي معاشري ۾ شدت سان آهن، مان نٿو ڀانيان ته برصغير ۾ ڪو به اهڙو اديب هوندو، جيڪو ٻنهنجي نفرت ۽ محبتن کي انتها شدت جي حد تائين کڻي ويو هجي. منهنجي هڪڙي نظم ۾ آهي:

اُتاهه اُتما ته ڪار ۾ ها، ته ڪار جا پيار جي سڪي آ.

اُنهن جا جيڪي مائٽ هوندا هئا، جن سان مهنجون ملاقاتون ٿيون انهن کي جيڪي سٺيون ڳالهيون هونديون هيون اهي ٻڌندو هوس. توهان ڏسندؤ ته ان Context ۾ مون لکيو آهي ته مان سڀ ڦرڪا آهن، اهي جن کي هڪ اڌ سٽ هئي، وڌيڪ نه هئي. انهن ۾ جي ڪو لفظ اچي ويندو هو ته هڪ اڌ سٽ اچي ويندي هئي، ته شاعريءَ ۾ ڪٿي نه ڪٿي ڪمي ويندي هئي. هاڻي هي ته آهي لفظ يا ٻه هڪ اڌ سٽ جو سوال، اهي ڳالهيون تحت الشعور (Sub concious mind) جي تري ۾ هلي وڃن ٿيون ۽ تنهن کانپوءِ ڪنهن مهل شعور ۾ اڀري ٿيون اچن، مثال طور، ”ڪير تو کي ڪري“ تائين مون کي فقط هڪ سٽ پنهنجي شاعريءَ جي سمجهي، جيڪا ته مهنجي دوست رڪن الدين قاسمي مهنجي ڌيان ڏي آندي هئي ته ”جيڪو ڪوني ڪٿو، سو ته اسان جي ڪرم مان“ هاڻي فارسيءَ جو شعر ڪسي ڪ ڪشته نه شد، از قبيلهٔ ماڻيست. مون کان اهو شعر وسري ويو. اهو مهنجي تحت الشعور ۾ هيو، پر جنهن مهل مون اها سٽ لکي تنهن مهل اهو شعر مون کي ياد نه هيو. پر شاه لطيف جا بيت يا ميون عنايت پڙهندؤ، لطيف الله قادري پڙهندؤ ته سڀئي سٽن جو سٽون، بيتن جا بيت شاه جي شاعريءَ ۾ آيل آهن. غالب برصغير جو ايڏو وڏو شاعر هيو جو اُردوءَ جي مشهور نقاد عبدالرحمان بجنوري چيو هو ته هندوستان جا ٻه مقدس ڪتاب آهن هڪڙو ديوان غالب ٻيو ويد يعني ويدن سان ديوان غالب کي ڀيٽيو هئائين. هاڻي غالب جو هڪڙو شعر آهي ته:

بوئي گل نالهٔ دل، دود چراغ محفل،
جو تري بزم سي نڪلا پريشان نڪلا.

سنڌ خلاف هڪ لک ماڻهن جي صحيح سان بيان جاري ڪيو ويو ته هو سي. آءِ. اي. جو ايجنٽ آهي. اڄڪلهه اوهان جي خلاف به اهڙي مهم جاري آهي، اوهان جو ان لاءِ ڪهڙو رد عمل آهي؟

اياز: ڪتا ڀونڪندا رهن ٿا، فقير رمندا رهن ٿا.

عبدالقادر جوڻيجو: فلاڻو اديب وڪرو ٿي ويو آهي، اهو جملو عام جام ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. ان جملي جي باري ۾ اوهانجو ڇا خيال آهي؟

اياز: اها ڳالهين نه سنڌ جو گورنر ڪو نه ڪيو اڳاٽون (ڪلهدي) مجيب الرحمان نه مون کي گورنر ٿيڻ ڪرڻ چاهيو ٿو وچارو ماريو ويو. ڇا سنڌ ۾ انهن ٿا سمجهن ڇا نه ڪو حق ۽ انصاف جي ڳالهه ڀلا لالچ جي ڪندو ٿي ڪونه. سنڌ ۾ شايد اهي سمجهيو ويو آ نه جيستائين ڪنهن کي وزير نه ڪيو ويندو، جيستائين ڪنهن کي گورنر نه ڪيو ويندو، جيستائين ڪنهن حڪومت جي ڀائيواري نه ڪندو، ان جي چڱائيءَ ۾ نه هوندو.

حسن مجتبيٰ: اوهان پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکيو هيو، ”نه ادب ۾ چوري مون نه ڪئي آهي نه پنهنجا پيرا ڪو نه ڇڏيا اٿم،“ ڇا توهان کي خبر آهي ته توهان ڪانوءَ سنڌ ۾ اهڙي ٻاڙهو ٿي به پيدا ٿي آهي، جنهن نه فقط اهي چوريون جهلي، اهي پيرا سڃاڻا آهن، پر انهن پيرن تي ڪارا به رکي ڇڏيا آهن؟

اياز: دراصل مون اهو، ”ڪير ٿو ڪن ڪري“ جي ٻاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ لکيو هو جيڪا ابراهيم جويي ڪتاب جو پيش لفظ ڪري ڏني هئي. انهن ڏينهن ۾ مان پوري سنڌ جو سير ڪندو رهندو هوس. اتي جيڪي سگهڙ هوندا هئا،

آهي. هرومل سدارنگاڻيءَ ڀارو ڪتاب لکيو آهي. شاهه جي ڪلام جي ماخذن تي، انهيءَ ۾ ڪيئي شعر هن ڪوٽ ڪيا آهن، جيڪي شاهه جي شاعريءَ ۾ ملجن ٿا ۽ هنديءَ مان اچي ويا آهن. مان ائين ڪونه ٿو چوان، ته شاهه کي اتان کنيا آهن. اهو ڪنهن مهل ٿئي ٿو ته شاعر جو ڪجهه مطالعو ٿو ڪري ۽ جيڪي ڪجهه پڙهي ٿو سو ته، اهو هن جي لاشعور (Sub conscious mind) ۾ ويهي ٿو وڃي. پوءِ جنهن مهل هو لکي ٿو ته اهو اُڀري ٿو اچي. شعر ته مون ۾ الهام وانگر اُڀري ايندا آهن. انهن ۾ ته سوچڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي ته اڳي ڪنهن هيئن چيو آهي.

دراصل ڇا ٿيو ته، جڏهن مان وائيس چانسلر هئس ته مون ٽي سال شاعري بلڪل ڪونه ڪئي. انهيءَ دور ۾ مون هڪڙو ڪتاب لکيو هو، ”لڙهو سج لڪن ۾“ ان ۾ آڌل ڪيترو شعر مون ڀٽي جي دور ۾ لکيو هو. مارشل لا جي ساري ۾ ڪجهه سخت نظم مون پوءِ لکيا. مصروفيون انتظامي ذميواريون تمام گهڻيون هيون، ۽ ٻيو ته مارشل لا جي دور ۾ اهڙي ته سختي هئي، جو شاعريءَ لاءِ اوراق ئي ڪٿي ويا هو. اڄ سچ مون ڪڏهن به نه پئي لکڻ چاهيو. ماڻهو لکي ٿو، سچو سچ لکي، اڄ سچ لکڻ هڪ بيڪار ۽ اجائي ڳالهه آهي. ڇاڪاڻ ته اهو ماڻهن کي پڪڙائي وجهندو آهي. منهنجو مطالعو انهن ڏينهن ۾ به جاري هئو، مطالعو منهنجو سالن کان جاري آهي. نوٽبڪ منهنجا ڪيترائي آهن. انهن ۾ منهنجا نثري نظم به آهن. ڪي نثري نظم ٻين جي شاعريءَ جو ترجمو آهن. انهن ۾ ڪيئي ٽڪر دنيا ڀر جي ناولن لاءِ به ترجمو ڪيل آهن. اهڙا نوٽ هڪ سنه ستر ايندا. مون ترجمي هيٺان ادب جو نالو ورلي ڏنو آهي. ڪيئي سال گذرڻ ڪانپوءِ پتو نٿو پوي ته انهن ۾ ڪهڙا نثر پارا

مرزا عبدالقادر بيدل دهلوي جو شعر آهي ته:

اوئي دل ناله گل دود چراغ محفل
هر ڪه از بزم تو برخواست، پريشان برخواست.

اهو ته هڪ لفظي ترجمو آهي. مطلب ته ٽوت ٻڪ هتي ٿي آهن سڪر ۾ پيا آهن. ٻر مان غالب، اقبال ۽ بيدل دهلويءَ جو تقابلي (Comparative) مطالعو ڪيو هو ته، مونکي سوين شعر اقبال ۽ غالب جي ڪلام ۾ اهڙا مليا هئا جيڪي بيدل کان ورتل هئا. ان ڪان ٻوء انهن جي عظمت ۾ گهٽتائي نه ٿي اچي چاڪاڻ ته غالب جڏهن ترجمو ٿو ڪري ته اهو بيدل جي اصل کان به سٺو ٿو لڳي حالانڪ آئيڊيا (Ideas) جيڪي آهي سا سڀئي بيدل جي آهي، مثال طور شاه عبداللطيف جا بيت ڏسو، ميران ٻائيءَ جو شعر آهي پر ڪڏهن ٻئي هنديءَ جي شاعر جو جيڪو شاه کان اڳ جو آهي.

آ سجن نيڻن ۾
پلڪ ڍانپ توئي ملون،
نا مين ديکون اور ڪو،
نا توئي ديکي اور ڪو.

"وڃي نيڻن ۾ ٿي ويهه ته آئون واري پلڪان توکي ڏسي ته ڏيڍ. آءٌ ٻيان ڪي پيو." هاڻي هي آهي لفظي ترجمو ٻئي ٻوليءَ جو شعر هندي شعر کان سٺو آهي، ته اهڙي نموني ٻولي "فريد شڪر گنج" جي پنجابي ڪلام تان ٿي لفظي لفظي ترجمو ڪيو آهي.

سر ۾ پکي هيڪڙو، ڀاڙيري پنجاه،
نيئندي آس الله، اڄ جي ڀوران وچ ۾.

اهو سڄو شعر فريد شڪر گنج جي دوهي تان کنيل آهي.
اهو پنجابي دوهو، هيٺئين ڏنل ائو اچي ٿو مون وٽ نوٽ ٿيل

صفحي 46 تي آهي، ته مون جو ٻڌي صاحب کي ٻڌايو هو ته انهن نثري نظمن ۾ ڪٿي منهنجي مطالعي جو شعوري يا غير شعوري دخل نه آهي.“ منهنجي لکيل هزارين صفحن ۾ جيڪي منهنجي مطالعي جو نتيجو آهن، انهيءَ ۾ ڏهه ٻــا ٻارنهن صفحا ڪل ٿيندا جيڪي ترجمو آهن، مون انهن مصنفن جا نالا نه لکيا جو منهنجي نوٽ بڪن ۾ اهڙا نالا ڪونـه هيا. منهنجا پنهنجا نثري نظم جيڪي لکيل آهن اوريجنل ۽ جــي ترجمو آهن، اهي سڀ خلط ملط آهن. انهيءَ ۾ منهنجي يادگيري نـه ٿي ٿي ته ڪهڙو نثر نظم ڪنهنجو آهي. ان ڪري انهن ۾ مون ڪنهنجو نالو ڪو نه ڏنو. هاڻي توهان ويچار ڪيو ته ٻين ماڻهن جا ته صفحن جا صفحا ٻين تان ورتل آهن ۽ هي ته مان پاڻ تسليم ڪري چڪو آهيان. تنهن ۾ بـه منهنجي منظوم شعر ۾ هڪڙي سٽ به ڪنهن شاعر جي ترجمو ٿيل نه آهي. انهيءَ ڪانپوءِ مون نثري نظمن جي پيار ٿي ڇڏي ڏني. جڏهن شاعري مون تي وري مينهن وانگر لٿي، تـه انهن کـــي ڇو ته منهنجا نه ٿي پيرا پڪي ڇا ڪندا، منهنجا پيرا تـه ڪارونجهر پهاڙ جي چوٽيءَ تائين ٿا وڃن. باقي ماڻهوءَ جو ٻـي انتها مطالعو ته ان تي اثر ڪري ٿو.

شبنم بلوچ : توهان ڪڏهن چيو هو، ”تـه ذات ڏک سان ڏاڍو ڳنڍيل آهي، مون ڪڏهن نه ڏٺو آهي ته اها سک جي سيڄڻي ٿي هجي.“ توهان جي خيال ۾ تخليق لاءِ ڏک ڪيتري قدر اهـم آهـــي؟ تـــوهان جي ذات جـــو پهريـــون ڏک ڪهڙو آهي؟

اياز: ڏک ماڻهوءَ کي شعر لکڻ تي اُڪسائن ٿا.

ذاتي ڏک ته ماڻهوءَ کي ڪيئي ٿين ٿا. سڄي زندگي ماڻهن جي ذاتي ڏکن سان ڀري پئي آهي، ننڍي هوندي منهنجو والد

مهنجا آهن ۽ ڪهڙا ترجمو آهن. جڏهن مون وائيس چانسلريءَ تان رٽائر ٿيو هئس ته مون کي محسوس ٿيو هو ته مان شاعري نٿو ڪري سگهان، ڏات مون کي ڇڏي وئي آهي. دل چيو ته سلسلو وري شروع ڪيان. ڪجهه نه، لکان في الحال مون نوٽ بڪن مان ڪجهه ٽڪرا چونڊيا. انهن کي نثري نظمن جو نالو ڏنو. دراصل مون ڪيترائي نثري نظم اڳ ۾ لکيا هئا، جي رشيد ڀٽيءَ اَڪ جون ڦلڙيون پنهنجي ڀٽيءَ جي نالي سان ڇپايا ها. انهن مان ڪجهه رسالن ۾ ڇپجي چڪا هئا، پر اهي ايترا سخت هئا جو مون رشيد ڀٽيءَ کي ڇپائيءَ جا پئسا ڀري ڏنا ۽ ڪتاب ناس ڪري ڇڏيو. ان مان ڪجهه ٽڪرا ۽ ڪجهه نوٽبڪن مان ٻيا ٽڪرا، "پنڌ ٿو پور ڪري" جي نالي سان ترتيب ڏنا جو ڪتاب يوسف شاهين ڇپايو. يوسف کي مان اها ڳالهه ڪئي هئي ته ڪجهه پنهنجي مطالعي ۽ ٻيا مشاهدي مان لکيا آهن. اها ساڳي ڳالهه يوسف شاهين پنهنجي مهاڳ ۾ به لکي آهي. لکيو اٿئين ته، نثري نظمن تي مشتمل هي بي مثال ڪتاب، شيخ اياز جي سڄي زندگيءَ جي تجربن، جاڳ، مطالعي ۽ مشاهدي جو نتيجو آهي. (هي ڪتاب سال ٢٠١٠ع ۾ ڇپيو هو) ساڳي ڳالهه مون ابراهيم جويي کي به چئي هئي. پر انهيءَ ڪانپوءِ ابراهيم جويي منهنجي ڪتاب جو ڪو پيش لفظ لکيو ئي ڪو نه هو. پهريون پيش لفظ جيڪو "راڄ گهاٽ تي چنڊ" تي لکيائين، انهيءَ ۾ صفحي 10/iii تي ساڳي ڳالهه نه هئي جا شاعر مان متوقع هئي. ان سلسلي ۾ مونکي اياز ياد پوندو هو ۽ پئي ڪڏهن هند آءٌ انهن لکي به چڪو آهيان، ته ڪيترو وقت هن جي تخليقي قوتن جا سرچشما بند هئا ۽ ان ڪري ئي هن ڪٿي ڪٿي نثري نظمن ۾ پنهنجي مطالعي جو سهارو ورتو آهي. اها ڳالهه "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" جي

شاعريءَ ۾ فلسفي وانگر پاليٽڪس وانگر هر وڏو تضاد ڳولهڻ هڪ بلڪل غلط آهي. هر شاعر جي شاعريءَ ۾ توهانکي ڪيترائي ستون ملندا جيڪي متضاد آهن. هو مختلف تجربن مان گذريو هوندو. اهي نه فلسفي وانگي آهن نه سياست وانگي آهن، جو انهن ۾ بلڪل تضاد نه هجي.

اعجاز منگي: ٽئگور، لطيف، فيض ۽ ٻين ڪيترن ئي وڏن شاعرن ۾ تنهائي ۽ ٽوڙجڻ نظر اچي ٿي، ان جي برعڪس اوهانجي شاعريءَ ۾ "مان" جو گهڻو وجاءُ نظر ٿو اچي. ان جي اوهان وٽ ڪهڙي وضاحت آهي؟

اياز: اهو ڪنهن جو سوال آهي؟

قاسم ٻگهيو: اعجاز منگيءَ جو.

اياز: تو ٽئگور سڄو پڙهيو آهي، جو چئين ٿو انهيءَ ۾ "مان" جو لفظ ڪونهي.

اعجاز منگي: ڪافي پڙهيو اٿم.

اياز: مان جڏهن آءٌ چوانٿو نه ان ڪري پنهنجي ذات تائين نه ڪونه ٿو رکان. ڪوئي تخيل منهنجي اڳيان آهي. (اهو سوال ٻيهر ڪر- اياز. قاسم ٻگهيو سوال دهرائي ٿو) باقي تنهائي ۽ ٽوڙجڻ نه شاعر جي روح جو فالج آ. اهو ئي فرق مون ۾ ۽ نارائڻ شيام ۾ هو. هن ڪتاب ۾ لکيو آهي ته، "نه، پنهنجي زندگي اهڙي نه، پنهنجي شاعري اهڙي." پوءِ ان جو ذڪر ڇا جي لاءِ ڪيون؟ ماڻهوءَ ۾ جيڪڏهن خود اعتمادي ڪانهي ته مان جيڪي لکيو آ،

لوح جهان تي، حرف مڪرر نهين هون مين.

ڇا اها غالب ۾ "مين" ناهي؟ هن چيو آهي ته، "مان زندگيءَ جي تختي تي ٻيرا لکيل لفظ ناهيان. مان هڪ ٻيرو لکيل آهيان. اهو اعتماد جيستائين ليکڪ ۾ ناهي تيستائين

گذاري ويو. ممڪن آهي منهنجو ٻاراڻو ڏک اهو نه هجي.
اهي سڀ نه ڏک، لاشعور ۾ ويهي ٿا رهن، شعوري طرح
ته ماڻهوءَ کي شايد نه خيال ۾ رهن ٿا.

اعجاز منگي: توهانجي ڪتاب ”وڄون وسڻ آيون“ ۾
هڪ نظم آهي ته ”پورهيت لاءِ پرديس به ساڳيو، ديس به
ساڳيو“ ۽ هاڻي اوهانجي تازي مجموعي ۾ اوهان لکيو آهي
ته ”ساري قوم به ظالم آهي، اوچ به ظالم نيچ به ظالم“.
ڇا اها اوهان جي خيالن ۾ تبديلي آهي يا ٻه مختلف
تصور آهن؟

اياز: اهي ٻئي ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي صحيح آهن؟

فوزيه: تخليقي عمل وقت اوهان جي ڪهڙي ڪيفيت
هوندي آهي؟

اياز: شاعري مون تي الهام وانگر ايندي آهي.

مان جڏهن ٽوڪي پڙهيو ته ٽن مهينن ۾ مون ايترو لکيو آهي
جيترو پنهنجي اڌ زندگيءَ ۾ لکيو هو، اهو به بيماريءَ
جي بستري تي سمهي ڪري ۽ رات جو ٻن کان ڇهين ٻجي
صبح تائين. اها اهڙي ڪيفيت هوندي آهي جڏهن ڪي ماڻهو
جنون سان بيت ڪري سگهي ٿو. ان جو تفصيلي ذڪر فقير
محمد لاشاريءَ سان گفتگوءَ ۾ مون ڪيو آهي. ڪتاب ڪراچيءَ
جا ڏينهن ۽ راتيون ۾، تخليق شعر ۽ ادب جي ڪيترن ئي
ٿئي ٻا مان ڪيترن ئي ڪيان، انهيءَ جو سڄو ذڪر
ان ۾ آهي.

اعجاز منگي: ١٩٧٢ع ۾ توهان لکيو هو ”هن ديس سڄي
کي ساڻي آ“، هاڻي ديس جي حالت ڪهڙي آهي؟

اياز: ڏيهه ۾ گهٽ ساڻسي آ. اهڙي ڇڪي آئس،
تهون وقت هئس.

۽ مان توهان کي فارسي شاعر عرفي جو غزل ٻڌايان. انهيءَ ۾ آسمان شست، مکان نيست جهڙو قافيو ۽ رديف هيا، سڀ واهه واهه ڪندا رهيا، آخري جيڪو مقطع هو انهيءَ جي ٻه ٻون شعر هيو. ”تو اي ڪه محو سخن گستران پيشيني- مباش منڪر غالب ڪه در زمان تست.“ اوهان جي اڳين شاعرن جي ڪلام ۾ محو آهيو ته غالب جا منڪر نه ٿيو جيڪو توهان جي ملڪ ۾ ٿو رهي. اهو غزل دراصل غالب جو پنهنجو هو. انهيءَ سان ئي اها ويڙن هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن دربار ۾ ويندو هو، اتي وچڙ ۾ چڙي ڏئين. بهادر شاه ظفر ڪڏهن ڪڏهن مهل خانخواه ناراض هوندو هوس، ذوق جي شڪايت جي ڪري.

هر جينئس ماڻهو پنهنجي دور کان اڳي پيدا ٿيندو آهي. آهي. هو ٥٠ سال ١٠٠ سال پنهنجي دور کان اڳي هوندو آهي ان ڪري هن جا همعصر ان جي VISION (تصور) تائين پهچي ئي نه سگهندا آهن. جي ان دور جا ماڻهو ان کي چڱي طرح سمجهي سگهن ۽ مخالفت نه ڪن ته پڪ سمجهو ته اهو انهيءَ دور ۾ مري ويندو. اهو اڳتي هلي ئي نه سگهندو ۽ ڇاڪاڻ جو هن جي دور جا همعصر هن کان گهڻو پٺتي هوندا آهن. تنهن ڪري هن سان وڙهندا آهن مون ته انهن سمجهيو آهي. ڪيترا ماڻهو ته مونکي سمجهي ئي نه سگهندا آهن. مونکي جيڪي دل ۾ آيو آهي ته هي صحيح آهي اهو مون لکيو آهي. دراصل لکڻ مهل ته مان هڪ مجبور انسان هوندو آهيان. مان سوچي سمجهي ته لکندو ئي ڪو نه آهيان. شعر ته مونتي واقعي هڪڙي الهام وانگر ايندو آهي. نه ته ايترو شعر ايتري ٿوري عرصي ۾ ڪيئن ٿو لکي سگهجي؟ ايترا ڪتاب منهنجي همعصرن سڄي زندگيءَ ۾ نه لکيا آهن. جيڪي مون هن

لکي ڇا جي لاءِ ٿو، ڪهڙي جڪ ٿو ماري. اعتماد ته مون ۾ آهي ته جيڪي مون لکيو آهي اُنهيءَ کي پائندگي آ، ۽ مان ٿو ڀانيان ته ٽئگور ڪڏهن به ڇپيو هو ته، هن کي پائندگي ڪانهي. هوُ هڪ ويدانتي هو. هن جي زندگيءَ جو نظريو پنهنجو هو. اها توکي ٺٺائي لڳندي هجي، پر منهنجي اندر جي ڀاري ۾ مون کي اعتماد آهي.

قاسم پگهيو: ڏٺو ويو آهي ته شروع ڪاڻ ئي اديبن ۽ دانشورن طرفان توهان سان وڙهڻ، ساڙ ۽ حسد وارو رويو رهيو آهي. ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

اياز: ٽئگور سان اهي ساڳيا رويا نه رهيا؟ ٽئگور سان اها حالت ٿي جو هڪ سال رڳو انگلينڊ ويو، ته پوءِ جيڪي به ڪلڪتي جا اديب هيا تن هن جي خلاف هڪ وڏو طوفان بدتميزي مچائي ڏنو، جڏهن موٽي آيو ته ڪلڪتي نه ويو ۽ سڌو شانتي نڪيتن هليو ويو ۽ مهيني کن ڪانپوءِ نوبل پرائز مليس ته سيٺي هڪڙي اسپيشل ايڪسپريس ٽرين ڪري هن ڏانهن ويا ۽ هن کي هڪ سڳهاسن تي ويهارياٿون، هن اٽي انڪار ۾ چيو ته اهو ماکيءَ جو پيالو اوهين ڏئي رهيا آهيو، اهو چکي رکي ڇڏيان ٿو، باقي جيڪا توهان مون سان بدي ڪئي آهي سا مون کان وسري ڪانهي. مان ڪو ليڊر ٿيڻ ڪون ٿو چاهيان، مان هڪ شاعر ماڻهو آهيان، مونکي جيڪي سمجهه ۾ اچي ٿو سو لکان ٿو پيو. منهنجي لاءِ اها ڳالهه اهميت ئي نه ٿي رکي ته اهڙو ڪجهه لکان جو منهنجا پڙهاڪ پوءِ لڳ پيا به پيدا ٿين. باقي رهيو حسد، سو حسد ته ويچاري غالب سان به ٿيندو هو، هڪڙي دفعي مرزا شيفته سان ڏنڌ وڃا هئا، ڪچهري پئي هلي ته غالب کي ايتري جرئت نه ٿي جو پنهنجو شعر پڙهائي. شعر پڙهڻ لاءِ چيائونس، ته چيائين

حسن درس: ڪراچيءَ جو سمنڊ اسان سڀني جي عاشقيءَ جو گڏيل ورثو آهي، هڪ عاشق جي حيثيت ۾ توهان ان ساحل تي ٿيندڙ ستم ظريفين جو ڪهڙو نوٽيس ٿا وٺو؟

اياز: انهيءَ سان گهڻي انوالومينٽ ٿي پوي ٿي سياست ۾، حڪومت پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي. اهو پيورلي هڪ پوليٽيڪل سوال آهي.

سروش ماڪيجاڻي: سنڌ جي موجوده حالتن ۾ شاعري سماجي تبديلين جي عمل ۾ ڪهڙيءَ ريت اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي؟

اياز: شاعريءَ جي دنيا ته تمام وسيع آهي، ان ۾ ڪيترائي ڏاهيون اچي ٿيون وڃن، جيستائين جمهوريت جي بقا ۽ ارتقا نه ٿو ٿئي تيستائين ڪو ڪردار ادا ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيو پوي. اسانجي شاعري ڪا سماجي تبديليءَ لاءِ ڪردار ادا ڪري ٿي ته، وري اسان تي آمريت مسلط نه ٿئي. سنڌ جي پنهنجي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن حساب سان لکيو ويو. انهن ته لکيو ويو جو سنڌ کي ڪڏهن گهٽي ۾ ڦاسايو ويو همیشه جي واسطي، مسين مسين ته ٻارهن سالن کانپوءِ وڃي آمريت مان جان ڇٽي آ. هروڀرو ڇا ضروري آهي ته ٢٤ ڪلاڪ انقلاب انقلاب ڪندو وتي ماڻهو؟ هاڻي اسانکي هڪڙي آمريت مان ته آزادي ملي آهي. ويلفيئراسٽيٽ لاءِ حڪومت ڪوشش ڪري رهي آهي. ان ڪري توهان ڏسندؤ ته مهنجا پويان ٻه ڪتاب "جهڙ ٽيڪان نه لهي" ۽ "اڪن تيرا ڦليا". انهن ۾ محسوسات تي ۽ نيچر پوئٽريءَ تي ۽ انسان جا جيڪي گوناگون جذبا آهن، انهن تي مون گهڻو ڪنسنٽريٽ ڪيو آهي. پوليٽيڪل پوئٽري گهٽ آ.

قاسم پگهيو: اديبن، دانشورن توڙي ادب دوست ماڻهن

ڏهن سالن ۾ لکيا آهن. آمد جي هڪڙي ڪيفيت ٿيندي آهي، اُردوءَ ۾ چوندا آمد ۽ آورد ۽ نه آورد واري ڪيفيت نه مون ۾ آهي ڪانه.

آمد واري ڪيفيت ٢٤ ڪلاڪ ٿي هوندي آهي. ڪجهه عرصي لاءِ. انهن ڪلاڪن ۾ مان شاعري چئي ڏيندو آهيان. ڪجهه لکي نه سگهندو آهيان. اها ڪيفيت ڏهه سال سانده رهي آهي، هينئر نه واندو هئس ۽ ڪافي وقت مليو. جيڪر گهڻو لکي وڃان ها پر بيمار ٿو رهان.

جاويد: هيءَ حڪومت ڪهڙيون غلطيون ڪري رهي آهي؟

اياز: هن حڪومت جي ڪا خاص غلطي نه مونکي نظر نٿي اچي. حڪومت تمام گهڻي سياٽپ واري اسپيڊ ورتي آهي ته جيڪي ماڻهو ڪميٽيڊ آهن انهن کي نوڪريون ڏنيون، جن ماڻهن جيل ڪاٽيا، جن ڪوڙا کاڌا، جن سزائون ڪاٽيون ۽ انهن کي اڳرو ڪري رهيا آهن. هڪڙو خلا جيڪو محسوس ٿئي ٿو، حڪومت جي سڄاڻي ماڻهن ۾ صلاحيتن جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي. هاڻي ان ۾ حڪومت جو ڪو ڏوهه ڪونهي. هنن سچائيءَ کي صلاحيت تي فوقيت ڏني آهي ۽ اهو صحيح ڪيو اٿن، پر جيڪڏهن سچائيءَ سان گڏ صلاحيت به ماڻهن ۾ هجي ته اها چڱي ڳالهه آهي. پارٽي ليڊرشپ ته بي انتها صلاحيتن واري آهي.

ڪوِتا: عورت جي سڄاڻپ يا هن جي باغيانا ڪردار کي اياز! ٻڌران اوهان هميشه ان کي محبوبا جي روپ ۾ پيش ڇو ڪيو آهي؟

اياز: منهنجي محبوبا ڪا باغي هئي ئي ڪانه. باقي مون اهو ڪردار نه اپنايو آهي پنهنجي لکڻين ۾.

ڳالهيون اهڙيون هيون جن ۾ مونکي لکڻ جي فرصت نه پئي ملي ۽ پيو ته پڇاڙي واري دور ۾ مون گهٽ لکيو ۽ مارشل لا جي دور ۾ تمام ٿورو، ان جو سبب مون اڳ ۾ ٻڌايو ته مون اڻ سچ نه پئي لکڻ چاهيو. جيڪي سچو سچ لکان ها، ته انهيءَ ڏينهن ۾ ضيا مونکي ڦاهي چاڙهي ها.

عبدالرحيم ناگوري: توهان جي اڳين انسان کي ڏسي ۽ هاڻوڪن انسان کي ڏسي ساڳيو امپريشن ته ٿو اچي.

اياز: انتساب منهنجو شخصي معاملو آهي. جن کي چاهيان ڪيان، جن ماڻهن سان منهنجا تعلقات هوندا، دوستي هوندي انهن کي جيڪڏهن مان منسوب ڪيانٿو ته، ان ۾ ٻين کي ڪهڙو حق آهي جو اعتراض ڪن. هرو ڀرو ضروري آهي ڇا ته مان وزيراعظم سان انتساب ڪيان يا ٽئگور سان، علامه اقبال سان يا شاهه لطيف سان، منهنجي لاءِ ڀلي اهو نديءَ ۾ ٻڏيو ماڻهو هجي، ڀلي اهو چڱو ماڻهو هجي، مون سان چڱو هليو هجي، مان انهيءَ کي مستحق سمجهان، اهو ته ليکڪ جو حق آهي، مان ڪنهن کان ووٽ آف ڪانفيڊنس وٺي ته ڪتاب ڪنهن سان منسوب ڪندس. حشو ڪيولراماڻيءَ مونکي جيڪو جڏهن مان دهليءَ مان موٽان پيو هڪڙو مٽيءَ جو پائيپ مونکي ڏنائين، چيائين هي مان ان هاريءَ کي منسوب ٿو ڪيان جيڪو ٽوڪي پهرين سنڌ ۾ ملي. حشو ڪيولراماڻي انهيءَ هاريءَ کي ڇا لاءِ پائيپ منسوب ڪيو، واقفيت نه جنهن سان ڪانه هيس. اهو ته هر ليکڪ جو ذاتي معاملو آهي.

قاسم پگهيو: ثقافت ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان سنڌ ڇڏي هند ۾ ٻيا ملڪ وسائيندڙ اديبن جي حلقي جي حوالي سان ڪي يادون توهان ٻڌائڻ چاهيو.

اياز: ڪوڙ دوست آهن منهنجا، نالا ڳڻائڻ شروع ڪيان ته

جو خيال آهي ته شيخ اياز سڀني نوڪرين کان مٿاهون آهي. تنهنڪري هن جيڪا وائيس چانسلر جي نوڪري ڪئي اها سندس غلطي هئي. جڏهن ته توهان اهو چيو آهي ته وائيس چانسلر جي نوڪريءَ وارا چار سال ضايع ڪيا آهن. ان باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي؟

اياز: در اصل ڇا هو جو جوڻيجي صاحب فون ڪري مون کي چيو. (اهو مون پنهنجي ڪتاب ۾ به لکيو آهي) مون هن کي ڪاوڙائڻ نه ٿي چاهيو، ساڳئي وقت مون جوڻيجي صاحب سان به صلاح ڪئي هئي. ان ڪانپوءِ ACCEPT ڪئي هئم. ساڳئي وقت مون اهو به سوچيو ته مان هڪڙي چونڊيل وزير اعظم سان هڪڙو CONSTRUCTIVE (تعميري) ڪم وڃي ڪندس ٻيو نئين سٽيءَ ۾، هميشه DESTRUCTIVE (تخريبي) ڪم ڪرڻ نيڪ نه آهي. توهان سمجهندا هجو ته ممڪن آهي ته اهي چار سال وڃا پر هڪ ايڊمنسٽريٽر جي حيثيت ۾ اهڙا ڪيترا چڱا ڪم ڪيا هوندم، جيڪي ٻيا ڪي به وائيس چانسلر ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيندا. ڪيترن اديبن دانشورن کي مون اتي گهرايو ۽ جيترو منهنجو وس هو ڇاڪاڻ جو اسٽوڊنٽس COOPERATIVE (تعاون ڪرڻ وارا) ڪونه هئا. باقي جي اوهين چئو ته ڪنهن کي ٻيا ٻئي موڪلائي وڃي وائيس چانسلر ٿيان ها ته اهو ته مون سچي زندگي سوچيو ئي ڪونه هو. (توهان کي اهو احساس ته ڪونهي ته توهان پنهنجي زندگيءَ جا اهي چار سال وڃايا. انهن ڏينهن ۾ اچا وڌيڪ لکو ها، وڌيڪ مطالعو ڪيو ها. قاسم پگهيو.)

مان پنهنجا چار سال وڃايا، انهيءَ SENSE ۾ چيو هوندو ته مان لکي نه سگهيس ڪجهه، ڇاڪاڻ جو هڪ ته انتظامي

شروع ڪيم، ان ۾ مون پنهنجي زندگيءَ جون ڳالهيون لکيون، جيستائين مان ڪنهن ناول تي اچان، تيستائين پنهنجا جيڪي تجربا هئا، اهي لکڻ شروع ڪيم. انهن جي پنهنجي هڪڙي اهميت آهي، هڪڙي دور جي عڪاسي آهن. انهن ۾ مون رڳو پنهنجو ذڪر نه ڪونه ڪيو آ، انهن ۾ ڪيترن همعصرن جو ذڪر ڪيو آ، پنهنجي ماحول جو.

اعجاز منگي: پنهنجي زندگيءَ جو ڪهڙو دور توهان کي ڏاڍو ياد ايندو آهي؟

اياز: سڀئي دور ياد ايندا آهن. (انهن مان ڪهڙو دور وڻي ٿو توهان کي. اعجاز منگي) ظاهر آهي جوانيءَ وارو دور ٿي ٿو سگهي ٿو.

قاسم پگهيو: توهان هڪ نظم ۾ لکيو آهي ته منهنجي شاعريءَ کانپوءِ جيڪڏهن ڪنهن جي شاعري اسري ته، اها انهن هوندي، جن ڪمند جي هڪڙي فصل لڻڻ کانپوءِ پيو نسرڻو هجي. ان جي وضاحت.

اياز: اها منهنجي پنهنجي ازا آ. انهن ناهي، دراصل وڏو شاعر اهو ٿيندو جيڪو الهيءَ سموري فصل کي ٻي ٽيلي ڏئي وري پنهنجي پوک شروع ڪري.

اعجاز منگي: توهان علاج لاءِ ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيا آهيو، اسان جون اميدون آهن ته جلد صحتياب ٿي موٽي اچو وري نوان ڪتاب ڏيو، نئون علم ڏيو. تيستائين سنڌي ماڻهن لاءِ ڪو پيغام ڏئي وڃو.

اياز: مان ڪهڙو وڏو پيغام ڏيان. هر ڪو ماڻهو جيڪو سنڌ ۾ آ، ان کي پنهنجو پيغام آ، توهان ڏسو سڀ اخبارون ڀريون پيون آهن (ٽهڪ ڏئي کلندي). انهن جي لاءِ، جيڪي توهانجي پيغام لاءِ سوچن ٿا، اعجاز منگي).

پورو ڪتاب ٺهي ويندو. مان پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو آهي، ڪڙين ۾ انهن کي ياد ڪيو آهي، ڪڏهن ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ انهن سان گڏ شعرن جون محفلون ٿينديون هيون، اوچن شاد جيڪو روز مون سان گڏ گهمندو هو، شام جو پڙهون ته پنهنجا شعر انهيءَ کي ٻڌائيندو هوس. مان جڏهن بمبئيءَ ويس ته جڏهن رات جو ٻارهين ٿائين ڪين شعر ٻڌائيندو رهيس ۽ نيٺ ته چيائون ته ڪٿي رهندين. مون انهن کي چيو ته مان اوچن وٽ وڃي رهندس. منهنجو دوست آ. هتي جڏهن Riots ٿيا ته اوچن ۽ سندس پاڻ هليا ويا پاڻي پنهنجو فليٽ وغيره هٿ ڪرڻ جي لاءِ، هن جي ماءُ ۽ ڀاڄائي وغيره هتي رهندا هئا. Riots ۾ ڪرفيو لڳل هوندو هو. مان ٺهي ويندو هوس هن کي ڊبل روٽيون ۽ ڪافي پتي جو سامان وٺي ڏئي ايندو هوس ته هن جي ماءُ مونکي پٽ وانگر ڪري پائيندي هئي (هاڻي ويچاري گذاري وئي ۹۰ ورهين جي عمر ۾) روز منهنجي لاءِ ڪيلا، چڪو وغيره سڀ ڪجهه. منهنجي لاءِ آڻي رکندي هئي ته هي به کاءُ هو به کاءُ، ته اٿي جڻ مونکي پنهنجي گهر وانگي محسوس ٿيندا هئا. پيا به ڪيترائي دوست هئا. هتو، اتم ۽ راڄ سان به واسطيون رهيون آهن.

قاسم پگهيو: امرتا پريتم کي سوانح حيات لکڻ لاءِ چيائون ته چيائين هن وقت ٿائين مون جيڪي ڪجهه لکيو آهي اهو منهنجي بايوگرافي آهي. پوءِ به وري بايوگرافي رسيدي ٽڪيٽ لکيائين. اوهان پنهنجي بايوگرافي لکڻ جي ضرورت ڇو محسوس ڪئي؟

اياز: ضرورت! (ڪجهه وقت خاموشيءَ ڪانپوءِ) ويٺو هوس پنهنجي موڊ ۾ پروز شاعري ڪري ٿڪجي پيم. پوءِ نثر لکڻ

TUBE-ROSE (گل شبو) ڏاڍا ٻو ڪائيندو هوس.

قاسم ٻگهيو: پير حسام الدين راشدي هڪ دفعي تقرير ڪندي چيو هو ته سچل ان ڪري وڏو شاعر نه ٿي سگهيو جو هن کي گربخشاڻيءَ جهڙو شارح نه مليو. توهان جو ڇا خيال آهي ڪنهن شاعر کي وڏي شاعر بڻجڻ لاءِ ڪنهن شارح جي ضرورت ٿئي ٿي؟

اياز: ضرورت ٿئي ٿي. غالب لاءِ جيڪڏهن بجنوري ۽ حالي ڪتاب نه لکن ها ته غالب ايڏو وڏو نه ٿي سگهي ها، بجنوري جڏهن انگلينڊ کان موٽيو ته هن يورپين آرٽ جي بيڪ گرائونڊ جي مطالعي سان جيڪو غالب تي ننڍو ڪتاب لکيو، جيڪو ڏاڍو سٺو ڪتاب آهي. جنهن ۾ لکيائين ته برصغير جا ٻه اهم ڪتاب آهن هڪ ديوان غالب ۽ ٻيو ويد، ته شارح جي ضرورت پوي ٿي. خاص ڪري جيڪڏهن هن جو وسيع ۽ گهرو مطالعو هجي.

قاسم ٻگهيو: توهان کي سنڌ جي موجوده نقادن مان ڪنهن ۾ اها اميد آهي ته هو توهان جي شاعريءَ جي تشريح سان پورو انصاف ڪري سگهي ٿو.

اياز: اهو ڪيئن چئجي؟ اهو مون ۾ دلچسپي وٺي ٿو يا نه؟ اهو مان ڪيئن ٿو چئي سگهان. ابراهيم جويو ۽ ٻيو تمام وڏي پائي جا عالم ۽ ڏاها ماڻهو آهن پر انهن جون پنهنجون مصروفيتون آهن، Prvirities آهن. بهرحال ابراهيم جويو هڪ دفعو سکر آيو ته هن مون "اکين تيرا ڦليا" پڙهي لکيو، هن اهو پڙهيو ۽ ايڏو متاثر ٿيو جو چيائين، "جيڪڏهن مون کي فرصت ملي ته مان سنڌي جي POTENTIAL تي هڪڙو ڪتاب لکان." ابراهيم ۾ اها جان آهي، هو لکي سگهي ٿو، پنهنجو منهنجي ويهن لاءِ لکي سگهي ٿو.

اياز: (ڪجهه وقت ماٺ ۾ رهڻ ڪانپوءِ) صحيح ۽ سچو ادب پڙهڻ جي لاءِ هڪ سياست آ، جڏهن ڳالهه ڪئي سچ سمجهڻ اهائي ڪئي وڃي. ڪوڙ سان ڪمپرومائيز نه ڪئي وڃي. پئسي جي لاءِ نه لکيو وڃي، نوڪريءَ جي لاءِ نه لکيو وڃي، ڪنهن به عهدي لاءِ نه لکيو وڃي، ڪنهن جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ ڪان ڊڄي نه لکيو وڃي. سچ جي لاءِ لکيو وڃي، جيڪو اديب جو دماغ سچ سمجهي اهو ئي لکي. ٻيو Theories (نظريا) ۾ ماڻهوءَ کي نه ڦاسڻ گهرجي. پڙهڻو ۽ ڇنڻ (Vision) هئڻ گهرجي، پنهنجي پراڻي ڳالهه تي نه اڙڻ گهرجي.

اعجاز منگي: ذاتي پسند ناپسند جي حوالي سان توهان کي ڪهڙو شهر وڻندو آهي؟

اياز: (ڪجهه وقت جي ويچار ڪانپوءِ) مونکي نه ٺٽو وڻندو آهي. هن عمر ۾ مونکان اهڙو خفو ڪو نه ٿيندو نه ته جيڪر جاءِ ٺهرايان ها ٺٽي ۾ (ٺٽو ڪهڙي حوالي سان - اعجاز منگي).

اياز: ٺٽي ۾ رهڻ، تاريخ ۾ رهڻ آهي. چوڌاري سنڌ جي تاريخ پکڙي پئي آهي. هونئن به آبهوا به ڏاڍي چڱي اٿس، موتئي ۽ گلاب جو شهر آهي. امير خسرو ٺٽي جي موتئي کي ساراهيو آهي. ماڻهو ڏاڍا چڱا آهن، مان اُتي ڪو وقت رهيو آهيان، غريب ماڻهو گهڻا آهن ۽ هيٺين طبقو مونکي وڌيڪ پيارو لڳندو آهي. ٺٽو تمام پيارو شهر آهي. خاص سبب اهو آهي ته اُن ۾ تاريخ جو پراڻو احساس آهي.

اعجاز منگي: ڪهڙا گل توهان کي وڻندا آهن.

اياز: سڀ وڻندا آهن. رابيل جو گل گهڻو وڻندو آهي. گل سڀئي وڻندا آهن. جامشوري ۾ هوندو هوس ته

اياز: مون ايمانداريءَ سان ڏٺو آهي ته ماڻهن کي پيا ته موقعا نه ٿا ملن پيا انهن کي فنڊز ٿا ملن، هاڻي عبدالقادر جهڙو ماڻهو جيڪو تمام ذهين آهي. مان هميشه لکڻيون جڏهن ڏسندو آهيان ته حيران رهجي ويندو آهيان ته هنن کي ٻوليءَ تي ڪيتري قدرت آهي. اهو ڪيترو ڪم ڪري ٿو سگهي. مان سمجهان ٿو ته هنن کي اسٽاف جي ڪوآپريشن نه آهي انهيءَ جي ڪري آئوٽ پٽ (OUT PUT) گهٽي ڪونه ٿي ٿئي. ممڪن آهي ڪجهه ڪم ڪندو هجي.

ادبي بورڊ جو هن وقت تائين ڪو ڪم مون ته ڪونه ڏٺو آهي. ڊڪشنريءَ وارو ڪم چڱو آهي. پر شاه ڪلهوڙ ڪاميٽيءَ جو ته الائي ڪهڙو ڪردار آهي. جيڪي ڪتاب ڇاپيا اٿس اهي ڪڏ ۾ اڇلائڻ جهڙا آهن. انهن سڀني ادارن جي ڪوآرڊينيشن هئڻ گهرجي. مون مهتاب راشديءَ سان به ان سلسلي ۾ ڳالهايو آهي هوءَ ڪافي انٽريسٽيڊ آهي. سنڌيءَ ۾ هونئن ته ادبي ڪم گهٽ ٿي رهيو آهي ٻين ٻولين جي مقابلي ۾ پر اڃا گهٽ ڪم ٿي سگهي ٿو.

اعجاز منگي: هندستان ۾ جيڪي ليکڪ آهن، توهان جا پڙهندڙ آهن، انهن جي لاءِ ڪجهه چوڻ چاهيو ته.

اياز: انهن کي سنڌي ٻوليءَ کي ڇڏڻ نه گهرجي. اتي جو اها موومينٽ هلي ٿي ته ديوناگري اسڪرپٽ ايڊاپٽ ڪيو وڃي. مان سمجهان ٿو اهو مناسب ناهي. جيڪڏهن پنهنجو خاتمو چاهيندا هجن ته پوءِ ديوناگري اسڪرپٽ ايڊاپٽ ڪن ۽ اسان کان بلڪل الڳ ٿي وڃن. هتي ديوناگري اسڪرپٽ ته ڪونه هلي سگهندو. هو عربي اسڪرپٽ اڳي ئي ڄاڻن ٿا. ديوناگري اسڪرپٽ جي ڪري هتان جي ڪتابن کان بلڪل ڪٽجي ويندا ۽ اسان هنن جي ڪتابن کان ڪٽجي وينداسين. سنڌي ٻوليءَ کي اتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ●

C.S
23
058
0299
S. Aya



JUG MIRYOEE SAPNO

BY SHAIKH AYAZ

SINDHI TIMES PUBLICATION - 91